1

جيئي سنڌ اسٽوڊنٽس فيڊريشن جسمم جو ترجمان

سلسليوار

# رهبر

رهبرُ تي ريڙهيانس، سونهاري ساٿيهه ڏي (شاهه)

جي هِت هئي مارئي، تہ لڏيم ڪر ڪٺياس،
ارداسيم عمر کي ويجهو تي وٺانس،
جي نہ ڇڏيائين، ڪِ جهليائين، تہ پنهنجو انگُ آچيانس،
لاهي لوهہ لطيف چئي هتان هُند هلانس،
موڪي ملير سامهين، ونئي ٻانهن وجانس،
رهبرُ تي ريڙهيانس، سونهاري ساٿيهه ڏي. (شاهه)

سائين جي.ايم سيد جي 112هين سالگره جي موقعي تي

## ’رهبر‘ شمارو

نگران اعليٰ:
جبار جهتيال
شهزاد منگلو
منصور سنڌي

## سٿاءُ


* ايڊيٽوريل ............................ اداري پاران
* نوجوان - قوم جي قيادت (خصوصي پيغام) ................ شفيع محمد بُرفت - چيئرمين جسمم
* جي لوٽ لڳين لائين، ڇيري ڇيري ڇمُ (انٽرويو) ................ جساف(جسمم) باندي چيئرمين حفيظ پيرزادو
* پٽائي صاحب جو سنڌين ڏانهن سنيهو ................ محترم جي. ايم سيد
* اسين لوچون لوهہ ۾ ................ شهزاد منگلو
* سنڌ جي شاگرد سياست جو اڀياس ................ جبار جهتيال
* انقلاب، تعليم ۽ جساف(جسمم) ................ منصور سنڌي
* انهن ڪتابن کي ساڙي ڇڏيو ................ پرويز هودڀائي مترجم: س. س. ج
* ناءُ نئين سان، ويس بدل سان (ڪهاڻي) ................ شيراز پيرزادو
* ادب، آرٽ، فن ۽ قومي ثقافت (1962ع مهراڻ رسالي مان) .......... غلام محمد گرامي
* سنڌي ناريءَ جو قومي ڪردار ................ مائي بختاور جونئير
* پڙهيو، پڙهيجاءُ، سبق انهيءَ سور جو ................ پروفيسر لائق پرهياڙ
* شاعري
* سنڌ اوهان تي ناز ڪري ٿي - علمي مقابلن ۾ عالمي انعام يافتہ سنڌي شاگرد



email
Tarjumanjssfjsmm@mail.com Facebook.com/Tarjumanjssfjsmm


جيئي سنڌ اسٽوڊنٽس فيڊريشن (جسمم) - نشرواشاعت شعبو

# اداري پاران

سنڌ جيڪا چؤڪنيي غلاميءَ جي زنجيرن ۾ اهڙيءَ طرح جڪڙيل آهي جتي سنڌ جي وسيلن کي ڦري لٽي ڌرتي ڌڻين کي اهڙو تہ عذاب ۾ مبتلا ڪيو ويو آهي جو تر سميت سنڌ جا ماڻهو بک ۽ بدحاليءَ سبب تڙپي تڙپي مري رهيا آهن. بي روزگاريءَ سبب سنڌ جا نوجوان خودڪشيون ڪري رهيا آهن، بدامني، ڪرپشن ۽ قبيلائي تڪرار – مذهبي انتها پسنديءَ جهڙا مسئلا سنڌي سماج لاءِ ناسور بڻجي چڪا آهن. ٻولي، ڪلچر، معياري قدرن ۽ بهترين روايتن جا ساهہ پساهہ پورا ٿيڻ لڳا آهن. درياءَ، ٻيلا، ڏنڍيون، ٻيٽ قيمتي جبل ۽ پٽر سنڌ جو ديسي دلال ڌارين جي حوالي ڪري رهيو آهي، سنڌ جون زمينون رٽائر پنجابي فوجين جي حوالي ڪيون ويون آهن. سنڌ جي تعليمي ادارن جو ماحول هٿ سان بگاڙيو ويو آهي. يونيورسٽين ۾ پوليس، رينجرس ۽ فوج کي مقرر ڪري ڇانوڻين ۾ تبديل ڪيو ويو آهي، سنڌ ۾ غير سنڌين کي ڊوميسائل ناهي نوڪرين تي رکيو پيو وڃي. پنجابين، پٺاڻن، بهارين، بنگالين، برمين، ٻونيرين ۽ سرائين سميت ڌارين کي آباد ڪرڻ لاءِ پ.پ.پ جيڪا پنجاب يا پاڪستان رياست جي رکيل – لونڊي يا چاپلوسي ڪندڙ پارٽي آهي. سا هميشہ روڊن تي ڪيمپرن هٽي سنڌ ۾ ڌارين کي پليڪار ڪندي آباد ڪري رهي آهي. اهڙي صورتحال ۾ جڏهن سنڌ جو دشمن پنجاب سامراج خونخوار ديو بڻجي پنهنجا زهريلا چنبا سنڌ جي معصوم وجود ۾ وڌيڪ کوڙي رهيو آهي پنهنجي ظلمن جي انتها ڪندي سنڌ جي حقن جي لاءِ جدوجهد ڪندڙ کي ساڙي، ماري ۽ اذيت خانن ۾ واڙي رهيو آهي. تڏهن اهڙي سنگين صورتحال ۾ بہ اگر سنڌين بيگانگي ۽ لا پرواهي ڪان ڪم ورتو تہ پوءِ هو سنڌ ۽ سنڌين جي وجود جا ويري سنڌ جي هر شيءِ کي تباهي ۽ بربادي جي ان حد تائين وٺي ويندا جتي ڪجهہ بہ تہ بچندو.

الا ائين مَ هوءِ جو ڪتابن ۾ پڙهجي،
تہ هئي ڪا سنڌ ۽ سنڌ وارن جي ٻولي

اهو سنڌي جيڪو پنهنجو پاڻ کي ڀٽائيءَ جي ڀونءِ جو وارث ۽ مالڪ سمجهي ٿو. جنهن جو رت ۽ گوشت سنڌوءَ جي پاڻيءَ ۽ ڌرتي جيجل جي مٽيءَ مان نهيل آهي پوءِ چاهي هو شاگرد هجي يا استاد، ڊاڪٽر هجي يا پروفيسر، هاري هجي يا واپاري، پورهيت هجي يا ڪنهن بہ شعبي سان تعلق رکندڙ هجي. اجا بہ اگر غفلت جي ننڊ ۾ گهيريل رهيو اجان بہ انائن ۽ ضدن جا غليظ تاج نراڙن تي پائيندو رهيو. اجا بہ بزدلي ۽ ياڙيائپ جي غارن، غفائن ۽ ٻرن ۾ لڪيو رهيو. بي عملي ۽ بي همتي جي وضيفن کي جاري رکيائين، اجا بہ اگر ننيڙين ذاتي مفادن جي حاصلات ۽ خسيص پٺي وارين ڪنڊن ۾ اونڌهي منهن جيئندو رهيو، اجتماعي ۽ قومي مفادن کي ترڪ ڪندو رهيو، تہ پوءِ پڪ سان چئي سگهجي ٿو تہ سندس ذهن ۽ ضمير بيمار نہ پر مئل آهي. اهڙي بيماري ۽ موت کي حياتي، جاودان ۽ صحتمندي صرف ۽ صرف شاهہ عبداللطيف ڀٽائيؒ ۽ سائين جي ايم سيد جي نظرئي تي عمل ڪري ئي ملي سگهي ٿي. جيڪو سنڌ جي حقيقي ۽ ازلي روح جو جوهر آ.

# قوم جي قيادت - نوجوان

شفيع محمد بُرفت چيئرمين جسمم



ڪنهن بہ سماج کي ان جي قيادت گهربل هوندي آهي. قيادت سان مراد آهي ان سماج جي سياست، اقتصادي گرفت ۽ دنيا جي ٻين قومن سان لڳ لاڳاپا. جڏهن ڪا بہ قوم (سماج) غلام بڻجي وڃي تہ تنهن قوم يا سماج جو هر طبقو خواه اُهي شاگرد هجن، هاري هجن، پورهيت هجن، مڊل ڪلاس هجن، سياسي ڪارڪن هجن يا اديب دانشور هجن، تنهن قومي غلامي ڪري پنهنجا بنيادي سماجي قدر يا قومي قدر وساري ويهندا آهن. سماجي قدر سماج جي مختلف طبقن جي گڏيل ڏاهپ ۽ مسبت سوچ سان ئي ٺهن ٿا. سنڌ جي اها بدقسمتي آهي تہ موجوده غلامي ڪارڻ اسين هڪ قوم هوندي تنهن قوم جي سياست جا وارث ناهيون. اسان هڪ بهترين اقتصاديت هئڻ باوجود سنڌ جي وسيلن ۽ معاشي پيداوار کي پنهنجي وطن جي ماروئڙن لاءِ قطب آڻڻ کان قاصر آهيون. تنهن ڪري آءُ جڏهن سماج جي قيادت جي ڳاله ڪريان ٿو تہ اها ڳاله ضرور ياد رکڻ گهرجي تہ ويجهي ماضي ۾ دنيا جي مڙني ملڪن وٽ باصلاحيت ۽ وڏي سطح جي سياسي قيادت ۽ اڳواڻ موجود هئا جن نہ صرف پنهنجي قوم ۽ ملڪ کي انقلابن کان روشناس ڪرايو پر گڏوگڏ سموري دنيا جي ڪنهن بہ خطي ۾ ٿيندڙ انياءُ ۽ ظلم خلاف پنهنجو آواز بہ بلند ڪندا رهيا ۽ مظلوم قومن جي سائنا ذريعي دنيا کي وڌيڪ پرامن بڻائڻ جا جتن بہ ڪندا رهيا. اهڙي وسيع ذهنيت رکندڙ گلوبل قيادت جو سنهري دور هو جيڪو صدي جي گذرڻ سان گذري ويو. جهڙي ريت اج هڪ طرف دنيا گڏيل قيادت يا گلوبل قيادت کان محروم آهي تهڙي طرح سنڌ پڻ پنهنجي گڏيل سياسي قيادت جي اٽاٽ سان دوچار آهي. سنڌ جي ادبي ڪيتر ۾ ڪا بہ اهڙي ٽيم پيدا ٿي نہ سگهي آهي جيڪا سنڌ جي ڪيس کي ادبي محاذ تان وڙهندي هجي. اسان جي سماج ۾ اهڙا اديب جنم وٺي نہ سگهيا آهن جيڪي پنهنجي اصلوڪي دراوڙي تعارف سان سنڌ جي هزارها سالن واري مهن دڙي جي مذهبي روادار روايتن، مهذب پٽي ۽ آزاد قومي حيثيت کي تاريخي طور سنڌي قوم آڏو ثابت ڪري سگهيا هجن. سنڌ جي سياسي پارٽين تي نظر ڊوڙايون ٿا تہ سنڌ جي سياسي پارٽين (آءُ فقط فڪري ۽ سياسي بنيادن تي قومي تحريڪ سان سلهاڙيل تنظيمن کي ئي سنڌ جون سياسي پارٽيون تصور ڪيان ٿو) ۾ اهڙي ڪا بہ سنجيده قيادت موجود نظر نٿي اچي جيڪا سنڌ جي آزاديءَ، قومي حيثيت، ڊيموگرافيءَ ۽ درياه بچائڻ واري سوال تي سمورن قوم پرست خيال رکندڙ پارٽين کي گڏيل طور قومي موقف ۽ قومي جدوجهد لاءِ هڪ پليٽ فارم تي ڪٺي ڪري سگهڻ جي صلاحيت رکندي هجي. قومي تحريڪ جون سموريون پارٽيون ننڍيون سياسي جماعتون تہ آهن پر

سنڌي سماج جي گڏيل قيادت واري وسيع فريم ورڪ جي متحرڪ جُز طور پنهنجا فرض سرانجام ڏيڻ ۾ ناڪام ويندي نظر اچي رهيون آهن. هاڻي اچون ٿا سنڌ جي تعليمي ادارن ڏانهن ، رياست جيڪا ڪنهن به صورت اها گوارا نٿي ڪري ته سنڌ جا نوجوان تعليمي ميدان ۾ اڳتي وڌي هڪ قوم جي اجتماعي شعور طور اُسري سنڌي قوم جي فلاح، آزاديءَ ۽ ترقيءَ لاءِ ڪردار ادا ڪرڻ جي اهل ٿي سگهن. سنڌ جا پرائمري اسڪول بند آهن، سنڌ جو وڏيرو ۽ پنجابي استعماريت سنڌ جي قومي غلاميءَ تي پاڻ ۾ ڳنجوڙ ڪري بيٺل آهن. هي جيڪي به وڏيرا، جاگيردار ۽ اشرافيه آهن اُهي سنڌ جي قومي غلامي تي پنجاب سان يڪ مشت آهن ۽ پنجاب چوي ٿو ته سنڌ کي تعليم کان محروم ڪيو وڃي ته وڏيرا ’جي سر‘ چئي تنهن سرڪاري فرمان تي عمل پيرا ٿيڻ لاءِ سنڌ جي اسڪولن کي اوطاقن ۽ خچر خانن ۾ تبديل ڪرڻ ۾ ڪو به عار محسوس نٿا ڪن. تعليم جيڪو تمام وڏو مورچو آهي جنهن ڪانسواءِ نه انقلاب ايندو نه اسين پنهنجي فڪري بنيادن کي سمجهي سگهنداسين، نه اسان تاريخ کي جانچي سگهنداسين، نه ئي پنهنجي قومي سورمن کي پروڙي سگهنداسين. تعليم ڪنهن به قوم جي سياسي بصيرت يعني قومي سياست کي سمجهڻ ۽ انقلاب کي منظم ڪرڻ لاءِ بنيادي ڳالهه آهي. ان ڪري هي جيڪو رياستي حملو اسان تي ڪيو پيو وڃي ان جي مقابلي ۾ مون وٽ سنڌي شاگردن لاءِ جيڪا گذارش آهي سا ساڳي ئي آهي جيئن آءُ اڳ به چئي چڪو آهيان ته اسان(سنڌ جي قومي تحريڪ) کي تعليمي ادارن مان گوريلا نه ڪپن. اسانکي سنڌ جي تعليمي ادارن مان اهڙا فڪري سياسي نظرياتي ۽ پنهنجن پنهنجن شعبن جا ماهر گهُرجن جيڪي سڄي دنيا ۾ پکڙجي سنڌ جي قومي ڪيس جي سفير طور دنيا تائين منتقل ٿين. ان لاءِ لازمي آهي اُهي نوجوان پنهنجي پنهنجي شعبي جي ماهر هجڻ سميت انگريزي جهڙي عالمي استعمال ٿيندڙ ٻولي جي پڻ خاصي ڄاڻ رکندڙ هجن. اها سنڌن اضافي خصلت هجڻ گهرجي. سنڌ جو نوجوان انتهائي سنجيدگي سان پنهنجي شعبن جي تعليم پرائڻ سان گڏ سنڌ جي درد کي پنهنجي دل ۽ دماغ ۾ رکي. ايئن نه ته سنڌ جو شاگرد سنڌ جي اهميت و افاديت، شاهوڪار تاريخ، آزاد وطن واري تصور وتشخص کي وساري هڪ بيروڪريٽ بڻجي وڃي ۽ هڪ بيروڪريٽ پاڪستان جهڙي رياستي فريم ورڪ اندر ڇا ٿو ڪري سگهي؟ هُو رشوت وٺي فقط پنهنجي عهدي جي ناجائز فائدي وٺندي پنهنجي خاندان کي سُکيو ڪري سگهندو جيڪو هر صورت سنڌ جي معاشري کي وڏيڪ غلاميءَ ڏانهن ڌڪڻ ۾ شمار ٿيندو جيڪو اسان نٿا چاهيون. تعليم ۽ علم اُهو جنهن سان علامه آءِ آءِ قاضي جهڙا ڏاها پيدا ٿي سگهن، شعور ۽ روشن خيالي اُها جنهن سان سنڌ کي سائين جي.ايم سيد جهڙي بصيرت وارا انسان ملي سگهن.

سنڌ جو نوجوان وڏي همت ۽ حوصلي سان اهليت جي بنيادن تي دنيا جي ٻين قومن جي شاگردن سان مقابلي جي سگهه رکندڙ هجي. جڏهن ڪنهن قوم جو نوجوان شاگرد اهليت جي بنياد تي ٻي قوم جي نوجوان سان مقابلو ڪري ٿو ته ان جي ٻي معنيٰ اها آهي ته دنيا جي هڪڙي قوم ٻي قوم سان اهليت جي بنياد تي مد مقابل آهي. اڄ پنجاب (جنهن قومي دشمن سان اسانجو قومي مقابلو آهي) جو شاگرد جن سرڪاري سهولتن سان آراستا ٿي مختلف ملڪن تائين پهچڻ ۾ ڪامياب ٿي وڃي ۽ تنهن ملڪ تائين سنڌي شاگردن جي رسائي اگر بنا ڪنهن سرڪاري سهولت ۽ غليظ غلاميءَ باوجود به ممڪن بڻجي وڃي ٿي ته اهو يقينن سنڌ لاءِ هڪ وڏو اعزاز آهي. جڏهن رياست اسانکي علم ڏيڻ لاءِ راضي نه هجي، وڏيرو اسانجي تعليم جو مخالف هجي ۽ پوءِ به سنڌ جا شاگرد سنجيدگي سان پنهنجن شعبن جي وڌ کان وڌ ڄاڻ رکندي، انگريزي سکي دنيا جي ٻين مُلڪن تائين منتقل ٿين ۽ اُتي پنهنجي قومي ڪيس جي وڪالت ڪن ته يقينا اها قومي جدوجهد جي اهم ڪڙي آهي. سنڌ جا نوجوان اگر اهليت جي بنياد تي اقوامِ عالم تائين پهچي پنهنجي تاريخي شناخت، موهن دڙي جي نمائندگي ۽ آزاد سنڌ جي ڪيس کي عمده نموني پيش ڪرڻ سميت پنهنجي لاڳاپيل شعبن جي مهارت رکندڙ آهن ته اهڙا نوجوان سنڌ جي آزاديءَ واري جدوجهد جي غير معمولي ذميواري سرانجام ڏئي رهيا آهن ۽ اها ذميواري سنڌ جي شاگردن تي ئي منحصر آهي. نوجوان ڪنهن به قوم جي آئندي جو آئينو ٿين ٿا. توهان ڏٺو هوندو ته دنيا جون قومون قيد ٿينديون آهن، مُلڪ قيد ٿيندا آهن، سنڌ ۾ ئي حُر تحريڪ دوران ڳوٺن ڀاهران لوڙها ڦيرائي پاڪستاني فوجين ڪين قيد ڪيو پر تعليمي ادارن کي خاردار تارون لڳائي قيد ڪرڻ وارو مثال اوهانکي فقط سنڌ ۾ ئي ملندو. اڄ قوم غلام آهي، وسيلا سلب ڪيا ويا آهن، اسانجي سياست اسانجي هٿن ۾ ناهي حاصل

مطلب تہ اسان کان سڀ ڪجھ کسيو ويو آهي پر اسانجي تعليمي ادارن کي رينجرز جي ڪڙي ۾ ڏئي اسانجو علم، شعور ۽ ڪتاب پڻ غلام ڪيا ويا آهن، اهڙي انتهائي ڏکوئيندڙ ۽ نرالي ڳالھ فقط ئي فقط سنڌ سان لاڳو ٿئي ٿي. ان انتهائي نازڪ صورتحال ۾ سنڌ جي شاگردن مٿان اها ذميواري عائد ٿئي ٿي تہ هو پاڻ کي ايندڙ وقت جو بهترين ذهن ثابت ڪن. ان سان گڏوگڏ سنڌ جي استادن مٿان اها قومي ذميواري عائد ٿئي ٿي تہ اهلِ فهم محب وطن استاد پنهنجي شاگردن اندر لاڳاپيل شعبن جي وڌ کان وڌ مهارت پيدا ڪن، شاگردن جي حوصلا افرائيءَ ۽ ڪردار جي تعمير و تشڪيل جو فرض پڻ سنڌ جي استادن کي ئي ادا ڪرڻو پوندو. آءٌ سنڌ جي استادن سان مخاطب ٿيندي کين اپيل ڪندس تہ سنڌ جي نوجوانن کي سنڌ جي تاريخ کان ضرور واقف ڪرائين تہ اسان هن ٻي قومي نظريي جي آڌار تي اسلامي ۽ مذهبي قوميت جا قيدي ناهيون. رياست اڄ اسان سنڌي قوم کي جسماني طرح تہ غلام ڪيون ويني آهي پر اسانکي نفسياتي غلام پڻ ڪيو ويو آهي جنهن خلاف سنڌ جي شاگردن جو ڪردار انتهائي ضروري آهي. دراوڙي - آريائي تهذيب جي مرڪبمان تشڪيل ٿيل نئين تهذيب کي اسان جديد سنڌي قوم چئون ٿا ۽ تنهن قوم جي تاريخي شعور، فهم ۽ فڪر کي سنڌ جا استاد شاگردن ڏانهن منتقل ڪرڻ ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪن تہ جيئن نوجوانن اندر ڊسپلين، اخلاقي ڳڻ ۽ خوداعتمادي پيدا ٿي سگهي.

سنڌ جي نوجوانن مٿان تاريخ اها اضافي ذميواري پڻ وِڌي آهي تہ سنڌ جي تباھ و برباد ٿيندڙ سماجي و ثقافتي قدرن جو بچاءُ پڻ ڪن. اڄ سنڌي سماجي جي پيداواري قوت ۽ اقتصادي شہ رڳ تي پنجاب تي قبضي هيٺ ڪري سنڌ جي اقتصادي خوشحالي موڪلائي وئي آهي. ماضي ۾ سنڌ جي ڳوٺن اندر وافر مقدار پاڻي ڪري فصل جي گهڻائي هوندي هئي، سنڌي ماڻهن جون گُنديون اَن سان ڀُريون هونديون هيون. کير، ماکي، مکڻ،ڏُڌ ۽ لسي جا مٽ پريل هوندا هئا، هر آيل جو آڌرڀاءُ ڪيو ويندو هو پر جڏهن کان اسين پنجاب جا غلام ٿيا آهيون اسان جو ماڻهو ٻن ويلن جي ماني لاءِ حلاڪ آهي. اها هڪ دردناڪ حقيقت آهي تہ اڄ سنڌي سماج ۾ رهندڙ ماڻهن جي اڪثريت گهرڀاتين جي بيمار حالت ۾ دوا دارون جيتري سگھ بہ نٿا رکن. جڏهن ڪنهن بہ قوم کان اُن جا وسيلا ڦُريا ويندا آهن تہ تنهن قوم جا سماجي، اخلاقي ۽ ثقافتي قدر ڪمزور ٿيڻ شروع ٿي ويندا آهن. تنهن ڪري سنڌ جي نوجوانن مٿان اها لازم ۽ ازخود ذميواري عائد ٿئي ٿي تہ اُهي پنهنجن ڳوٺن، شهرن ۽ پاڙن ۾ سنڌ جي حقيقي سماجي اخلاقيات کي بچائڻ، سنڌ جي نوجوان کي نشي، چوري سميت سموري منفي ذهنيت کان بچائڻ لاءِ جاکوڙين. سُٺي شخصيت ئي سُٺا ليڊر پيدا ڪري سگهندي آهي ۽ سنڌ جو نوجوان سنڌ جي آئنده جي ليڊر وارن فرضن کي سرانجام ڏيڻ جو ذميوار آهي. اِتي آءٌ هڪ سوال اوهان جي آڏو رکندس، ڇا فقط پڙهيل لکيل نوجوان ئي بهتر شخصيت جو مالڪ ٿي سگهي ٿو؟ ڪو بہ انسان جيڪو اڻ پڙهيل آهي تنهن کي پڻ سماجي قدرن جي اٽثر ضرور پوي ٿي. سنڌ جو اهو نوجوان جيڪو هاري، پورهيت آهي يا جيڪو سنڌ، مهراڻ، زرعي يا ڪراچي يونيورسٽي جهڙن تعليمي ادارن اندر تعليم پرائي ٿو انهن سمورن کي پنهنجي ڪردار ۽ شخصيت ۾ هڪ سُٺو محبِ وطن سنڌي بڻجڻو پوندو. ان جو بنيادي ڪارڻ اهو آهي تہ اسين تاريخي طور روادار، ماڻهپي وارا، صوفي ۽ درگذر ڪندڙ يعني مذهبي طور انتهاپسند هجڻ کان محفوظ رهيا آهيون ڇو تہ اسين بنيادي طرح مهذب قوم جي حيثيت جا حامل رهيا آهيون. اسان سنڌي ٻُڌ، جين، هندو، مسلمان، شيعا، سُني يا قادياني هُجون الغرض ڪهڙي بہ خيال يا مذهب سان تعلق رکندڙ هڪ سُٺي محبِ وطن سنڌي نوجوان جي حيثيت ۾ اسانجو ڪردار جيترو بهتر هوندو اسان پنهنجي قوم کي اوترو وڌيڪ ڪجھ ڏئي سگهنداسين.

مجموعي طور اهو ئي پيغام آهي تہ استاد اضافي وقت ۽ صلاحيت سيڙائي بہ نوجوانن کي تعليمي مهارت بخشين ۽ 'تاريخي سنڌ' کان روشناس ڪرائين. سنڌ جي نوجوانن کي چوندس تہ توهان مٿان اهو لازم ملزوم فرض آهي تہ نہ فقط پنهنجي شعبي ۽ انگريزي ٻولي جي مهارت حاصل ڪن پر پنهنجي بلند اخلاق سان اردگرد جي ماحول جو رول ماڊل سمبل بڻجي ڳوٺ جي هارين، نواجوانن ۽ ٻڍن کي سمجهائڻ جي ڪوشش ڪن تہ سنڌ هزارين سالن کان فڪر ۽ فلسفي جي امين ڌرتي رهي آهي ۽ اُن ڌرتي مٿان مسلط پنجاب جي غلامي ڪري سنڌ جا اخلاقي ثقافتي قدر، سنڌ جا وسيلا ۽ معيشت تباھ پئي ٿئي. اگر نوجوان سنڌي قوم اندر وطن جي حُب وارو اُهو تاريخي ۽ فطري جذبو پيدا ڪرائي وڃن ٿا تہ اُها هڪ وڏي قومي انقلابي خدمت هوندي.

* * *

# ”جي لوڻ لڳين لائين، چيري چيري چمُ“

## جساف (جسمم) چيئرمين حفيظ پيرزادو جو سينٽرل جيل لاڙڪاڻي مان رهبر سٽ کي ڏنل خصوصي انٽرويو



سوال: 1 توهان کي ڪيئن ۽ ڪٿان گرفتار ڪيو ويو ۽ توهان جي گرفتاري جا ڪهڙا سبب هئا؟

جواب: ادا منهنجي گرفتاري پنهنجي ڳوٺ مان ئي ٿي، پارٽي چيئرمين جي حڪم تي شهيد سرويچ پيرزادو، شهيد واجد لانگاهه، شهيد فهيم پٿو ۽ شهيد روشن بروهي جي پهرين ورسي جو جلسو منهنجي ڳوٺ ٻلهڙجي ۾ منعقد ڪيو ويو، ان ورسي ۾ جساف جي مرڪزي دوستن جبار جهتيال، شهزاد منگلو ۽ ڊويزنل اڳواڻ صدر الدين ڪولاچي سميت مون شرڪت ڪئي، جلسي جي تيارين دوران ڪن ذريعن وٽان معلوم ٿيو ته جلسي واري ڏينهن يا ان کان پوءِ توهان مٿان چڙهائي ٿي سگهي ٿي، انڪري جلسي ۾ شريڪ نه ٿيندا. مون جبار ۽ شهزاد اڳيان معلومات رکي انهن دوستن به مونکي جلسي ۾ شرڪت کان روڪيو پر مون انهن کي اهو چئي انڪار ڪيو ته اگر جلسي تي رياستي حملو ٿيو ۽ آءُ موجود نه هجان توهان اتي هجو توهان کي ڪجهه ٿي وڃي اها منهنجي لاءِ وڏي تهمت هوندي، ان ڪري وڏيڪ مونکي نه چئيو جيڪو به ٿيو پاڻ سڀ گڏ هوندا سين. مون انهن کي اهو به چيو ته هي جلسو ناڪام ڪرڻ جي سازش آهي، باقي هتي ڪجهه به نه ٿا ڪري سگهن، پهرين ڊسمبر تي جلسو رکيل هو ۽ ان ڏينهن صبح جو ننڊ مان اٿڻ سان ئي مونکي چڻ ذهن ۾ ڪلڪ ٿي رهيو هو ته اڄ ڪجهه نه ڪجهه ضرور ٿيندو، ان سبب ڪري منهنجي طبعيت بيقراري واري هئي، جيڪي دوست مونسان گڏ هئا، انهن ممڪن آهي ته اها منهنجي ڪيفيت نوٽ ڪئي هجي، بهرحال جلسو ٿيو، جلسي ۾ قومي ڪارڪنن ۽ مختلف سياسي سماجي تنظيمن جي ڪارڪنن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي، جلسي کانپوءِ خيرات جي ماني جو بندوبست پڻ ٿيل هو، سڀني دوستن کي ماني ڪارائي فارغ ڪرڻ کانپوءِ آءُ ۽ ڪجهه دوست شهيد سرويچ ۽ شهيد شڪيل ڪونهارو جي والد سائين لطف پيرزادو ۽ بابا گل محمد ڪوهارو سان گڏ درگاهه شاهه جمال تي ويٺا هئاسين، اسان کي ويٺي 10 کان 15 منٽ مس گذريا ته اسان مٿان پوليس جون ورديون پهريل ۽ سول ڊريس پهريل فورس جو گهيرو ٿي ويو، اها چڙهائي ايتري ته خاموش ۽ تڪڙي هئي جو اسان کي خبر تڏهن پئي، جڏهن فورسز اهلڪار اسان جي مٿان، G3 ۽ ڪلاشنڪوف تاڻي چوڌراي گهيرو ڪري ويا ۽ اسان جي نڪري وڃڻ جي ڪا به واٽ نه رهي. اسان ان حملي لاءِ توڙي جو تيار نه هئاسين پر ان خدشي کان غافل به نه هئاسين، اسان سڀني دوستن پاڻ کي ان ڏينهن لاءِ هميشه تيار رکيو ته ٻين ساٿين جيان اها مهل هڪ ڏينهن اسان مٿان به ضرور اچڻي آهي، آءُ خاص ڪري دوستن کي چوندو به هيس ته گرفتاري ڏيڻ کان بهتر اهو ٿيندو ته ان وقت وڙهي وطن تان وارجي وڃون چاڪاڻ گرفتاري کانپوءِ به



ٻڌتي هئي تہ شل ٻيو ڪوبہ منهنجو ساٿي گرفتار نہ ٿيو هجي. گاڏيون اسان کي ڪٺي تيز رفتار سان 20 کان 30 منٽن تائين لاڙڪاڻي شهر ۾ داخل ٿي ويون، مونکي جيئن ئي پوليس موبائل مان سپاهين هيٺ لاٿو تہ مون انهن کان پھريون سوال اهو ڪيو تہ ٻيا ڪيترا گرفتار ڪيو اٿو سپاهي مونکي جواب ڏنو تہ توهان ٻہ ئي آهيو، سپاهي جي ان جواب منهنجي اندر وڏي خوشيءَ جي لهر پئدا ڪئي ۽ آءُ پاڻ کي فاتح سمجھڻ لڳس. اها هئي منهنجي گرفتاري جي مختصر ڪهاڻي پر گرفتاري جا سبب جيڪي هئا ان جو وڏو سبب منهنجي پارٽي هئي جيڪا هميشہ ڪانئر اڪ ۾ ڪنڊو رهي آهي، گرفتاري جو سبب پنهنجي پارٽي چيئرمين جي اصولي فيصلن تي ٽڪي بيهڻ ۽ عمل ڪرڻ آهي، منهنجي گرفتاري جو سبب شهيد مهاراجا ڏاهر کان شهيد راجا ڏاهر پنيرو تائين قوم ۽ سنڌ مٿان سر قربان ڪرڻ جي عزم کي برقرار رکڻ آهي، منهنجي گرفتاري جو سبب دولهہ دريا خان ۽ هوشو شيدي جي هٿ مان ڪريل تلوار وطن جي آزادي لاءِ کڻڻ آهي، منهنجي گرفتاري جو سبب پنجاب سامراج طرفان لتيل سنڌ جي آزادي ۽ وسيلن جي واپسي ۽ سندن رستا روڪ آهي، منهنجي گرفتاري جو سبب مسقبل ۾ افق تي چمڪندڙ سنڌوديش جي آزادي جو سج ۽ اقوام متحده ۾ امڪاني طور پنجابين کي نظر ايندڙ شهيدن جي رت سان ريٽيل ٻاڙهو ۽ هوشو جي ڪهاڙي وارو جهندو آهي، جنهن جي حفاظت ۽ بلندي لاءِ لکين عاشق ميدان ملهائڻ لاءِ تيار آهن، منهنجي گرفتاري جو سبب غلام ڌرتي جو فرد هجڻ آهي، منهنجي گرفتاري جو سبب قومي آزادي لاءِ آواز بلند ڪرڻ آهي، منهنجي گرفتاري جو سبب پنجابي سامراج جو خوف آهي جيڪو ڪنهن بہ صورت ۾ انهن جي اندر مان نڪري نہ ٿو سگهي، منهنجي گرفتاري جو سبب سائين جي ايم سيد جي فڪر سان روحاني رشتو قائم ڪرڻ آهي، منهنجي گرفتاري جو سبب سنڌين کي آزادي لاءِ منظم ڪرڻ آهي، منهنجي گرفتاري جو سبب ان ڪاهوڙڪي ڪير جو حصو هجڻ آهي جيڪو منصوري صدا سان سنڌ جي هر گام هر گهٽي ۾ گونجي رهيو آهي، منهنجي گرفتاري جو سبب "چلي هي رسم ڪي ڪوئي نا سر اٺاڪي چلي" واري رسم کي قبول نہ ڪرڻ آهي، منهنجي گرفتاري جو سبب هزارين سالا تهذيب موهن دڙي جي وارثي جي دعويٰ ڪرڻ آهي، منهنجي گرفتاري جو سبب سنڌ جي لوٽي ۽ لڄ بچائڻ خاطر ان جو محافظ ٿيڻ آهي، جيڪو مڪار وحشي ۽ انسانيت جو قاتل دشمن ڪڏهن بہ نہ چاهيندو ۽ مون جهڙا ڪيترائي وطن جا وارث پنهنجي عقوبتخانن ۾ واڙيندو انهن جا چچريل لاش روڊن تي اڇلائيندو رهندو جيستائين پنهنجي منتقي انجام کي نٿو رسي تيستائين ان جو هي ظلم سنڌ ۽ سنڌين مٿان جاري رهندو.

سر جدا، ڌڙ ڌار، دوڳ جنين جا ديڳ ۾
سي مرڪن پچار، هڪيا جن جي هٿ ۾.

سوال 2. پوليس ڪسٽڊي دوران توهان کي ڪهڙو تشدد ڪيو ويو ۽ ڪهڙا سوال ڪيا ويا، پوليس ڪانسواءِ ٻين ڪهڙن رياستي ادارن توهان کان پڇاڻو ڪيو پوليس ۽ ٻين ادارن جي پڇاڻي ۾ بنيادي فرق ڪهڙو هيو؟

جواب: پوليس ڪسٽڊي ۾ مون مٿان تشدد ڪندڙ پوليس نہ پر ٻيا رياستي ادارا هئا جيڪي ڪيتري عرصي کان منهنجي ساٿين کي اغوا ڪري تشدد بعد قتل ڪندا رهيا آهن. انهن سان پوليس جو ايس پي مسعود بنگش پڻ گڏ هوندو هو، MI جي ٽيم مون مٿان تشدد ڪندي هئي، ATCجي جج 21 ڏينهن جي جسماني رماند تي مونکي پوليس حوالي ڪيو انهن 21 ڏينهن مان 15 ڏينهن هر رات جو ISI ۽ MI ۽ ٻيا ادارا مونکي تشدد ڪندا هئا، ان تشدد ۾ پويان هٿ سڌا ڪري هٿن ۾ رسو ٻڌي ۽ چين ڪپيءَ تي 10 کان 15 منٽن تائين ٽنگڻ ڪانپوءِ هيٺ لاهي ٿوري ورزش بعد وري ٻيهر ٽنگڻ اهو سلسلو 4 پنج دفعا ورجايو ويو، ان ٽنگڻ واري عمل منهنجون ٻئي ٻانهون ناڪاره ڪري ڇڏيون جنهن جو اثر اڃا تائين جاري آهي ۽ لکڻ ۾ تڪليف ٿي رهي آهي. ٽنگيل هجڻ دوران يا هيٺ لاهڻ بعد جسم جي مختلف حصن خاص ڪري نازڪ عضوي تي بجلي جا ڪرنٽ ڏئي روز پنهنجي وحشي مطلب ۾ ناڪام ٿيندا هئا، سڀ کان وڏيڪ عذاب سڌو سمهاري وات ۽ اکيون بند ڪري نڪ ۾ پاڻي وجھڻ وارو تشدد هئو جيڪو سمورن تشددن کان وڏيڪ خطرناڪ هئو ان کان علاوه رات جو ٻيهاري ڇڏيندا هئا، اوجاڳي سبب ذهني صلاحيت تي اثر ٿئي پيو ۽ بيچيني وڌندي پئي وڃي، منهنجي جنگھہ ۾ گولي ۽ مٿي ۾ G3 جا قنداق لڳل هئا، رياستي ڪتا جنهن وقت مون مٿان عذاب ڪري ٿڪجي پوندا هئا ۽ بار بار ناڪام ٿيندا هئا تہ سڄو هٽڻ سميت لانگ بوٽن جا ٺُڏا، مُڪون ۽ لتون هڻي پنهنجو وحشيپڻو ظاهر ڪندا هئا. منهنجي وات، نڪ، مٿي ۽ گولي جي گهاو مان رت وهي ڌرتي تي ڪرندو هئو ۽ مان رنجيت سنگهہ جي اولاد ڏانهن ڏسڻ جي ڪوشش ڪندو هئس، پر تشدد سبب اکين اڳيان اوندهہ ۽ ڪوهيڙو ڇانئجي ويندو هئو پر بيساهي منجهان چوندو هيس.

'نہ ڪُٺندا ٻلاول، ٻلي ناهہ گهاٽا، وري نيٺ ڄمندا ڪي دودا ڪي راٺا'

بجلي جي ڪرنٽن سبب جسم تي ڪارا نشان نهي پيا آهن، ياد رهي تہ هي سڀ تشدد جو اهو طريقو هو جيڪو مونکان اڳ بہ ڪيترن سنڌ جي جوڌن مٿان استعمال ڪيو ويو هو، پويان ٻانهون ٻڌي ٽنگڻ وارو عذاب تمام گهڻو هو جنهن لاءِ اهي درندا پاڻ ئي چون پيا تہ هي سموري زندگي جو عذاب اٿئي، جيڪو هميشہ توکي اسان جي ياد ڏياريندو رهندو، جسم جي تشدد سميت ذهني تشدد بہ وڏي پئماني تي ٿيندو رهيو، ان تشدد دوران يا ان تشدد جو مقصد انيڪ سوالن جا جواب وٺڻ هو پر جيڪي اهم سوال هئا جيڪي وري وري مونکان وحشي درندا پڇندا هئا اهي هي هئا تہ شفيع برفت سان ڪڏهن ۽ ڪاٿي مليو آهين؟ شفيع برفت هن وقت ڪاٿي آهي؟ ۽ ان سان توهان جي رابطي جو ذريعو ڪهڙو آهي؟ لالا اسلم پناڻ، شبير ملاح، ڊاڪٽر زين پٽو سجاد شر ۽ رميش ڪمار ڪاٿي ملندا؟ انهن سان رابطي جو ذريعو ڪهڙو آهي؟ انڊيا ۽ افغانستان ڪيترا دفعا ويو آهين؟ ٽريننگ ڪاٿي ڪئي اٿئي؟ سنڌ اندر ريلوي ٽريڪس، بجلي جي ڪنين، نيشنل بئنڪن ۽ گئس پائيپ لائنن تي ٿيندڙ ڌماڪن مان تون ڪهڙن ڌماڪن ۾ ملوث رهيو آهين؟ ڪهڙا

ڪهڙا ماڻهو آهن توهان جي پارٽي ۾ جيڪي ڌماڪيدار مادو ناهڻ ڄاڻندا آهن؟ قاضي احمد واري واقعي ۾ ڪهڙا توهان جي پارٽي جا ماڻهو ملوث هئا؟ سن ۾ 3 روزا ورڪشاپ ۾ ڪهڙن هٿيارن هلائڻ جي توهان کي ٽريننگ ڏني وئي؟ سنڌ اندر ٻيون به ڪيتريون تنظيمون آهن جيڪي سنڌ جي آزادي جي ڳالهه ڪن ٿيون پوءِ توهان انهن کي ڇڏي جسمم ۾ ڇو شامل ٿيا آهيو؟ توهان کي پئسا ڪير ڏيندو آهي؟ تو وٽ انڊيا جي ڪرنسي جا ٻه لک آيا هئا اهي ڪٿان مٽرايا؟ هڙتالن دوران استعمال ٿيندڙ ڪريڪر جو مادو ڪٿان وٺندا آهيو؟ ڪهڙا ڪهڙا ماڻهو آهن جيڪي ڪريڪر ناهڻ ۽ هڻڻ ڄاڻيندا آهن؟ بم بلاسٽ ڪرڻ جا توهان وٽ ڪهڙا طريقا آهن؟ بلوچستان جي ڪهڙن ماڻهن سان توهان جي تعلقات آهن؟ سنڌ جي ڪهڙن شهرن ۾ توهان جي تنظيم جو نيٽورڪ آهي؟ سنڌ جي ڪهڙن تعليمي ادارن جي اندر اوهان جي تنظيم آهي؟ تنظيم جي ڪارڪنن سان رابطي جو ڪهڙو ذريعو آهي؟ ڪراچي اندر ڪهڙا توهان جي سرگرم ڪارڪن آهن؟ انهن سوالن سميت منهنجي ذاتي زندگي، مٽن مائٽن ۽ ذاتي دوستن جي معلومات بابت سوال پڻ ڪيا ويندا هئا. اهي سڀ سوال ۽ تشدد پوليس ڪسٽڊي ۾ ISI ۽ MI وارا ڪندا هئا. پوليس جا بالا آفيسر به ايندا هئا. جن جا سوال ISI ۽ MI جي سوالن جو تسلسل هوندا هئا. اهي سڀ سنڌي آفيسر هئا انهن کي پنهنجي مرضي جا جواب نه ملندا هئا ته به سختي گهٽ ڪندا هئا. سواءِ نصيحتون ڏيڻ جي. باقي ISI ۽ MI جا اهلڪار هر سوال جي جواب تي مونکي ڏڪ به هڻندا هئا ۽ گار گند ڪرڻ ۽ ڌمڪيون ڏيڻ انهن جي روايت ۾ شامل هئو مونکان جساف جي باڊي جي دوستن ۽ سڀني تعليمي ادارن جي اڳواڻن بابت معلومات پڻ وٺڻ جي ڪوشش ڪئي. باقي لاڙڪاڻي پوليس جا بالا آفيسر ايس ايس پي مسعود بنگش ۽ ايس پي توقير MI جا ماڻهو هئا انهن جي رويي ۽ MI جي سوالن ۽ روين ۾ ڪو خاص فرق نه هو باقي پوليس جا سپاهي همدردي ڪندا هئا. اهي پنجابي دلالن جي ظلم تي پشيمان پڻ ٿيندا هئا ۽ پنجابي وحشي درندا مونسان انٽروگيشن دوران سنڌ پوليس کي گاريون پڻ ڏيندا هئا.



لاڙڪاڻو: جساف چيئرمين حفيظ پيرزادي سان عدالت ۾ پيشي وقت وارث عورت ملاقات ڪندي

**سوال: 3** توهان جي گرفتاري تي توهان جي گهر ڀاتين وني ۽ توهان جي ٻارن جا ڪهڙا تاثرات هئا؟

**جواب:** ڀاءُ منهنجي گرفتاري کانپوءِ منهنجي گهر ڀاتين جا تاثرات ۽ انهن جي بهادري منهنجي لاءِ باعث فخر آهي. اڳ مونکي اها پريشاني هوندي هئي ته اگر مونکي ڪجهه ٿيو ته منهنجي امڙ ته ان ئي وقت پنهنجي جان وڃائي ويهندي. پر سمورن ڳوٺ وارن ۽ سڄي سنڌ جي ساٿين طرفان ملندڙ موٽ امان سميت منهنجي گهر ڀاتين کي وڏي سگهه بخشي ۽ هڪ اعتماد پيدا ڪيو ته سڄي سنڌ اسان سان گڏ آهي. منهنجي گهرواري جا اهي لفظ اڄ به منهنجي ڪنن ۾ گونجي رهيا آهن جيڪي عدالت ۾ وڏي پوليس جي نفري هجڻ باوجود مونکي همٿ ڏيڻ لاءِ چيا هئا ان چيو ته ‘ماسات پريشان نه ٿجو سڄي سنڌ توهان سان گڏ آهي’. ان وقت يقين ٿي ويو ته شاهه لطيف جي هر سٽ سنڌ جي صدين جي گونج آهي. مستقبل جو فيصلو آهي. ماضيءَ جا عظيم داستان آهن. ان وقت مونکي منهنجي گهر واري لطيف جي ان شعر جي ڪردار لڳي جنهن ۾ وطن جي آزادي لاءِ لڳندڙ جنگ ۾ ويندڙ مڙس کي سندس وني چوي ٿي ته

مر مرين آءُ روئائين موٽي آءُ مَ
ڪانتَ،
ڪڇن وڏا پاند جيئڻ ٿورا ڏينهڙا. (شاه)

توڙي جو منهنجو بابا راجا ڏاهر پنيري جي عظيم بابا جهڙو سياسي، انقلابي ۽ مزاحمتي ڪردار ناهي، تنهنجي باوجود به هن مونکي حق تي بيهڻ ۽ ڪنهن به قرباني ڏيڻ کان نه لهرائڻ جي تربيت ڏني آهي. هن پاڻ کي به سنڀاليو آهي ۽ مونکي به اتساهه ڏنو آهي. ان کان علاوه منهنجي امڙ شهيد افضل پنهور جي امڙ جيان بهادر ۽ ٻچن جي وطن لاءِ قرباني تي همٿ جو مظاهرو ڪرڻ واري ناهي تنهن جي باوجود به امڙ جي بهادري ۽ بي خوفي مون سميت منهنجي سمورن ساٿين لاءِ اتساهه بخشيندڙ آهي. امڙ ۽ بابا بهادري ۽ منهنجي حق تي هجڻ واري تاثر مون ۾ ”واري واري وڃيا سسي کي سئو وار“ واري همٿ پيدا ڪئي آهي. ان کان علاوه منهنجا ڀائر منهنجو ٻيو روپ ڌاري دشمنن کي للڪاري رهيا آهن ۽ منهنجي ساٿين سان ڪلهو ڪلهي ۾ ملائي بيٺل آهن. منهنجا ڀائر مونسان ملڻ اچن ٿا ته چون ٿا ادا توهان جي ڪري اسان کي سڄي سنڌ مان ايتري محبت ۽ پيار مليو آهي. جنهن جيتري اڃا اسان قرباني ڏني ئي ناهي. ننڍي ڀاءُ جو اهو خط اڄ به مون وٽ محفوظ آهي ۽ آءٌ هر روز ان کي پڙهندو آهيان. جنهن ۾ هن لکيو هو ته ‘ادا توهان جي هٿن ۾ هٿڪڙيون ڏسي مونکي وڏو فخر ٿئي ٿو توهان به ضرور فخر محسوس ڪندا هوندا. توهان انقلابي ڪردار

آهيو هي جيل ۾ ٽاٽا توهان جو مرڪ آهن. ادا توهان شهيد ڀڳت سنگهه بڻجي وڃو اسان توهان سان وچن ٿا ڪيون ته سنڌ جي آزادي لاءِ ميدان جنگ ۾ پاڻ ملهائيندا سين'. اهو ننڍي ٻاءُ جو اتساهيندڙ خط پڙهي مون ان وقت سوچيو ته مون جي وطن کي هي پنجابي سامراج هاڻي گهڻو وقت غلام بڻائي نٿا سگهن. جنهن قوم جا ننڍا ٻائر وڏن ٻائرن کي وطن جي آزادي خاطر ٽڪي بيهڻ جو درس ڏين ان قوم کي آزاد ٿيڻ کان ڪير به روڪي نٿو سگهي. منهنجي گهر ڀاتين جو منهنجي گرفتاري خلاف ۽ مون تي ٿيندڙ تشدد خلاف جيڪو سياسي آواز بلند ڪيو آهي ان جي منهنجي سياسي ڪيريئر ۾ وڏي اهميت آهي خاص ڪري منهنجي گهر واري جو بهادري ۽ همت سان دنيا اڳيان احتجاج رڪارڊ ڪرڻ منهنجي لاءِ انمول تحفي کان گهٽ ناهي. نه رڳو ايترو پر منهنجي گهر جا ڀاتي ۽ منهنجا مٽ مائٽ منهنجي گرفتاري کانپوءِ منهنجي گهر تي رينجرز جي ٿيندڙ چڙهائي دوران سخت مزاحمت ڪئي ۽ زخمي پڻ ٿيا. خاص ڪري عورتن وڏي بهادري جو مظاهرو ڪيو جنهن رينجرز جي اهلڪارن تي پٿرن ۽ سرن سان حملا ڪيا. ۽ نتيجي ۾ وحشي دردن جي تشدد جو شڪار پڻ ٿيون. منهنجي گهرواري سميت منهنجي ننڍڙين ڀينرين ۽ امڙين جي اها مزاحمت رينجرز اهلڪارن لاءِ اهڙي خطرناڪ ثابت ٿي جو ڪابه گرفتاري ڪرڻ بجاءِ پويان پير ڪري ڀڄڻ لڳا. جيڪي گرفتار ٿيل ۽ هٿ پير ٻڌل منهنجا ٻائر انهن جي موبائلن ۾ قيد هئا انهن کي به هنن مزاحمتي عورتن ڇڏائي ورتو ان مان صاف ظاهر آهي ته ڪنهن انقلابي جا گهر ڀاتي به انقلابي ئي هوندا آهن انهن تي مونکي فخر آهي ۽ آئنده به اميد ٿو ڪيان ته سندن مونسان اهو انقلابي رشتو هميشه قائم رهندو.

سوال: 4 رياستي عقوبت خانن ۾ رياستي جبر جو شڪار ٿيندڙ قومي ڪارڪن ۽ اڳواڻ جي حيثيت ۾ توهان جا ڪهڙا احساسات آهن؟ ڇا اهو جبر اتسائيندڙ آهي يا مايوس ڪندڙ؟

جواب: ٻاءُ اگر مان چوري، ڦر يا ڏاڙي جي ڪيسن ۾ رياستي عقوبت خانن ۾ واڙيو وڃان ها ۽ رياستي جبر جو شڪار ٿيان ها ته پوءِ يقينن اهو جبر مون لاءِ مايوس ڪندڙ هجي ها. جيئن ته مان هڪ قومي ڪارڪن آهيان ۽ فڪر سيد سان وابسته هجڻ ڪري رياستي عقوبت خانا منهنجي مٿان اوچتي آفت نه هئا. جنهن ڏينهن سنڌوديش جي آزادي خاطر سائين جي ايم سيد جي فڪر تحت جاني مالي ۽ وقتي قرباني ڏيڻ جو قسم کنيو هو ان ڏينهن کان انهن عقوبت خانن جي جبر سهڻ لاءِ به پاڻ کي تيار ڪيو هو عقوبت خانن کان ٻاهر اسان جي وطن سان محبت هڪ ڪچي تند برابر آهي. عقوبت خانن جو جبر برداشت ڪرڻ کانپوءِ اها وطن سان محبت واري ڪچي تند مضبوط ۽ اٽُٽ زنجير وانگر ٿي پوي ٿي. رياستي عذاب گهرن ۾ پهچڻ شرط خبر پئي ته شيخ اياز ڪيتري نه ذهني پختگي سان اسان جي ڪارڪنن جي ترجماني ڪئي آهي ته 'ڪو ڪيئن نه ڊوڙي مقتل ڏي. آ رت ۾ خوشبو ميندي جي' اڄ سمجهه ۾ آيو ته رياستي ٽارچر سيلن مان زنده نڪرندڙ دوست ڪيئن پڇي راس ٿي رياست لاءِ عذاب بڻجي ويا. ڪيتري گهرائي سان ڌرتي سان محبت آهي جيڪا ٽارچر سيلن جي فاتحن شهيد افضل پنهور. مظفر ڀٽو شبير ملاح. ذوالفقار ڪولاچي ۽ ٻين سائين کي بيهاريون بيني آئي آهي. آءُ ته سمجهان ٿو ته منهنجا ڀاڳ ڀلا جو سنڌ سان عشق ۽ ان جي آزادي لاءِ جدوجهد جي ڏوهه ۾ رياستي عقوبتخانن جي جبر کي منهن ڏئي رهيو آهيان. هڪ فرد جي عشق ۾ ئي ماڻهو ڪي وڏيون تڪليفون ڏسٽيون پون ٿيون. اسان ته سموري قوم سان عشق ڪيو آهي ۽ ان قوم جي عاشق جا پيروڪار آهيون جنهن زندگي جا انيڪ ڏينهن رياست جي عقوبت خانن جي جبر ۾ گذاريا. سو اسان جي لاءِ اهي عقوبت خانا ڪيئن ٿا مايوسي جو سبب بڻجي سگهن. هر محب وطن. آزادي پسند ۽ سنڌ جي عاشق کي رياستي عقوبت خانن لاءِ تيار رهڻ گهرجي. جيئن فصل کي پچڻ لاءِ سج جي روشني جي ضرورت هوندي آهي. بلڪل ايئن ئي ذهن کي مضبوط ٿيڻ لاءِ ڏکن ۽ سورن جي ڪُوري ۾ پچڻو پوندو آهي. ايئن ئي هر قومي ڪارڪن کي پنهنجي وطن ۽ پنهنجي قوم جي آزادي لاءِ رياستي عقوبت خانن مان گذرڻو پوندو ۽ رياستي جبر کي مات ڏئي عشق ۽ ايمان سلامت رکي اڳتي وڌڻو پوندو جيئن ڪنهن سنڌ جي قومي شاعر چيو آهي ته

ٽاڻي وجهو گهاڻي وجهو ٽينڪون مٿان ٽاڻي وجهو
ڪوڙا هڻي، ڦٽڪا هڻي، رت جان جو چاڻي وجهو
آزاد ٿي رهبو هتي، پنهنجو اهو اعلان آ.
سر سنڌ تان قربان آ، سر سنڌ تان قربان آ.

سوال نمبر: 5 جيل ۽ ٽارچر سيل ۾ واڙيل قومي انقلابي ڪارڪنن جي گهر وارن جو قومي تحريڪ ۾ قومي آزادي واري نقطي نظر ڏي ڪهڙو رويو ۽ آئيڊيل ڪردار هجڻ گهرجي؟

جواب: ٻاءُ صاف ظاهر آهي ته جيڪو قومي ڪارڪن پنهنجي مقصد لاءِ جيل ۽ ٽراچر سيلن جي عذاب برداشت ڪري رهيو آهي ته اهو ان جو شعوري فيصلو آهي ۽ ان پنهنجي قوم جي غلامي واري درد کي گهرائي سان محسوس ڪيو آهي. هو چاهين ٿا ته قومي غلامي مان آزادي لاءِ سڄي قوم انهن سان گڏ بيهي ته لازمي طور ته هو پنهنجي خاندان مان به ساڳي اميد رکن ٿا. اسان وٽ اهو وڏو الميو رهيو آهي ته قومي ڪارڪنن جا گهر ڀاتي هميشه رياستي پروپيگنڊا جو شڪار ٿيندا رهيا آهن. جنهن پارٽي ۽ قومي قيادت مٿان سندن اولاد اعتماد ڪري هر قرباني ڏيڻ لاءِ تيار ٿي بيهي ٿي. انهن جا پويان وري ان جي پارٽي ۽ قيادت تي تهمتون هڻندي نظر اچن ٿا. جسمر اندر اهڙو رجهان گهٽ آهي. پر ٿورو يا گهڻو موجود ضرور آهي. انهن کي پنهنجي اولاد تي يقين ڪرڻ گهرجي انهن جي جدوجهد ۽ قرباني تي ويساهه ڪرڻ گهرجي. آزادي هڪ نعمت آهي. جنهن کان اسان سنڌي محروم آهيون. ان جي حاصلات لاءِ اسان کي باهه ۽ رت جو درياهه پار ڪرڻو پوندو. قومي ڪارڪن ان سموري وحشيت ۽ بربريت خلاف هر محاذ تي مهاڏو اٽڪائڻ لاءِ تيار آهن. انهن جي گهر ڀاتين کي انهن جو ساٿ ڏيڻو پوندو انهن جي ڪمزوري ٿيڻ بجاءِ انهن قومي ڪارڪنن جي طاقت بڻجڻو پوندو. والدين سدائين پنهنجي اولاد مان اها ئي اميد جوڙي رکندا آهن. ته سندن اولاد وڏي ٿي ڪين سڪ ۽

خوشي عطا ڪندي ۽ اهي پنهنجي ذات تائين محدود رکڻ جي ڪوشش ڪندا آهن، جيڪا سوچ ڪنهن بہ صورت ۾ قابل قبول ناهي، اهڙي سوچ آزاد ملڪن ۽ ترقي يافتا معاشرن ۾ تہ قابل قبول ٿي سگهي ٿي پر غلام ملڪ اندر اهو سڀ ڪجهہ ناممڪن آهي، هتي اسان جي والدين کي اسان لاءِ اهو پيغام يا تربيت ڏيڻ گهرجي تہ وڏا ٿي پنهنجي قوم جي آزادي لاءِ ڪردار ادا ڪجو پوءِ ڀلي توهان کي ڪهڙي بہ قرباني ڏيڻي پوي جيستائين وطن آزاد نہ ٿو ٿئي تيستائين توهان لاءِ سک سان ويهڻ حرام هجڻ کپي، دنيا جي انقلابن ۾ اهو ٿيو آهي امڙن پنهنجي جگر جي ٽڪرن کي ڌرتي جي آزادي خاطر قربانيون ڏيڻ لاءِ تيار ڪيو آهي اسان وٽ بہ هاڻي آهستي آهستي اهڙي صورتحال پيدا ٿئي پئي، ان جي سخت ضرورت آهي، قومي ڪارڪن جا گهر ڀاتي اگر پنهنجي ان انقلابي ڪردار سان گڏ نہ ٿا بيهن تہ ان مان صاف ظاهر آهي تہ اهي ڪنهن رياستي دلالن جي زهريلي پروپئگنڊا جو شڪار آهن ۽ ان ڪري پنهنجي جگر جي ٽڪري جي قرباني تي پاڻي ڦيرڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهن، اسان جي قومي ڪارڪنن تي پڻ اها اهم ذميواري آهي تہ اهي قومي ۽ آزادي واري لافاني پيغام پهچائڻ سان گڏوگڏ پنهنجي گهر ڀاتين کي پڻ سنڌ ڪيس سمجهائن آزادي واري نعمت ۽غلامي جي ذلت کان آگاهہ ڪن، پارٽي جي جدوجهد ۽ ساٿين جي بي لوث قربانين کان آگاهہ ڪن، جيئن اهي سياڻي ڪنهن رياستي پروپئگنڊا جو شڪار نہ ٿي سگهن ۽ اسان جي طاقت بڻجي هڪ مثالي خاندان هجڻ جو ثبوت ڏين ۽ اهو هڪ تاريخ جوفيصلو آهي تہ گرفتار ٽارچر سيلن ۾ واڙيل قومي ڪارڪنن جي والدين کي قومي انقلابي تحريڪ سان بيهڻو پوندو، ڇو جو انهن جا ٻچا رياستي ڌهڪاءُ ڌسندي بہ جهڪيا ڪونہ ۽ جدوجهد ڪندي سختين سان منهن ڏين ٿا تہ والدين جي روڪڻ باوجود بہ ميدان عمل ۾ هوندا ۽ هر حال ۾ پاڻ ملهائيندا رهندا تہ پوءِ والدين کي بہ گهرجي تہ پنهنجي اولاد جي نظريي تي سوچي، سمجهي گهٽ ۾ گهٽ اخلاقي حمايت ڪري تہ تاريخ ۾ سندن نانءُ امان نصيبان، سائين بچل شاهہ ۽ عطا محمد ڀنڀرو سان ليکبو نہ تہ ٻي صورت ۾ تاريخ ڏاڍي بي رحم ٿيندي آهي، ان تي بہ ضرور سوچڻ گهرجي.

سوال: 6 توهان جي گرفتاري ۽ توهان جي تنظيمي ساٿين جي شهادت تي سماجي حلقن طرفان توهان جي تنظيمي حڪمت عملين ۽ قيادت تي سوال اٿاريا پيا وڃن، توهان جي ان باري ۾ ڪهڙي راءِ آهي؟

جواب: ادا توهان جي سوال تي مونکي هڪ قصو ياد اچي ٿو تہ منهنجي محبوب شهيد اڳواڻ سرائي قربان کهاوڙ وڏا ٺهڪ ڏئي ٻڌائيندو هو تہ پارٽي چيئرمين جي حڪم تي سائين راشد مورائي سان ملاقات ڪرڻ ويس ان کي چيئرمين صاحب جو پيغام ڏنم تہ سائين توهان اسان جا محسن ۽ سينيئر قومي ڪارڪن آهيو، اسان جي تنيظيمي ڪم ڪار تي پڻ توهان جي نظر هوندي سو براءِ مهرباني اسان جون خاميون ۽ ڪوتيون ٻڌايو ۽ اسان جي تنظيمي پاليسن تي تنقيدي نظر وجهو تہ جيئن اسان اهي سڀ خاميون ڪوتيون دور ڪري سگهون، ان پيغام تي سائين راشد مورائي چيو تہ ڪنهن ميلي تي ملهہ مقابلو لڳو ۽ وڏا تماشائي اهو ملهہ مقابلو ڏسي رهيا هئا، هڪ ملهہ پهلوان ٻئي پهلوان کي مٿي ڪٽي چوڌاري ڦيرائڻ لڳو ان ڦرڻ دوران ٻاهران ڪنڌي تي بيٺل تماشائي وڏيون دانهون ڪري ان ڦرندڙ پهلوان کي چوڻ لڳا تہ جانو هٽيس پهلوان ڦيرائي ڦيرائي ڪٽي هيٺ اڇليو ان هيٺ ڪريل پهلوان مٿي اٿي تماشائين ڏي منهن ڪري چيو هيٺ پير ڪپي تہ جانو هٽان نہ ميدان کان ٻاهر ويٺل تماشائي وڏيون وڏيون رڙيون ڪندا آهن تہ هيئن جانو هڻ هونئن هڻ سنڌرو پڪڙ اها تہ ان ملهہ پهلوان کي خبر هوندي آهي ڪٿي سنڌري ۾ هٿ وجهڻو آهي ڪٿي جانو هڻڻو آهي ڪيئن ملهہ مارڻي آهي اها تماشاين کي ڪهڙي خبر؟؟؟ سائين راشد مورائي اهو قصو سرائي صاحب کي ٻڌائي چيو تہ چيئرمين صاحب کي چئجان تہ ميدان ۾ توهان آهيو جنگ توهان پيا وڙهو، ڇا ڪرڻو آ يا نہ ڪرڻو اهو اسان تماشاين کان توهان وڌيڪ ڄاڻو ٿا، ان ڪري توهان کي جيڪو بهتر لڳي اهو ڪيو، اسان جي اجاين صلاحن ۽ تنقيدن تي ڌيان نہ ڏيو، سو آءُ بہ اهو چوندس تہ جن شهادتون ڏنيون اهي ڪنهن سماجي حلقن جي نصيحت تي جسمم ۾ شامل نہ ٿيا هئا، اهي سڀ باشعور هئا ۽ ڪيترن ئي قومي قيادتن کي آزمائيندي اچي جسمم چيئرمين شفيع محمد برفت کي آخري اميد سمجهي ان جي قيادت تي اعتماد ڪيو ۽ پنهنجو ڪڌي ڪنڌ ڪپايو، اسان جا خدرو دانشور ۽ سول سوسائٽي جا اڳواڻ اسان جي شهيدن کي سنڌ جو هيرو تسليم ٿا ڪن پر جنهن پليٽفارم، پاليسي ۽ چيئرمين جي قيادت تي يقين ڪري تن شهيدن پنهنجو لازوال ڪردار ادا ڪيو اهو چيئرمين ۽ ان جي پارٽي انهن ماڻهن کان هضم نہ ٿي ٿئي، اهو منطق سولوءِ سمجهہ ۾ اچڻ جهڙو آهي، اها صرف صرف انهن جي انا آهي، مان ائين بہ چوندس تہ اهي ماڻهو جامي چانڊئي جي ڳالهہ مطابق تہ "ڪجهہ نہ ڪرڻ ڏبو پارٽي" جا ميمبر آهن، جن جو ڪم صرف مايوسي ۽ انتشار ڦهلائڻ کانسواءِ ڪجهہ بہ نہ آهي، جنهن سان مايوسي کان سواءِ ڪجهہ بہ ناهي ملڻو، اسان کي انهن جي اجائي واويلا تي ڌيان نہ ڏيڻ گهرجي، قومي ڪارڪن پنهنجي مقصد ڏانهن توجہ رکن، اهي جيڪي توهان سماجي حلقا چئو ٿا اهي اسان سان ڪهڙن سببن جي ڪري ڪاوڙجن ٿا، انهن لاءِ ڀٽائي جون هي سٽون ئي منهنجي راءِ آهي.

مون سين مارو ئڙيون ڪهڙي ريت رسنديون؟
ڇڳُن ۾ ڇيڙ پيو پين ريت ڄيون
،نيٽين ننڊِ وهُ ٿي، ساري ساڏوهيون
هتي جي هيون تہ سڌ پين سيل جي.

سوال 7 : توهان جي نظر ۾ سنڌ ۾ شاگرد سياست تي رياستي عتاب جا ڪهڙا سبب آهن؟

جواب: ادا ڪامريڊ لينن چيو آهي تہ رياست ڪنهن بہ سياسي عمل يا جدوجهد جي پيٽ ۾ تشدد يا قتل وغارت تي لهي اچي تہ ان مان اهو ثابت ٿئي ٿو، اها سياسي ڌر صحيح رستي تي آهي ۽ جساف مٿان مسلسل رياستي آپريشن ان جيصحيح دگ تي هلڻ جو ثبوت آهي، شاگرد سياست سنڌ جي انقلابي قومي تحريڪ جو متحرڪ جز آهي، جنهن 1972 کان 2016 تائين پنهنجو انقلابي ڪردار ڀرپور نموني ادا ڪيو آهي، آءُ سنڌ جي شاگرد سياست فقط جساف جي پليٽفارم تان ٿيندڙ

شاگرد سياست کي سمجهندو آهيان باقي بين شاگرد تنظيمن کي آءُ جساف اڳيان رڪاوٽ سمجهندو آهيان، سو جساف جي مستقل مزاجي سان سنڌ جي جمود واري ماحول ۾ بي خوف ٿي انقلابي سائين جي ايم سيد جي فڪر تي سنجيدگي خوف ۽ لالچ کان بالا تر ٿي سياست ڪرڻ رياستي عتاب جو سبب آهي. اڄ جساف(جسمم) مڪمل رياستي عتاب هيٺ آهي جنهن جا ڪيترائي اڳواڻ ۽ ڪارڪن ڪنهي قتل ڪيا ويا آهن ۽ ڪيترائي اڳواڻ روپوشي واري زندگي گذارڻ باوجود هڪ پل به پنهنجي ذميواري کان غافل ناهن رهيا. جساف (جسمم) وڏي عرصي کانپوءِ سائين جي ايم سيد واري تخيل تي عمل ڪرڻ شروع ڪيو آهي. جساف جسمم جي سياسي ۽ نظرياتي ڪم عام شاگردن توڙي عام سنڌي ماڻهن ۾ وڃايل ويساهه وري بحال ڪيو آهي. تعليمي ادارا مڪمل فورسز جي قبضي هيٺ آهن ۽ ڇانوڻين جو ڏيک ڏئي رهيا آهن انهن رينجرز جي وردي پوش وحشين شاگردن جي ذهنن ۾ پنهنجو ايترو ته خوف ويهاريو آهي جو شاگرد هر وقت نفسياتي تشدد جو شڪار ٿيندا رهن ٿا، انهن جي ذهنن کي مفلوج بڻائي هميشه لاءِ غلام رکڻ جي سازش ڪئي پئي وڃي. شاگردن جي هر مسئلي لاءِ پنهنجو پاڻ کي اڳيان اڳيان رکندڙ جساف جسمم اهڙي رياستي خوف واري ماحول ۾ پڻ مستقل مزاجي سان انقلابي راهه تي عمل پيرا آهي. شاگرد سياست جي وجود ۾ اچڻ سان ئي انهن مٿان رياستي عتاب جي شروعات ٿي هئي، جنهن ۾ توڙي ڦاٽڪ جو واقعو سموري قوم کي جنجهوڙڻ لاءِ ڪافي آهي. پر جساف ڪيترن ئي ڳيرن جا ڳاٽ سنڌ لاءِ ڪپايا آهن. اڃتي به سلسلو جاري رهندو. رياستي ادارا جساف جسمم جي سياست ۽ سنڌ جي تعليمي ادارن اندر سرجندڙ شعور کان خوفزده آهي. سنڌ جا شاگرد رياستي جبر اڳيان ڪنڌ هيٺ ڪري نٿا رهن، لڪن جي تعداد ۾ تعليمي ادارن ۾ پڙهندڙ شاگرد هن پاپي پاڪستان ۽ پنجابين جي اصل بربريت واري چهري کان واقف ٿي چڪا آهن. هي پنجابي رياست چاهي ٿي ته سنڌ جو نوجوان علم جهڙي دولت کان محروم هجي. پنهنجي حقن جي سڃاڻ نه رکن دشمن کي دشمن چوڻ جي همت نه رکن. هميشه G3 ۽ وردي جي خوف هيٺ هجن. پاڻ ۾ منظم نه ٿين. پڙهي نه ڪن. معياري تعليم کان محروم هجن. شاگردن جي حقن کان ويندي، قومي حقن جي حاصلات لاءِ پاڻ ۾ پڙهي نه ڪن انهي سبب جي ڪري شاگرد سياست رياستي عتاب جو شڪار ٿيندي رهي آهي.

سوال: 8: ماضي جي شاگرد سياست ۽ موجوده شاگرد سياست ۾ ڪهڙا بنيادي فرق آهن. انهن مان ڪهڙي وڌيڪ ڪارگر رهي آهي؟

جواب: ماضي جي شاگرد سياست کي آءُ ٻن حصن ۾ ورهائيندس هڪ اها جنهن جا بنياد سائين جي ايم سيد رکيا. جنهن جو عرصو 1972 کان توڙي ڦاٽڪ جي واقعي 1984 تائين آهي. اها شاگرد سياست سنڌ اندر تمام وڏي حيثيت جي حامل هئي. ان دور جي شاگرد اڳواڻن توڙي ڪارڪنن سائين جي ايم سيد جي قومي فڪر (سنڌ هڪ ملڪ آهي. سنڌي هڪ قوم آهي. سنڌي اسان جي قومي ٻولي آهي. آزادي اسان سنڌين جو بنيادي حق آهي ۽ آزادي ممڪن آهي) کي تعليمي ادارن کان سنڌ جي هر واهڻ وستي شهرن بحرن کان ويندي جهر جهنگ تائين پهچايو انهن شاگردن جي نظرياتي پختگي ۽ وطن سان ڪمينٽمنٽ ايتري ته گهري هئي جنهن انهن کي سڪ سان ويهڻ نه پئي ڏنو ان دور جي شاگرد اڳواڻن سان جيل پريل هوندا هئا، اهي سخت روپوشي واري ماحول ۾ پنهنجو فڪري پرچار جاري رکندا هئا. اهو ئي سبب هو جو سنڌ جا ڪجهه سرڪاري ماڻهو اهو چوندي نظر ايندا هئا ته سنڌ جي قومي تحريڪ محض شاگردن جي تحريڪ آهي. جنهن سان عام ماڻهن جو ڪوبه واسطو ناهي انهن شاگردن جي جدوجهد اهو رنگ لاٿو جو سنڌ جي قومي تحريڪ سان شاگردن سميت هاري، مزدور، شهري توڙي ڳوناٺي آبادي سلهاڙجي وئي ۽ قومي تحريڪ جو آواز سنڌ جي تعليمي ادارن مان نڪري سنڌ جي چپي چپي تي گونجڻ لڳو ان ئي سبب ڪري توڙي ڦاٽڪ جهڙو سانحو پاڪستان آرمي کي ڪرڻو پئجي ويو جيئن ان ايرندڙ آواز کي روڪي سگهجي. ان سانحي کانپوءِ شاگرد اڳواڻن کي جيلن ۾ واڙيو ويو ۽ رياستي عقوبت خانن اندر عذيتون ڏنيون ويون. اهو دور شاگرد سياست جي معراج وارو دور هو جنهن تي رهبر سنڌ سائين جي ايم سيد سميت سموري قوم کي فخر هوندو هو ان کانپوءِ سنڌ جي شاگرد سياست کي جڻ نظر لڳي وئي. پوءِ غيرنظرياتي ماڻهن ۽ ڏوهاري ماڻهن جو سياست تي قبضو ٿي ويو جن جو ڪم فقط اهو وڃي رهيو ته ڌاڙا هڻڻ هٿيار ڪلچر پيدا ڪرڻ تعليم جو بائيڪاٽ ڪري مهينن جا مهينا تعليمي ادارا بند ڪرائڻ عام شاگردن سان غيراخلاقي سلوڪ رکڻ استادن جي عزت نه ڪرڻ ۽ پوءِ شاگرد سياست انيڪ براين جي جڙ ٿي وئي. ان کي آءُ شاگرد سياست جو ڪارو دور چوندو آهيان ان ڪاري دور جي نتيجي ۾ سنڌي ماڻهن جو قومي تحريڪ ڏانهن وڌندڙ ويساهه ختم ٿي ويو جنهن جو سور سائين جي ايم سيد آخر تائين پنهنجي سيني ۾ سانڍي هميشه لاءِ اسان کان وڇڙي ويو ان شاگرد سياست جي ڪاري دور جا محرڪ تاريخ جا وڏا گنهگار آهن. مونکي انهن مان ڪيترن جا نالا به ايندا آهن پر انهن جو نالو نه ڪٽندس تاريخ انهن کي گند جي ٽوڪري حوالي ڪري ڇڏيو آهي. پر انهن جا شاگرد سياست کي گهاو اڄ به تازا آهن. اها شاگرد سياست اڄ پنهنجو دم توڙي چڪي آهي. اڄ گذريل 5 يا 6 سالن کان ونئي وري ان ساڳئي شاگرد سياست پنهنجون پاڙون کوڙڻ شروع ڪيون آهن. جنهن جا بنياد منهنجي رهبر رکيا. سنڌ جو نصيب سٽائو ٿيو جو ان جي جهولي ۾ جيئي سنڌ متحده محاذ جهڙي انقلابي تنظيم ۽ شفيع محمد برفت جهڙو حريت پسند اڳواڻ آيو جنهن ماضي جي سمورن ڳُنڍن کمن جون پاڙون اکيڙي کير جهڙي صاف ستري قومي تحريڪ جو بنياد وڌو ان اڃي اجري قومي تحريڪ جي ڇانو ۾ نسرندڙ شاگرد سياست جساف (جسمم) جو روپ ڌاري سائين جي ايم سيد جي تخيل مطابق هلڻ شروع ڪيو جساف جسمم جي اڳواڻن کان ويندي ڪارڪنن تائين فڪر سيد سان ڪميٽيڊ ۽ سنڌ جي عشق سان سرشار آهن. سندن اندر ڪنهن به قسم جي غير اخلاقي ۽ سماجي براين جي جاءِ ناهي. هو ماني گرهه پاڻيءَ ڍڪ ۾ ٻوڙي کائڻ ۽ پنهنجي

اوچي ڳاٽ کي هميشه اوچو رکڻ وارا سنڌ جا سپوت آهن. جيڪي ڪنهن به قسم جي قرباني ڏيڻ کان ڪڏهن به ڪيٻائيندا نه آهن. اهو ئي سبب آهي جو اڄ جساف(جسمم) مڪمل طور تي رياستي عتاب جو شڪار آهي. سنڌس چيئرمين هجڻ جي ڏوهه ۾ رياستي بندي خانن ۾ قيد آهيان. جيڪا منهنجي قرباني ڪا وڏي اهميت نٿي رکي. پر اسد عباسي، بابر سنڌيلي، افضل پنهور، شڪيل ڪونهاري، آصف پنهور ۽ عامر ڪهاوڙ جون سون ورنيون جوانيون جساف جسمم جي سنجيده سياست ڪرڻ جي ڏوهه ۾ قربان ٿيون. اها منهنجي ساٿين جي قرباني اڄ سنڌ جي تاريخ ۾ سونهري اکرن سان نمايان آهي. جيسيتائين سنڌ رهندي تيستائين ڪين ياد رکيو ويندو. اجوڪي جساف جسمم جي شاگرد سياست ماضي واري عظيم شاگرد سياست جو تسلسل آهي. جساف جسمم کي اهو پڻ ڪريڊٽ حاصل آهي ته جساف جسمم شاگرد سياست مٿان ڇانيل ڪارن ڪڪرن کي پري ڪرڻ ۾ ڪامياب وئي آهي. جساف جي نظرياتي پختگي ۽ سنجيدگي واري پاڪ صاف جدوجهد جي نتيجي ۾ قوم ۽ شاگردن جو وڃايل ويساهه ٻيهر بحال ٿيڻ لڳو آهي.

سوال 9: 21 هين صدي جي گلوبل وليج واري عالمي دور ۾ سنڌ جو شاگرد عملي ميدان ۾ اڳتي وک وڌائڻ بجاءِ شاگرد سياست ڇو ڪري؟

جواب: ڀاءُ هي توهان جو سوال تمام گهڻي اهميت وارو آهي. ٿي سگهي ته آءُ پنهنجي گهٽ معلومات جي بنياد تي مطمئن ڪندڙ جواب نه ڏئي سگهان. سڀ کان پهرين ته اهو واضح ڪجي ته سياست آهي ڇا؟ ۽ سماج لاءِ ڪيتري قدر ۽ ڇو ضروري آهي. سياست جي تاريخ سماج جيتري ئي پراڻي آهي. رياستون ته گهڻو پوءِ جون پيداوار آهن. پر جڏهن اوائلي سماج جڙي رهيو هو ۽ ڪٽنبن جو بنياد پئي پيو تڏهن کان سياست جو آغاز شروع ٿيو توهان سماج کي ترقي جي منزل تي پهچائيندڙ ۽ ايتري اوائلي سوچ يا نظريي کي هڪ ئي جملي ۾ ڪيئن ٿا ختم ڪري سگهو؟ جو ته پنهنجن حالتن تي نظر رکڻ. اجتمائي مفادن جو شعور رکڻ. انهن جي تحفظ لاءِ مربوط ۽ مضبوط تدبيرون اختيار ڪرڻ جي فن سوچ ۽ سرشتي جوئي نالو سياست آهي. توهان سياست کي ختم ڪري ڪيئن ٿا هڪ انسان کي پنهنجي حالتن تي نظر رکڻ. اجتمائيت تي سوچڻ سمجهڻ ۽ شعوري سگهه کان روڪي سگهو يا سندس ذهن تي تالو هڻي سگهو اڄ 21 صدي ۾ دنيا اگر گلوبل وليج آهي ته ايترو سمجهڻ گهرجي ته سياست جو عمل يا شعور ته تهذيب ڏانهن انسان جي پهرين وک مان هڪ وک هئي. اهو چند ڳالهيون جن کي انسان جي اوائلي تهذيب جا بنياد مڃيو وڃي ٿو سياست به انهن مان هڪ آهي.ادا يوناني فيلوسف ارسطو ته ايترو به چيو آهي ته ’جيڪو ماڻهو سياسي ناهي اهو مهذب ٿي نه ٿو سگهي. جيڪو ماڻهو سماج جي اجتماعي مفادن ۽ انهن جي تحفظ جي عمل جو شعور نٿو رکي اهو سياسي ٿي نٿو سگهي‘. ڇو ته فقط انفرادي مادي مفادن جو تحفظ جانور به ڪندا آهن ته منهنجا ڀاءُ توهان 21 صدر ۾ انسان کي سياست کي پري رکي مهذب ٿيڻ کان روڪي ڇو ٿا ان کي جانور بڻايو افلاطون کان ارسطو ۽ جان لاڪ کان هانتيسڪو تائين روسو ۽ ڪانٽ کان ويندي مارڪس ۽ هن صدي ۾ برٽرينڊرسل تائين ڪهڙو مفڪر ۽ فيلسوف آهي جنهن سياست تي نه ڳالهايو يا نه لکيو هجي. هن سماجي ڍانچي کي اڏيندڙ عظيم فلسفن سموري حياتي جي محنت کي ايئن ڪيئن ٿا رد ڪري سگهو؟ هي 21 صدي جو گلوبل وليج وارو عالمي دور منهنجي نظر ۾ بهتر سياست جي نتيجي ۾ ئي ممڪن ٿي سگهيو آهي اگر دنيا جا مهذب ملڪ انسان دوستي واري سياست نه ڪن ها ته اڄ هي دور اسان نه ڏسي سگهون ها. جن ملڪن هن دنيا کي گلوبل وليج جو روپ ڏنو آهي. اهي ملڪ پنهنجي ماڻهن سميت سموي انسانيت سان محبت رکندڙ آهن ۽ سياست ئي واحد رستو آهي جنهن تحت انسانيت جي ڀلائي ٿي سگهي ٿي. مهذب ملڪن اندر سائنسي شعبي کان ويندي تعليم. صحت سميت هر شعبي جي ترقي بهتر سياست جو ئي نتيجو آهي. سياست ته دنيا ۾ سائنس جو درجو حاصل ڪري ورتو آهي اها عمرانيات جي اهم شاخ آهي ان ڪري سماج جي ترقي پسند قوتن کي سياست جا جديد ترين تصور اختيار ڪرڻا پوندا ۽ سياست جي جديد ترين تصورن کي عوامي سطح تي متعارف ڪرائڻو پوندو. سنڌ جي سماج اندر سياست کي ناڪاري نگاهه سان ڏٺو ويندو آهي. جنهن جو سبب سياست ۾ منافقي ۽ موقعي پرستي واري رجحان کي هٿي وٺرائڻ آهي. در حقيقت سياست ته سماجي سائنس جو نالو آهي. سياست ته حقوق العباد واري رستي تي هلڻ جو نالو آهي. سياست انسان کي اشرف المخلوقات بڻائڻ جو واحد رستو آهي. اسان وٽ سياست کي ڪوڙ نڳي ۽ پئسي جي لالچ جو ذريعو سمجهيو وڃي ٿو پر سياست جي حقيقت ان جي بلڪل ابتڙ آهي. سياست سماج جي اها قوت ۽ ذريعو آهي جنهن وسيلي اهو رياست کي هلائي ٿو ۽ ترقي ڪري ٿو سياستدان ته ان شئي جي مثل آهي جيڪا پاڻ کي اگهاڙو رکي ٻين جي جسم ڍڪي ٿي. جيئن لطيف چيو آهي ته

بادشاهي نه پاڙيان، سرتيون سُئي
سـ ــــــــــــــــــاڻ،
ڍڪي اگهاڙن کي، ڪين ڍڪيائين پاڻ،
ٻيهر چاپي جاڻ، ابر جي اوصاف کي (شاهه)

اسان جنهن سياستدان جا پيروڪار آهيون ان وٽ سياست عبادت مثل آهي تنهنڪري سياست غلط يا وقت ڏيان نه آهي. پر اها تعليمات ۽ تربيت کي عملي جامو پهرائڻ جو نالو آهي. اسان کي ته سياست هر صورت ۾ ڪرڻي آهي ڇاڪاڻ ته اسان جي ڌرتي سامراج جي غلام آهي. پنجابين اسان جي سياست تعليم، معيشت، ثقافت، ٻولي کان ويندي هر محاذ تي قبضو ڪيو آهي ۽ اسان جي زندگي غلامن واري زندگي آهي غلام جو مقصد فقط آزادي حاصل ڪرڻ آهي ۽ آزدي جو واحد رستو سياست آهي. سو سنڌي شاگردن لاءِ شاگرد سياست انتهائي ضروري آهي جيستائين اسان پنهنجو وطن سامراج جي چنبي مان آزاد ڪرائي ان جا مالڪ نه ٿا بڻجون. تيستائين اسان بهتر تعليم حاصل ڪري 21 صدر واري گلوبل دور سان ڪلهو ڪلهي ۾ ملهائي نٿا بيهي سگهون. اسان وٽ ته تعليم جو معيار سطحي آهي. سڀ علم ڪوڙن تجربن ۽ مشاهدن تي ٻڌل آهن. توهان سمورن شعبن تي نظر رکو اسلاميات کان ويندي

پاڪستان اسٽيڊيز تاريخ ڪان ويندي سائنس ۽ ادب جي شعبي ۾ غير معياري نصاب اسان کي گلوبل وليج جي ويجهو نه وٺي ويندو، ان ڪري اهو سوچڻ يا چوڻ ته سياست ڪان هٽي ڪري اسان علم حاصل ڪري عملي ميدان ۾ وڏا ڏاها بڻجي سگهون ٿا ته اهو محض ديوانيءَ جو خواب آهي. اسان جيستائين آزاد نه ٿا ٿيون تيستائين معياري تعليم جي حاصلات ناممڪن آهي ۽ آزادي بهتر سياست ڪان سواءِ ناممڪن آهي. اسان جي شاگرد کي پنهنجي نصاب جي تعليمات سان گڏ سياسي تعليمات به حاصل ڪرڻ گهرجي نه رڳو سياست جي تعليم جي چاڻ پر سياست جي عملي ميدان ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪرڻ گهرجي. رڳو سڪٽي تعليمي ادارن مان حاصل ڪيل ڊگري وٺي سنو نوڪر ته ٿي سگهجي ٿو پر پنهنجي قوم ڌرتي ۽ انسانيت لاءِ ڪجهه به نٿو ڪري سگهجي اگر جيڪڏهن فقط پنهنجي ذات لاءِ زندگي گذارڻي آهي ته پوءِ سياست ڪان ڪناره ڪشي اختيار ڪري چاڪي جي ڏاند وانگر پيو اُتي جو اُتي ڦرجي اگر بهتر انسان جيان بين لاءِ زندگي گذارڻي آهي ته اسان کي سياست ڪرڻي پوندي .اسان وٽ پلي سياست کي ڪوڙ ۽ ٺڳي جو ذريعو سمجهيو وڃي پر مهذب ملڪن اندر سياست هڪ سائنس آهي جنهن ذريعي سماج مان منافقي ڪوڙ ۽ دوکي جون پاڙون اکيڙي سگهجن ٿيون. سو منهنجا پاءُ اسان جي شاگرد کي 21 صدي واري گلوبل دور ۾ عملي ڪردار ادا ڪرڻو آهي ته سياست جو اهم محرڪ ٿيڻو پوندو، ان سياست ذريعي شاگردن کي خبر پوندي ته اسان جا قومي حق ڪهڙا آهن؟ انهن جو استعمال ڪيئن پيو ٿئي؟ شاگردن کي سياست ذريعي معلومات ٿيندي ته آخر اسان جو قومي دشمن اسان کي غلام بڻائڻ ۾ ڪهڙا طريقا استعمال ڪري رهيو آهي اسان کي سياست ذريعي ئي معلومات ملندي ته مهذب ملڪن اندر معياري تعليم ڪيئن ممڪن ٿي سگهي آهي ۽ اسان اهڙي زيور ڪان ڪيئن محروم رهيا آهيون. سائين جي ايم سيد جي فڪر ۽ شفيع محمد برفت جي حڪمت عملين اڄ سياست کي اڄو اجرو ڪري ڇڏيو آهي. اڄ اسان وٽ سياست عبادت آهي ۽ عبادت خاطر اسان ڪيترن ئي ڳيرن جي جانين جا نذرانا ڏنا آهن ۽ اڳتي به ڏيندا رهنداسين جيستائين پنهنجو آزاد سنڌوديش حاصل نٿا ڪيون. سياست ذريعي ترقي يافتا ملڪن سان ڪلهو ڪلهي ۾ ملائڻ خاطر اڳتي وڌي سگهون ٿا ۽ دشمن کي مات ڏئي پنهنجا ساٿي بچائي سگهون ٿا.

سوال 11: آخر ۾ توهان جو قوم پنهنجي ساٿين ۽ شاگردن لاءِ ڪهڙو پيغام هوندو؟؟؟

جواب: ڪامريڊ ساٿيو توهان جو فڪر سيد تي عمل ڪرڻ ۽ سنڌ جي انقلابي سياسي جماعت جسمم جو حصو هجڻ وقت جي حالتن پٽاندڙ بلڪل درست آهي. سنڌ اندر هڪ اجائي واويلا ڪئي ويندي آهي ته پاڪستان جون ايجنسون وڏي طاقت رکن ٿيون. انهن کي هر ماڻهو جي خبر آهي ۽ اهي جيڪو به چاهن ته ڪري سگهن ٿيون هنن ڪان ڪير به پڇڻ وارو ناهي پر ساٿيو توهان کي ٻڌائيندو هلان ته پلي ڪيڏي به فوجي ادارا طاقت رکندا هجن يا ائٽم بم جا ملڪ هجن پر مون انهن جي دلين ۾ جسمم جي چيئرمين شفيع محمد برفت ڪان ويندي جسمم جي ننڍي ڪارڪن جو به خوف محسوس ڪيو آهي. هي اسان جي وطن سان عشق واري جذبي انقلابي حڪمت عملين جسمم اڳواڻن ۽ ڪارڪنن جي ڪڏي ڪنڌ ڪپائڻ واري عمل ڪان خوفزده آهن. جسمم ۽ ان جو بهادر چيئرمين شفيع محمد برفت سنڌ جي آخري اميد آهي تنهن ڪري منهنجا ساٿيو ڪنهن به خوف ۽ لالچ ڪان بالاتر ٿي جسمم ۽ شفيع محمد برفت جا هٿ مضبوط ڪيو پارٽي ۽ ان جي قيادت جا جان نثار ٿي رهو سنڌي ماڻهن کي آزادي جهڙي نعمت ڪان آگاهه ڪيو نه رڳو آگاهه ڪيو پر ڪين اندر به سنڌ دشمن ديسي دلال ڪان ويندي ڌاري قابض دلال سان مزاحمت ڪرڻ جي سگهه پيدا ڪيو توهان ئي هن دردمند ديش لاءِ آزادي جا پيغامبر آهيو توهان ئي هي غلاميءَ جون زنجيرون ٽوڙي سنڌو ديش کي دنيا جي ترقي يافتا ملڪن سان آزاد حيثيت ۾ برابري ڏياري سگهو ٿا. سنڌ جي آزادي هڪ مضبوط زنجير سان سلب ٿيل آهي جنهن کي اسان جي شهيد ۽ جيلن ۾ بند جسمم ڪارڪنن ڪمزور ڪري ڇڏيو آهي. اهو يقين رکو ته هڪ ڏينهن اهو زنجير ضرور ڪمزور ٿي ٽٽي پوندو ۽ سائين جي ايم سيد جا اهي لفظ سچ ثابت ٿيندا ته ' آءٌ سنڌ جي هزارين سالن جي لٽيل آزدي جو منتظر آهيان'. هن عذاب گهر پهچڻ بعد خبر پئي آهي ته رياست توهان ڪان ۽ حيرت جهڙي ڳالهه ته شهيد ٿيل دوستن ڪان اڃا به ڪيتري نه خوفزده ۽ پريشان آهي. جسمم چيئرمين جي هڪ هڪ تصوير، پمفليٽ يا بيان ۽ جسمم ڪارڪنن جي سنجيدگي G.H.Q ۾ ترٿلو مچائي ڇڏيو آهي. توهان پنهنجي جدوجهد جاري رکو هي جيل ٽاٽا پاڻ کي جهڪائي نٿا سگهن. پنهنجا ارادا هماليا جبل ڪان وڌيڪ مضبوط هئا، آهن ۽ رهندا. توهان سان وچن آهي ته ڌرتي متان سر قربان ڪندم توهان هڪ ٻئي جي رهنمائي ڪيو پاڻ ۾ نظرياتي پختگي پيدا ڪيو ۽ دشمن لاءِ ويڙهه جي همت پيدا ڪيو اسان جيلن ۽ ٽارچر سيلن ۾ هوندي به توهان سان گڏ آهيون. توهان سمورن ساٿين کي منهنجو نماڻو عرض آهي ته پٽائي جي هنن سٽن تي عمل ڪري پنهنجي اونداهي ڌرتي کي روشن ۽ آزاد ڪرڻ واري لافاني مقصد تي عمل ڪيو

هٽڻ، هڪلڻ، ٻيلي سارڻ مانجهيان ايءُ مرڪ،
وجهن تان فرق رپ وهندي راند ۾. (شاه)

شاگرد ساٿين کي چوندس ته پائرو توهان سنڌ جو شعور آهيو توهان جي تعليم پرائڻ جو مقصد رڳو پنهنجي ذات کي خوشحال بڻائڻ نوڪري ڪرڻ نه هجي. تعليم انسان لاءِ ٽئين اک هوندي آهي ۽ ان اک وسيلي توهان کي ان لڪيل رازن کي ڳولهڻ گهرجي. جيڪي عام ماڻهن جي سمجهه ڪان مٿانهان آهن. اسان جنهن ملڪ جي قيد خاني ۾ رهون ٿا ان قيد خاني جي مالڪ پنجابين اسان جي تعليم تي پڻ غلامي جو طوق چاڙهيو آهي. اسان جا تعليمي ادارا اڄ مڪمل طور تي فوجي ڇانوڻين جو ڏيک ڏئي رهيا آهن. اسان کي فوجي لانگ بوٽن جي ڇانو هيٺ جيڪا تعليم ڏني وڃي ٿي اها تعليم اسان کي سنو غلام ته ڪري سگهي پر بهتر انسان نٿي ڪري سگهي. تنهن ڪري شاگرد پائرو ان محدود دور

واري تعليمي نصاب کان هٽي ڪري پنهنجي سماج ۽قومي غلامي طرف ٿورو ڌيان ڏيو توهان جي اڳيان سڀ لڪيل راز ظاهر ٿي پوندا جنهن ڪي هي سامراجي رياست لڪائڻ چاهي ٿي. توهان رڳو محض پنهنجي تعليمي اداري ڏانهن نظر ڊوڙايو ته توهان کي پنهنجي قومي غلامي جا چٽا اهڃاڻ نظر ايندا. فورسز جو غير انساني رويو غلام قوم جي فردن سان اهڙو ئي هوندو آهي جهڙو توهان سان تعليمي ادارن اندر رينجرز يا پوليس جو آهي. انتظامي ڪرسين تي ويٺل آفيسرن جو جيڪو رويو توهان سان آهي اهو مهذب ملڪن جي شاگردن سان ناهي هوندو. انتظاميا عملدار پاڻ کي مانگر مڇ سمجهي ۽ توهان کي ننڍي مڇي سمجهي هر وقت ڳڙڪائڻ لاءِ وات ڦاڙي ويٺل آهن. شاگردن کي پڙهائڻ جو انداز اهو ساڳيو آهي جيڪو 60 ع 70 ع ۾ اسان جا مٽ مائٽ پڙهي ويا. انهن وٽ ڪابه معيار ۽ انداز سان تعليم ڏيڻ جو ڏانءُ ناهي. شاگردن ۽ شاگردياڻين کي فيل ڪرڻ جو خوف ڏئي بليڪ ميل ڪرڻ تعليمي ادارن جي استادن جو مهان مشغلو آهي. يونيورسٽين اندر شاگرد سياست تي بندش(جيڪا دنيا جي سياست ۾ اهم مورچو رهي آهي) هٽي رينجرز جي چانوٽي بڻايو ويو آهي. اسڪولن ڪاليجن ۽ بين تعليمي ادارن ۾ سنڌي قومي ٻولي بجاءِ لشڪري ٻولي اردو يا انگريزي پڙهائي معصوم شاگردن کي مادري ٻولي ۽ زبان کان پري رکيو پيو وڃي. ان کان علاوه لائبريون انهن پراڻن ڪتابن سان سٿيون پيون آهن جن ڪتابن کي ڪيڙا وني ويا آهن. پر شاگردن کي پڙهڻ لاءِ ناهن ملندا ۽ ليبارٽرين ۾ پيل مشينون استعمال نه ڪرڻ سبب ناڪاره ٿي ويون آهن. شاگردن کي انهن جو استعمال نه پري رهيو پر انهن جا نالن جي ڄاڻ به ناهي هوندي. هر وقت خوف ۽ هراس واري ماحول ۾ گذاريندڙ شاگرد ۽ شاگردياڻيون سياڻي ڪهڙو پنهنجي عملي زندگي ۾ ڪردار ادا ڪري سگهندا ان جو اندازو باشعور شاگرد لڳائي سگهن ٿا. تنهنڪري سنڌ جي شاگردن کي افضل پنهور، آصف پنهور ۽ شڪيل ڪونهاري وانگر پنهنجي تعليمي ادارن جي مالڪي ڪرڻ لاءِ اڳتي اچڻو پوندو جساف(جسمم)توهان جي اڳيان اڳيان هوندي. جساف جسمم جا ڪارڪن پنهنجي مادري علمين جي وارثي خاطر ميدان عمل ۾ آهن ۽ انهن ڪاهوڙي ڪردارن کي توهان جي ساٿ جي ضرورت آهي توهان اسان جا هٿ مضبوط ڪيو جنهن جاءِ تي توهان جو ڳڀرو وهندو ان جاءِ تي اسان جي ڪارڪنن جو رت وهندو جساف(جسمم) جي ذميوار اڳواڻ جي حيثيت ۾ اهو توهان سان واعدو آهي. مونکي اميد آهي ته سنڌي شاگرد هڪ ڏينهن ضرور صبر جا پيمانا ٽوڙي پنهنجي تعليمي ادارن ۽ سنڌ جي مالڪي ڪرڻ لاءِ ضرور هڪ آواز ٿي دشمن جي ڳچي ۾ گهوگو وجهندا.

سنڌ ڌرتي جا غيرتمند رهاڪو

اسان جو ساٽيهه سنڌو ديش قدرتي نعمتن سان مالا مال آهي. قدرت جي هر نعمت جنهن ۾ شاهه سنڌو درياهه، سنڌي سمنڊ، تيل، گئس، ڪوئلي جون انيڪ کاڻيون، معدني وسيلن سان پريل جبل، جهنگ، ريگستان، آبادي لاءِ زمينون پيار، محبت، انسانيت ۽ مهمان نوازي سان زرخيز آهن. پر اسان جي بدقسمتي آهي ته اسان پنهنجي وطن جا پاڻ مالڪ ناهيون ۽ پنجابي سامراج پنهنجي وحشي فوج جي ڏاڍ تي اسان کي غلام بڻايو آهي ۽ غلامي هڪ وڏي گار آهي. اسان کي پاڻ ۾ ويچار وساري ٻڌي ڪرڻ جي ضرورت آهي. اسان کي پنجابين وڏيرن پوليس ۽ فوج غلامي ۾ ڏکي ڇڏيو آهي اسان جي انيڪ ملڪيت هجڻ باوجود اسان بک ۽ بدحالي واري زندگي گذارڻ تي مجبور آهيون وطن جو مائرون پنهنجي اولاد کي وڪڻڻ تي مجبور آهن يا خودڪشي ڪرڻ تي مجبور آهن. جيڪا ڳالهه زنده قومن لاءِ وڏي الميي کان گهٽ ناهي. سنڌ مٿان پنجابين ايترا ظلم ڪيا آهن جو هٽلر ۽ چنگيز خان سنڌن شاگرد پيا محسوس ٿين. سنڌ جي زرخيز آباد ٽوڙي غير آباد زمين جا لڪين ايڪڙ پنجابين، پٺاڻن، بهارين ۽ بين ڌارين جي حوالي ڪيا ويا آهن. سمورن سنڌ جي عاشقن کي تمام وڏي بيدردي سان ٽارچر سيلن ۾ بند ڪري غير انساني ۽ وحشياڻو تشدد ڪري سنڌن مسخ شده لاشا روڊن تي اڇلائي سنڌ ڌرتي جي وجود کي سنڌن ٻچن جي لاشن تي للڪاريو ۽ روئاريو پيو وڃي. سنڌ واسيو! سنڌ امڙ جي سڏڪن کي محسوس ڪيو ۽ ان مٿان ظلم ڪندڙ ظالم پنجاب اسٽيبلشمينٽ کي گولي جو جواب گولي سان ۽ لاشن جو جواب لاشن سان ڏيو. سنڌي جوڌن مهاراجا ڏاهر کان دولهه دريا خان، هوشو شيدي ۽ سورهيه بادشاهه تائين ڌرتي جي عزت وعظمت غيرت لوٽي ۽ لڄ جي حفاظت ڪئي آ ننگن ۽ دنگن تان سر قربان ڪيا آهن. اڄ ته غلامي جي حالت مان پنهنجي وجود کي ڪيڻ لاءِ انهن جي صف ۾ نالو لکرايون. اي هزارها سال وجود رکندڙ منهنجي سنڌي قوم خدارا پنهنجي حقن کي سڃاڻو پنهنجي ڌرتي، وجود، غيرت، تاريخ، ٻولي، ثقافت، اقتصاديت ۽ معاشي مفادات جو تحفظ ڪيو توهان ڪنهن به صورت ۾ سياست کان لاتعلقي نٿا ڪري سگهو. توهان کي سڌو يا اڻ سڌو طور ظالم يا مظلوم سان بيهڻو پوندو. توهان جي خاموشي پنهنجي وجود جو انڪار ۽ ڌرتي تان هٿ کڻڻ برابر آهي. ياد رکو تاريخ ۾ هميشه تي ڪردار ئي ليکيا ويندا آهن. هڪ ظالم(جنهن مٿان سدائين لعنتاڻو هوندو آهي) ٻيو مظلوم (جيڪو ڏاڍ، جبر ۽ ظلم برداشت ڪري بغاوت ۽ جدوجهد ڪندو آهي) ۽ ٽيون ظالم جو ساٿ ڏيندڙ ديسي دلال (جنهن جي نالي کان سندس نسل به صدين تائين نفرت ڪندا آهن) هاڻي مان توهان مٿان ٿو ڇڏيان ته تاريخ ۾ ڪتي نالو لکرائڻ پسند ڪندا. جسمم توهان لاءِ سنجيده اثرائتي جدوجهد جي جديد نقطن تي پوري لهندڙ پارٽي آهي هي هڪ پليٽفارم آهي جتان توهان پنهنجو مستقبل ۽ ايندڙ نسل کي خوشحال ڏسي سگهو ٿا. ڌرتي توهان کي پنهنجو ڪرڻ لاءِ آتي آهي. ان جي ڪري اڄ وطن جي آزدي لاءِ اسان سان گڏ بيهو ساٿ ڏيو مسقبل اسان جو آهي. توهان جو وجود سنڌ سان آهي. اڄ ته سنڌ کي بچايون. سنڌ کي سنواريون سياڻي ايئن نه ٿئي جو اسان سنا پيا هجون ۽ نارائڻ شيام جا چيل لفظ سچ ثابت ٿين.

“الا ايئن م هوءِ ته ڪتابن ۾ پڙهجي، هُئي سنڌ ۽ سنڌ وارن جي ٻولي”

# پٽائي صاحب جو سنڌين لاءِ سنيهو

## جي.ايم.سيد





شاهه صاحب جي ڪلام ۾ حب الوطني کي خاص جڳهه ڏنل آهي، هن جي ڪلام جو نچوڙ اهو آهي ته ۽ (ديسي) سڄڻ ساڻيهه (وطن) ڪنهن بي ڳُٽي کان وسري سگهندا. مارُئيءَ جو سڄو سُر انهيءَ جذبات ۽ خيالات سان پريو پيو آهي، شاهه صاحب حب الوطنيءَ کي ايمان جو جُزو ۽ مذهب جو بنياد ٿو سمجهي.

شاهه صاحب جي زماني ۾ موجوده وقت جي حاڪمن جي سياسي پاليسي گهڻو ڪري ساڳي ئي آهي ،

هُو به اسلام ۽ شريعت جو نالو وٺي ڪُتا ڊارڻ ، شڪار ڪرڻ، ملڪي خزاني جو گهڻو حصو ذاتي عياشين ۾ خرچ ڪرڻ ۽ پنهنجي طاقت کي برقرار رکڻ لاءِ خرچ ڪندا هئا ۽ سندن قول توڙي فعل يڪسان نہ هُئا، هي بہ ڪم و بيش ساڳئي رستي تي هلي رهيا آهن. انهن ڏينهن ۾ بہ اسلامي برادري جي نالي ۾ عوام کي آزاد راءِ ۽ آزاد خياليءَ کان محروم رکيو ويندو هئو هن وقت بہ ساڳي حالت آهي.

تنهن ڪري شاهه صاحب جو 'سُرسڄو مارئي' انهيءَ مضمون تي صَرف ڪرڻ، بغير ڪنهن مطلب ۽ مقصد جي نہ آهي. آئون اڳي بہ لکي آيو آهيان تہ مسلمانن ۾ قديم وقت کان وٺي ٻن خيالن جا ماڻهو پئي رهيا آهن، هڪڙا وطن جي محبت جي بنياد تي انسان ذات جي ترقيءَ لاءِ ڪوشش ڪرڻ جي راءِ جا پئي رهيا آهن تہ ٻيا وري مسلمانن کي هڪ جدا گروهه بنائي، انهن کان انسان ذات جي رهبري ڪرائڻ جا طرفدار پئي رهيا آهن، ٻنهي خيالن جي طرفدارن کي پنهنجا دليل آهن، جن جو مختصر احوال بہ اڳي ئي ٻڌايل آهي، هتي صرف هي ٻڌائڻ ڪافي ٿيندو تہ شاهه صاحب پهرئين خيال هوجو جنهن ڪري حب الوطني کي ساراهيو اٿس، موجوده وقت جي زبان ۾ انهن ٻنهي نظرين کي نيشنلزم ۽ پين اسلامزم شاهه صاحب نيشنلزم جو حامي هئو نيشنلزم ۽ حب الوطني ساڳي شيءِ آهن. اهو صاف سمجهڻ گهرجي تہ جيڪي سنڌي شاهه صاحب جا بہ مداح آهن ۽ ڊاڪٽر اقبال جا بہ پوئلڳ ٿيڻ گهرن ٿا، تن يا تہ ٻنهي جي خيالات جو مقصد سمجهيو نہ آهي يا ڄاڻي واڻي ائين ڪن ٿا. مطلب تہ شاهه صاحب جو پهريون پيغام سنڌ جي سياسي، اقتصادي، ذهني آزاديءَ ۽ ترقيءَ جي مقصد سان محبت رکڻ آهي ۽ حب سڌي سگهجي ٿو.الوطنيءَ جي صحيح معنيٰ بہ اها ئي ٿي سگهي ٿي.

## پاڻ سڃاڻ

شاهه صاحب جي ڪلام ۾ پاڻ سڃاڻ تي پڻ گهڻو زور ڏنل آهي، اڪثر معنيٰ ڪندڙ پاڻ سڃاڻ مان صرف روحاني ۽ صوفياڻو مطلب ڪيندا آهن. وحدت الوجود جي نقط نگاهه کان هو چوندا آهن تہ "تو ۾ تنهنجو محبوب يا معشوق لڪل آهي، ٻاهر نهارڻ بيسود آهي، "نائي نيڻ نهارڻ"، "اندر اُجارڻ" سان ان کي ڏسي سگهندين. شاهه صاحب چوي ٿو تہ : وڃين چو وڻڪار ، هت نہ ڳولين هوت کي

لڪو ڪين لطيف چئي ٻاروچو ٻئي پار ٿي ستي ٻڌ سندرو پرت پنهونءَ سين پار نائي نيڻ نهار ، تہ تو ۾ ئي ديرو دوست جو.

ان جي هيءَ بہ معنيٰ ٿي سگهي ٿي تہ ٻين يا ڏارين جي درن تي چو ٿو وڃي رُلين ۽ ڌڪا کائين. هوت (مقصد) تنهنجي هٿ ۾ آهي، رڳو همت جي ئي درڪار اٿئي، تہ پاڻ وٽان ئي هٿ اچي ويندءِ.پنهنجو قومي نالو نشان، اصل نسل ۽ قومي روايات جي واقفيت،

قدر ۽ قيمت. سپ پاڻ سڃاڻڻ جي معنيٰ ۾ اچي وڃن ٿا. دنيا ۾ انسان ڪنهن خاص مقصد لاءِ پيدا ٿيل آهي ۽ ان کي خاص فرض پورا ڪرڻا آهن. انهيءَ مقصد، مراد ۽ فرض اَدائُن لاءِ، هر هڪ ماڻهوءَ کي پنهنجو پارٽ ادا ڪرڻو آهي. اهڙيءَ طرح سنڌين لاءِ بہ ڪو نصب العين هُوندو ۽ انهيءَ جي دريافت ۾ ئي سنڌين جي پاڻ سڃاڻڻ جو راز لڪل آهي. منهنجي نظر ۾ سنڌين جو نصب العين اهو آهي تہ جڏهن اقوامِ عالم کي پنهنجي ڪتيل سُٺَ جي پرک لاءِ وٽ (عالَم)صراف سرتين (اقوامِ سامهونعالم) سڏ ٿيندو. تڏهن انهن (سنڌين) وٽ ڪجهہ اهڙو هُجي، جو ڏيکاري سگهن ۽ شرم کان ڪنڌ هيٺ نہ ڪرڻو پوين.ان جو تڏهن 'سڃاڻڻ' حاصل ٿي سگهندُن. جڏهن هر هڪ سنڌ جو رهاڪو پنهنجي شخصي ۽ طبقاتي نفعي کي قوم جي گڏيل نفعي (مفاد) لاءِ قربان ڪرڻ سکندو. پاڻ سڃاڻڻ ۾ شخصن جي فنا آهي ۽ قومن جي بقا آهي. قوم جي نفعي لاءِ پاڻ کي ماري يا فنا ڪري. هڪ قطري کي قومي قالب ۾ فنا ڪرڻ. پاڻ سڃاڻڻ جو بنيادي سبق آهي. شاهہ صاحب فرمائي ٿو:

مَرُ تہ موچارِي ٿئين، ويهي جِيءُ مَ جوءِ
مُنڌ مرڻان پوءِ، پَهُچَندِينءَ پُنهونءَ کي.

شاهہ صاحب جو سمورو ڪلام غور سان پڙهي ڏسبو تہ مقصد، محبوب، منزل، مارُن وغيره کي پهچڻ لاءِ ڏُکن ۽ ڏاکڙن، ڪشالن ۽ مصيبتن جو سَهڻ ۽ برداشت ڪرڻ ضروري امُر آهي. گهر ويٺي، بنا محنت ۽ تڪليف جي ان درجي تي پهچڻ ڳوڙيون سڌون ڪرڻ آهن.

## بي خوفي ۽ همت

شاهہ صاحب جو سنڌين لاءِ ٽيون پيغام، همت ڏارڻ جو آهي. جنهن ماڻهوءَ يا قوم کي خوف جي بيماري ويڙهي ويل هُوندي، سي نہ آزاد ٿي سگهندا ۽ نہ ترقي ڪري سگهندا. جتي ايمان آهي، اتي خوف نہ آهي، جتي خوف آهي، اتي ايمان نہ مومنهوندو. ايمان کان سواءِ ٿي نہ سگهبو بزدلي، جهالت، احساس ڪمتريءَ ۽ بي اتفاقيءَ ڪري خوف پيدا ٿئي ٿو.جڏهن تہ ڪي خود مطلب مڪاني حاڪم، عوام کي ڪمزور ۽ بزدل بنائي پنهنجو شخصي اقتدار قائم رکڻ گهرندا آهن تہ ٻيا وري خودمطلبيءَ ۽ خانہ جنگيءَ جو فائدو وٺي، ساري قوم کي غلام بنايو ڇڏين جي 'مقصد'ٿا. حاصلات ان راند وانگر سولو ڪم نہ آهي، جا ڳپرو ڪيڏندا آهن، هتي تہ سِسي نيزي جي پاند تي اچلي اڏ ڪرڻي آهي. دهشت جا درياهہ لنگهڻا آهن، جت لُڙ لهريون، لَس ليٺَ هُوندا آهن ۽ جن درياهن جو سَنڌو سيڙهو ڪونہ هُوندو آهي، اُتي سڃا ٻيڙا سِيرَ ۾ هيٺ هليا ويندا آهن. جن مان پرزو بہ پئدا نہ ٿيندو آهي، جتي بحر جا سٽاٽا سيسار ۽ هيبتناڪ واڳون هزارين هُوندا آهن. اُتي اڻ تارُن کي صرف ساهڙ جي صلاح ئي پار لنگهائي سگهي ٿي، جا اها آهي تہ:

جٿان وهي ٿئان واٿ، ڳَپَرُ پُڇَنِ ڳوڙيون
جن کي سِڪ ساهڙجِي، سي گهيڙُ نہ پڇن گهاٽ
جنين عشقَ اُساٽَ، سي واهَڙُ پائِن وِڪڙي

شاهہ صاحب سنڌين ۾ جهالت، احساس ڪمتري، بي اتفاقِي ۽ سُستِي ڏٺي ۽ انهن جملي مرضن لاءِ هڪ ئي واحد علاجُ، همت ۽ بهادُرِيءَ جو ڏسيائين.

## قُرباني

سنڌين لاءِ شاهہ صاحب جيڪو چوٿون سنيهو ڏنو آهي، اهو قوم ۽ ملڪ جي آزاديءَ ۽ ترقيءَ جي رستي ۾ هر هڪ سنڌيءَ کي پنهنجي شخصي ۽ طبقاتي مفاد کي قربان ڪري عوام جو ڀلو گهُرڻ جو آهي. ڪابہ اهڙي قوم يا مُلڪ ترقي ڪري نہ سگهندو، جنهن جي فردن ۾ قُربانيءَ جو مادو نہ هُوندو. شاهہ صاحب فرمائي ٿو تہ:

ٿُون جي ڪالهہ مُئي، تہ ڪالهہ ئي گَڏِينءَ پِرِينءَ کي
ڪڏهن ڪا سُئي؟! تہ سَگهِي گڏِي سڄڻين.

شاهہ صاحب اهو چوي ٿو تہ انهِيءَ فنا في (قومالقوم لاءِ قُربان جيئڻ) درجي کي پهچڻ لاءِ سِرَ جِي سَٽَ ڏيڻي پوي ٿي. ڪامڻ سنديوون خبرون پتنگن کان پُڇِي ڏِسو. جي پنهنجي جِيءَ کي آٽيو آڳ ۾ اُڇلائين ٿا. هُو ڀَهہَ ڀچايو مچ تي مِڙَن ٿا ۽ لهس ڏسي لچڪن ڪينَ ٿا. سچ مٿي سڙيو وڃن ۽ ڳچين سندا ڳچ وڃايو جڏهنڇڏين. باهہ ٻري ٿي تہ هُو چڙهيو پيا چڪاسين ۽ ڏسيو پيا وِهسن ۽ پاڻ ڪٽيو ڪُوري ۾ پيا وجهن. وري ڪنهن جاءِ تي اڳرن جو مثال ڏئي چوي ٿو تہ:

هيءَ ڀَرِ اڳارن، بہ ڏاهين ٻرن جي
هيڪر ڪُري ڪانئيا، ٻيو ڏُوڏي منجهہ ڏڳن
پاٽان لوهارن، ميڙي رکيا مچ تي.

انهن کي لوهار ٻاريو اُجهائين، وري اُجهايو ٻارين ٿا. تہ بہ هُو پنهنجي ڪم ۾ پُورا آهن. وري ملڪ جي خادمن کي مخاطب ٿيندي چوي ٿو تہ:

وڍيو هُئين تان ويهہ، نہ تہ وٺيو واٽ ونءُ ٿُون
هي تنين جو ڏيهہ، ڪاتي جنين هٿ ۾

انهن کي وري چوي ٿو تہ. جي ٿُون سِڪَڻُ سکيو آهين تہ ڪاتِيءَ پِئي مَ ڪِنجهہُ ۽ ڪلالن جي ماٽِيءَ وٽ مٿو ڪاٽي رکڻ لاءِ تيار ٿي وڃُ ۽ سِرُ سَٽَ ۾ ڏيئِي، پوءِ انهيءَ محبتي مَڌ مان ڪي پيالين پئيج. اڳتي هلي وري فرمائي ٿو تہ:

اصل عاشقن جو سِرُ، نہ سانديڻ ڳمُ
سئو سِسِنِئان اڳرو، سندو دوسان دَمُ
هِي هڏو ۽ چمُ، پِڪَ پِريان جِيءَ نَہ پَڙي سُورِيءَ

تي چڙهڻ جو بيان ڪري چوي ٿو تہ:

سُورِي آهہ سِينگار، اصل عاشقن جو
مُڙڻ موٽڻ ميهڻو، ٿيا نظاري نِروارُ
ڪُسڻ جو قرارُ، اصُل عاشقن جو.

وري چوي ٿو تہ هڪ ٻِن عاشقن پئدا ٿيڻ مان مُلڪ ۽ قوم جو ڇوٽڪارو ٿيڻ وارو نہ آهي، اُتي تہ ڪروڙين عاشقن جو پئدا ٿيڻ ضروري آهي. چاڪاڻ تہ ڪلالڪي گهر، ڪُسڻ جو ڪُوپُ پيو وهي، اُتي وڍڻ، چِيرڻ، چچرڻ، انهن جِي پهت ۽ ڀَرِ تي وئي آهيءَ عاشقن کي وري مرڻ ۾ مُشاهدو پيو ٿِئي ۽ عاشقن کي وري ڪُسڻ ۽ مرڻ ۾ مُشاهدو پيو ٿِئي. ستايلن جي سنگت ۽ حمايتشاهہ صاحب جا مٿي ذڪر ڪيل پيغام، رواجي طرح تہ هر سِنڌيءَ لاءِ آهن، پر ڪيس خبر هُئي تہ انهن ڳالهين تي عمل ڪرڻ اهڪو آهي ۽ انهن ذريعن جي وسيلي قومي آزاديءَ ۽ ترقيءَ جي مقصد کي پهچڻ جو پنڌ اٽانگو آهي.

جتي ٻاري ٻر ۽ ٽڪائڻ وارا ٽر سڄن ٿا اُتي جبل جلدائيءَ جي ڪري تک جو تاءُ ڏيکارين ٿا. ڪکرا ڪوسا ٿين ٿا ۽ رڻ

تتو رائو آهي، جوراڻي جبل جو سفر سِتاڻو آهي. وٽڪار جي وڏن وڻن ۾ نيلا نانگ رهن ٿا، جت ڪُڙم قبيلا ساٿ نٿا ڏين، اتي سيڪا سَڏَ ڪانہ ڪندي، صرف جن جو اندر اڏ هُوندو سي ئي ڏونگر ڏوري سگهنديون. انهيءَ ڪري سندس خطاب پکن ۾ رهڻ وارن پنهوارن، ٿرن ۽ برن ۾ رهندڙ سنگهارن، پيار پريل سيٽن ۽ سرتين، ڪارن ۽ ڇارن وارن، مڃي مارڻ وارن مهاڻن، جن جي پاٻوڙا پوشاڪ آهي، وڏيءَ جي واڍوڙين، ٻاروچن ٻارن، سُڪا سنڊ ڪچن ۾، ۽ پراڻن نيٽڪيٽڙين، ٿمائيندڙ ڪاهوڙين، پڳهہ پاسي گهاريندڙ ۽ سڙهہ سنياهيندڙ ساموندين، گُوندر ۾ گذاريندڙن، پهڻن تي پاسا ڪوڙيندڙن، سڄ جي سفر وارن، نہ ٻُڌيءَ ۽ نہ سُئِيءَ جُوءِ جي ڏوريندڙن، جتي پکيءَ جو پير نہ هُجي، اتي ٻاهڙي ٿمڪائيندڙن طرف آهي. انهيءَ ڪي خبر هئي تہ سندس پيغام ۽ سنيهن تي عمل، لوڪ جي لياڪن رکڻ وارن، نام نشان پوبان هلندڙن، مال مڏيون گڏ ڪندڙن، سڪ جي سانديندڙن، گندِي ۽ گِراهہ جي گولن، پٽ ڪٽڻ پنندڙن، سنجهي سُمهي رهندڙن، پاڻ جي پوڄا ڪرائڻ وارن، مانيءَ ۽ ماڳ موچاري پنيان هلڻ وارن، جُسن ۾ جڏن، پرڪيڻ ۾ ڪڙن، مٽئي تي ماٽڪ وڪٽندڙن، ماڻهن کان منهن ڪيو اٿو ۽ اَنُ پنندڙن (جن کي اڄڪلهہ جي زبان ۾ لقبن ۽ لالچن تي ضمير وڪڻڻ وارا. ميمبرين ۽ وزارتن خاطر ملڪ ۽ قوم قربان ڪرڻ وارا. رشوتن مان مال ۽ ملڪيتون ڪٺي ڪرڻ وارا. ٿوري خوف خاطر ڏارين جا جوتا صفا ڪرڻ وارا. ڄاڻي سڃاڻي ناحق کان ڏڄي ماٺ ڪرڻ وارا. بد اخلاقي جو اڏو هجڻ جي باوجود دين جو نعرو هڻڻ وارا. مسڪينن، خانہ بدوشن، اڇڄاڻن جي ڪمائيءَ تي عيش ڪرڻ وارا. ظلم ۽ ستم ذريعي پنهنجي طاقت قائم رکڻ وارا سڏي سگهجي ڪانٿو) ڪِينَ ٿي سگهندو.

تنهن ڪري اهڙن ماڻهن کي مخاطب ٿي چوي ٿو تہ

اڻ ڏُکوين ڏُکوبِن جي، چو ٿيون پٿر پُونِ ناهِہ
اوراتو اُن کي، ٿيون لوڪَ رِيائُون رُونِ
جي پَنَڻَ پيڙِيُون هُونِ، پارَ تنين جا پڌرا.

هُو سنڌُ جي مظلوم ۽ مسڪين عوام کي غربت، جهل، بداخلاقيءَ، ظلم ۽ ڏاڍائيءَ کان آزادي ڏيارڻ واسطي گڏ ڪرڻ گهُري ٿو. ڇاڪاڻ تہ کيس خبر هُئي تہ ملڪ ۽ قوم جي آزاديءَ ۽ ترقيءَ جو موڪ بہ انهن وٽان ئي ٿيڻ وارو آهي ۽ چوي ٿو تہ:

اڇو سُورن واريون، ڪريون سُورَ پچار
ڪن گهڻا ، ڪن ٿورا. ڪانهي سُورن ڏار
ڏنا جي ڏاتارَ . مُون جهولِي پائي جهَلِيا

هن کي بنگلن ۽ محلاتن ۾ رهندڙن، پٽ پٿيهر پهريندڙن، ٻوڙ پُلاءُ ڪائيندڙن، موٽرن ۾ چڙهندڙن منجهہ عوام لئہ اُٿي ڪا جفاڪشي ڪرڻ جي ٿوري اميد بہ نہ هُئي، آخر جا جاءِ ٻرندي اُها جلندي، تنهن ڪري چوي ٿو تہ :

سگهن سُڏِ نہ سُورجِي، گهايَلَ ڪيئَن گهارِينِ
پِيَلُ پاسو پَٿَ تي ، واڍوڙيل نہ وارِينِ
پَرِ ۾ پَچَنِ پِرينءَ لَئِہ ، هيءِ هنجُون هارِينِ
سَجَڻُ جي سارِينِ ، تن رويو وهامي راتِڙِي

هُو محب وطن ماڻهن کي صلاح ٿو ڏئي تہ جيڪي جهُوپڙين ۽ ڪکائن مَنَهَنِ ، ٿرن ۽ برن، جيلن ۽ اسپتالن وغيره ۾ ڏکي حياتي گهاري رهيا آهن، تن جي خبر لهن، انهن جا ڏُکَ ۽ سُورَ ٻُڌَنِ. انهن جا مسئلا سمجهن. مُلڪ مان بُک ، اوگهڙ، بيماري ۽ مصيبت تڙڻ لاءِ رِٿُون ۽ مشورا ڪن. پوءِ ئي هو سچا خادم چورائڻ جا حقدار ٿي سگهندا. چوي ٿو تہ:

رهي اڄجي راتڙي ، تن واڍوڙين وٿان
جن کي سُور سرير ۾ ، گهٽ منجهاران گهاءَ
لڪائي لوڪان، پاڻهين ٻڌن پٽيون

اُن وقت ، اُن زماني جي صاحب اقتدار طبقي جي ماڻهن (جن ملڪ ۽ قوم جي ليڊريءَ جي واڳ بہ پنهنجي حوالي ڪٺي ڪئي هُئي ۽ باوجود وڏين دعوائُن جي مُلڪ ۾ پنهنجي طبقاتي مفاد لاءِ مسڪين، بي علم ۽ مظلوم ماڻهن کي ڪسمپُرسيءَ واري حالت ۾ رکيو ويٺا جيهُئا) حالت کي ڏسي، انهيءَ طبقي مان قطعن نا اميد ٿيو هئو ۽ ظاهر ڪيائين :

ڪُنِيَس ڪُويڄن، تن طبيب نہ گڏيا
ڏيئي ڏنپ ڏڏن ، پاڻان ڏيل ڏکوئيو.

هو ساڳي طرح متعصب ، تنگ نظر، خود مطلب ۽ دنيا خاطر دين وڃائيندڙ مُلن ۽ مولوين مان بہ راضي نہ هئو ، هُن کي خبر هُئي تہ:

پڙهيو ٿا پڙهن ، ڪڙهن ڪين قُلُوب ۾
پاڻان ڏوهَ چڙهن ، جيئن ورق ورائِينِ وترا.

ملڪ ۽ قوم جي خادم ٿيڻ جي لاءِ، هُو ڪي شرط مقرر ٿو ڪري، جيڪي انهن پٺاندر هلندا. سي ئي ان ڪم لاءِ لائق ٿي سگهندا. چوي ٿو تہ:

سپ ننگيون ٿي نڪرو ، لالچ ڇڏي لوپ
سپيريان جي سوپ ، ننڊون ڪندي نہ ٿئي.

جن ماڻهن ۾ اهي ڳالهيون موجود نہ آهن، مستقبل تي حال ۽ عوامي فائِدي تي شخصي فائدو متائڻ لاءِ تيار آهن ۽ قوم جي مجموعي نفعي کي پنهنجي طبقاتي مفاد تي قربان ڪن ٿا. تن لاءِ چوي ٿو تہ

وصل تنهن وڃائيو سِيندٰ سُرمي سِيئَن
سا لُوني لِيلان جيئَن، مٽيو جنهن مٺ ڪيو.

هُن سنڌ جي صاحب اقتدار طبقي جي خامين جي باوجود، سنڌي عوام مان اُميد ڪانہ لاٿي هُئي ۽ انهن مصيبت زده، ستايل، غريب ۽ اڇڄاڻ ماڻهن کي دلداري ڏئي ، هن طرح مخاطب ٿئي ٿو:

ڏُکِي ڏُکَ مٿي ڪري، وَنءُ چپر پيهِي
گڏيي ئي ڏيهِي، سُوڏيون ڏيندءِ خبرون.

وري چوي ٿو تہ:

پيڙي ٻَڌُ ٻِيهارَ سُورائِتِي سندرو
ڏُونگر توهان ڏار، ڪا نَہ ڏورِيندِي ڏُکَ سِين.

هُو تڪليفن ۽ مصيبتن سان عادي ٿيڻ ضروري ٿو سمجهي، ڇاڪاڻ تہ جيسين ماڻهو انهيءَ جو عادي ۽ هيراڪ نہ ٿيو آهي، اُن وقت تائين هُن کان ڪوبہ بُلند خيال ۽ اعليٰ مقام وارو ڪم پُورو نہ ٿي سگهندو. تنهن ڪري چوي ٿو تہ :

سئو سُکن ڏيئِي، وِرهُہ وِهايُم هيڪڙو
مونکي تنهن نيئِي، پير ڏيکاريو پرينءَ جو.

سُورن جا هيراڪ ٿيڻ بعد ، ملڪ جي خادمن جو جيڪو حال ٿئي ٿو، انهيءَ جا هينيان اُهڃاڻ ٿو ڏسي:

ڏُکوبِنِ اُهڃاڻُ ، ڪُلهي قاتل ڪنجرو
وڃَنِ گُوندَرَ گَڏِيُون، لوڪَ نہ آڇِينِ پاڻُ
سُورَن تنين ساڻُ، ننڊي ئي نِينهُن گيو.

* * *

# اسين لوچون لوھ ۾....

## شهزاد منگلو



هٿن ۾ هٿڪڙول، پيرن ۾ پيرڪڙيون، اکين تي پٽي، سِر تي ڪيترائي گهاءَ ۽ مستقل تشدد برداش ڪرڻ باوجود بہ جڏهن ڪال ڪوٺڙين مان ڪڍي ڪورٽ ۾ پيش ڪيو ويو تہ سندس مرڪندڙ چهري ۽ ‘سنڌ گهري ٿي آزادي’ واري لڳايل نعرن سموري فضا کي جوش خروش ٿئي بخشيو. ها هڪ شخص جنهن پنهنجي جواني سنڌ جي قومپرست شاگرد سياست کي پيٽ ڪئي ۽ ڏهن سالن جي مستقل مزاج جدوجهد جو سفر طئي ڪندي جساف(جسمم) جو موجوده چيئرمين بڻيو.

سنڌ جي تعليمي ادارن اندر تعليم پرائيندڙ رياست جي سرد جنگ جا شڪار شاگرد دوستو! جيئي سنڌوديش.......جيئي سائين جي.ايم سيد

حفيظ پيرازادو، سنڌ جي شاگرد سياست جو نمايان نالو آهي جنهن ڊگري ڪاليج ڏوڪريءَ کان باضابطہ طور شاگرد سياست اندر پير پاتا ۽ شروعاتي وقت ۾ ئي ڪاليج اندر شاگرد سياست جي اصلاحن جي نيت سان ڪيترين ئي ڪوششون ورتيون. ڪاليج جي تعليم مڪمل ڪرڻ بعد وڌيڪ تعليم لاءِ سنڌ يونيورسٽي جو رُخ ڪيائين. يونيورسٽي اندر تعليم پرائڻ دوران پاڻ شاگرد سياست اندر متحرڪ ٿيو. ڪارڪن کان ضلعي اڳواڻ ۽ پنهنجي غيرمعمولي صلاحيتن ۽ سياسي بصيرت ڪري مرڪزي عهدن تي فائز ٿيندو رهيو. حفيظ پيرزادو سنجيده ۽ آدرشي شاگرد سياست جو قائل هو تڏهن ئي پنهنجي شروعاتي سياسي دور کان ئي اهڙن اصلاحن بابت ويچاريندو رهيو. قومپرست شاگرد تنظيمن ۾ رهندي پنهنجون صلاحيتون شاگردن جي حقن جي حاصلات ۽ قومي ڪردار جي ادائگي لاءِ صَرف ڪندو رهيو. حفيظ پيرزادو پنهنجي ننڍي عمر ۾ ئي سنڌ جي شاگرد سياست جو وڏو نالو ٿي اڀريو جنهن قومي تحريڪ جي اهم سياسي اڳواڻن سان صحبت دوران پاڻ مڃايو. سنڌ جي برڪ اديب ۽ سياسي اڳواڻ عبدالواحد آريسر، سرائي قربان کُهاوڙ، مظفر ڀٽو، پروفيسر اعجاز سولنگي، استاد محمد راهمون سميت انيڪ سياسي اڳواڻن جي گرد رهندي سنڌ جي قومي تحريڪ جي نمايان شاگرد اڳواڻ جي حيثيت جو حامل بڻيو.شهيد سرائي قربان کُهاوڙ ۽ سندس ساٿين جڏهن سنڌ جي انقلابي جماعت جيئي سنڌ متحدا محاذ (جسمم) ۾ شموليت جو فيصلو ڪيو تہ حفيظ پيرزادو سميت ڪيترن ئي سنجيده اڳواڻن ۽ ڪارڪنن سرائي قربان کهاوڙ جي اڳواڻي ۾ جسمم چيئرمين شفيع محمد برفت جا هٿ مضبوط ڪرڻ لاءِ حيدرآباد اندر پريس ڪانفرنس وسيلي پنهنجي شامل ٿيڻ جو اعلان ڪيو. جنهن بعد حفيظ پيرزادو جي اڳواڻي ۽ جسمم جنرل سيڪريٽري مظفر ڀٽو جي سرپرستي هيٺ جيئي سنڌ اسٽوڊنٽس فيڊريشن (جسمم) جا بنياد پيا. حفيظ پيرزادو جساف(جسمم) جو پهريون چيئرمين چونڊيو ۽ جساف(جسمم) جي وجود ۾ اچڻ شرط ئي سنڌ جي شاگرد سياست اندر نون لاڙڻ کي متعارف ڪرائڻ جي ڪوشش ڪئي. شروعاتي دور ۾ ڄامشوري جي تعليمي ادارن اندر بائيڪاٽ ڪلچر، شاگرد تنظيمن جي آپسي جهيڙن، انتظاميا مان مخفي مفادن جي حصول، نون آيل شاگردن جي ريگنگ ۽ ٽولن جي صورت ۾ گهمڻ ڦرڻ جهڙن غيراخلاقي ۽ غيرسياسي عملن جي مخالفت ۾ پروپگينڊا ڪري سنجيده قومي سوچ رکندڙ شاگردن کي پاڻ طرف متوجہ ڪرائڻ شروع ڪري ڏنو. جنهن بعد شاگردن جي بنيادي حقن لاءِ جاکوڙڻ جي عملي شروعات ڪئي ۽ ڏسندي ڏسندي جساف(جسمم) ڄامشوري جي تعليمي ادارن کان وڌي وِيجهي سنڌ جي ڪم و بيش سمورن يونيورسٽين تائين پنهنجي رسائي کي ممڪن بڻايو. سنڌ جي شاگرد سياست کي هڪ پيرو ٻيهر شاگردن اندر مان ڏيارڻ لاءِ پنهنجي جدوجهد کي تيز ڪيو ۽ ان سموري جدوجهد دوران جساف (جسمم) سنڌ جي ڪيترن ئي سنجيده شاگرد اڳواڻن ۽ سنجيده قومي ورڪرن جي نرسري ثابت ٿي. اُها سنجيده جدوجهد ۽ شاگردن جي حقن وارو موقف ئي هو جنهن ڪري اول تہ **جساف(جسمم) جي ڪارڪنن کي وڏي تعداد ۾ گرفتار ۽ اغوا ڪري گم ڪيو ويو. افضل پنهور ۽ آصف پنهور ٽارچر سيل اندر غيرانساني تشدد برداش ڪرڻ بعد**



**مرڻينگ حالت ۾ ڦٽا ڪيا ويا جن سُک ٿي سمجهڻ بجاءِ پاڻ مٿان ٿيل پاڪستاني فوج جيسموري ظلم جي ڪٿا ميڊيا ۾ چٽي ڪري رکي. بعداز جساف(جسمم) اڳواڻن افضل پنهور، آصف پنهور، شڪيل ڪوهارو ۽ عامر ڪهاوڙ کي شاگرد سياست ڪرڻ جي ڏوهه ۾ مختلف عذاب ڏئي اذيت ناڪ موت ڏنو ويو. جساف(جسمم) جو 17 سالن جو نوجوان ڪارڪن الله وڏايو مهر گذريل 2 سالن کان ٽارچر سيلن اندر قيد آهي ۽ معلوم ناهي تہ سندس جي حياتي جي ڏيئي کي بہ اُجهايو ويو آهي يا اُجهايو ويندو ... تازو جساف(جسمم) کي پنهنجي انقلابي چيئرمين حفيظ پيرزادو کان محروم ڪرڻ جي گهنوني سازش رچي وئي جيڪا سنڌي قوم جي اجتماعي ردِ عمل ڪري ڪنهن حد تائين ناڪام ٿي پر تنهن هوندي بہ ڪنهن سياسي شاگرد اڳواڻ مٿان دهشتگردي جا ڪوڙا ڪيس مڙهڻ قابلِ مذمت ۽ باعثِ ردعمل رياستي ڪرتُوت آهي.**

**شاگرد دوستو!**

- ڇا شاگردن جي حقن جي حاصلات لاءِ آواز اٿارڻ ايترو سنگين جرم آهي؟
- ڇا پنهنجي قوم سان ٿيندڙ زيادتين، ظلم، استحصال ۽ لُٽ ڦر جي ڄاڻ شاگرد طبقي تائين پهچائڻ جي سزا دهشتگردي جا ڪيس، گرفتاريون. ٽارچر سيل يا قتل هئڻ گهرجي؟
- ڇا سنڌ جي بي لوث شاگرد اڳواڻن ۽ ڪارڪنن جو قتل سنڌ جي شاگردن لاءِ قابلِ برداشت عمل آهي؟
- ڇا تعليمي ادارن اندر هٿياربند اهلڪارن جي مخالفت ڪري پُرامن تعليمي ماحول جي گهُر ڪندڙن کي دهشتگرد سڏي سگهجي ٿو؟
- ڇا حفيظ پيرزادو جهڙي سياسي شخصيت، نمايان شاگرد اڳواڻ ۽ پٽائيءَ جي ياد حافظ کي دهشتگردي توڙ عدالت جي ڪٽهري ۾ بيهارڻ ڪنهن بہ اخلاقي قانون جي پاسداري آهي؟

اگر توهان وٽ انهن سمورن سوالن جا انڪاري جواب آهن تہ پوءِ انهيءَ انڪار کي پنهنجي ٻڌي سان سگهہ ۾ تبديل ڪرڻ جي ضرورت آهي ۽ اجوڪو فردي انڪار سڀاڻي جي قومي انڪار(بغاوت) کي جنم ڏئي سگهي ٿو.

**سنڌ جا باشعور شاگرد دوستو!**

اڄ سنڌ جي شاگردن کي هڪ پلاننگ تحت سياست جي ميدان کان پاسيرو ڪيو ويو آهي، ڇاڪاڻ جو شاگردن سموري دنيا اندر عظيم انقلابن ۽ تحريڪن جي اڳواڻيءَ جو ڪردار ادا ڪيو آهي. بنگال جي پاڪستان کان آزادي پڻ 1952ع کان هلندڙ شاگردن جي مستقل جدوجهد جو نتيجو آهي جن 1973 تائين جو مسقتل سفر طئي ڪرڻ بعد لکين شاگردن، پروفيسرن ۽ بنگالي قوم جي غيرتمند فردن جي رت سان بنگال جو آزاد مستقبل لکي ورتو. بنگال جي آزادي بعد سائين جي.ايم سيد تنهن ڪري ئي سنڌ جي شاگردن سان سڌي ريت ربط لاءِ هڪ شام سنڌ يونيورسٽي جي انٽرنيشنل هاسٽل لان اندر شاگردن جي ميڙ ۾ گذاري ۽ سندن کي سنڌ جي تهذيبي، ثقافتي، اقتصادي ۽ آزاد رياستي قد ڪاٺ سميت سموري سياسي منظر نامي بابت آگاهي بخشي مٿن تاريخ جي اهم ترين ذميواري عائد ڪئي. ان کان اڳ بہ سائين جي.ايم سيد سنڌ جي رول ماڊل وزيرِ تعليم، سنڌ يونيورسٽي جي بانيڪار ۽ تعليم متعلق شاهڪار ڪتابن جي مصنف جي حيثيت ۾ شاگردن سان اڻ سڌي رابطي ۾ رهندو آيو پئي. 1973ع ۾ جڏهن سيد سنڌ کي سنڌوديش بڻائڻ جي سياسي نقطہ نظر ۽ امنِ عالم، ترقيءَ بني نوع آدم، اتحادِ انساني

۾ آزاديءَ اقوام جي عالمگير فڪر سان سياسي تحرڪ ورتو ته جيئي سنڌ اسٽوڊنٽ فيڊريشن جا بنياد پيا ۽ تنهن شاگرد تنظيم ئي سنڌ جي قومي تحريڪ جي جوڙجڪ اندر مکيا ڪردار جي ادائيگي ڪئي. اڄ پڻ سنڌ جو سياسي منظر نامو سائين جي.ايم سيد جي تخيل واري شاگرد تنظيم جساف جي گھُر ڪري ٿو اهڙي گھُر کي وقت جي اهم ضرورت سمجھندي جساف(جسمم) عمل جي ميدان ۾ آهي. اسان سنڌ جي اسڪولن، ڪاليجن ۽ يونيورسٽين اندر تعليم پرائيندڙ سمورن شاگردن کي پنهنجو اٽوٽ انگ سمجھون ٿا ۽ ڪين تائين رسائي کي ممڪن بڻائي سندن قومي ڪردار جي ادائيگي پنهنجو نصب العين سمجھون ٿا. جساف(جسمم) سنڌ جي عظيم رهبر سائين جي.ايم سيد آڏو پنهنجي اعمالن جي رپوٽ پنهنجي شهيد ساٿين جي خون ۽ رياستي بندي خانن ۾ قيد چيئرمين ۽ ڪارڪنن جي صورت ۾ ڏي ٿي. پاڪستان جي رياستي مشينري جا سنڌ جي تعليمي ادارن اندر جساف(جسمم) مٿان آپريشن جا ڪارڻ پڻ اهي ئي آهن ته اهڙن شاگرد تنظيمن جي مستقل متحرڪ رهڻ ڪري سنڌ جو شاگرد طبقو قومي آزادي واري جنگ ۾ عملي ڪردار ادا ڪري سگھي ٿو جيڪو پاڪستان نالي گھڙ قومي رياست جي غيرفطري وجود کي ميسارڻ لاءِ اول دستو ثابت ٿيندو. اڄ دنيا جي ڪيترن ئي ترقي يافته ملڪن اندر شاگرد سياست ڏينهن رات پروان چڙهي رهي آهي، پوءِ ڇو اسان سنڌ جي شاگردن آڏو شاگرد سياست کي منفي عمل طور پيش ڪيو ويندو رهيو آهي؟ انهيءَ سوال تي سنڌ جي هر هڪ تعليم پرائيندڙ شاگرد کي سوچڻو پوندو.

ويجھي ماضي ۾ پاڪستاني اسٽبلشمينٽ رٿابندي تحت شاگرد سياست اندر هٿرادو گندا گرد گروپن جا بنياد وجھي شاگرد سياست بابت غيراخلاقي ۽ غيرسياسي تاثر ڏيڻ جي ڪوشش ڪندي رهي ۽ اهڙي سازش ڪنهن حد تائين ڪامياب پڻ ٿي. پر جڏهن شاگرد سياست جا حقيقي جوهر نمودار ٿيڻ لڳا ته تعليمي ادارن اندر سندن مٿان سختيون وڌايون ويون جن سختين اڳتي هلي منظم آپريشن جو روپ اختيار ڪيو. اهڙي آپريشن جي نتيجي ۾ اڳ ته سنڌ جي سياسي شاگرد اڳواڻن ۽ ڪارڪنن کي سرڪاري عتاب جو نشانو بڻايو ويو ۽ تنهن بعد سنڌ جي سمورن يونيورسٽين اندر هر شاگرد سان رينجرز، پوليس، انتظاميا ۽ پرائيوٽ سيڪورٽي جو ظالماڻو رويو سنڌي شاگردن خلاف نفرت جو واضح دليل آهي. اڄ ڪراچي، ڄامشورو، نوابشاهه، خيرپور ۽ لاڙڪاڻه سميت سنڌ جي مڙني يونيورسٽين اندر رينجرز جون چوڪيون ۽ ڪيمپون، ڪاليجن جي هاسٽلن اندر رينجرز، پوليس جون رهائشگاهون، شاگردن جي فيس جو چڱو خاصو حصو قانون لاڳو ڪندڙ ادارن تي خرچ ٿيڻ سنڌي شاگردن جي حقن جي لتاڙ جي کُليل نشاندهي آهي. اهڙو آپريشن مستقبل ۾ سنڌي شاگردن کي اقليت ۾ تبديل ڪرڻ ڍاڪا يونيورسٽي جيان لکين بيگناهه شاگردن جي قتلِ عام يا شاگردن کي ذهني طور مفلوج بڻائي هيسايل زندگي گذارڻ تي دنگ ڪندو. اهڙي صورتحال سنڌ جي شاگردن جي انفرادي مستقبل (بهتر ڪيريئر) توڙي اجتماعي مستقبل (قومي آزادي ۽ انقلاب) جي راهه ۾ سڀ کان وڏي رنڊڪ آهي. اڄ پنجاب جي شاگردن جي ڀيٽ ۾ سنڌي شاگردن جي تعليمي نظام، نصابي سُڌارن، غيرنصابي تربيت، جديد ليبارٽرين ۽ لائبريرين تي انهيءَ ڪري ڌيان نه پيو ڏنو وڃي ڇاڪاڻ جو رياست سنڌي شاگردن کي باشعور بڻائڻ بجاءِ بهترين غلام بڻائڻ لاءِ ڪوشان آهي. سنڌ جي يونيورسٽي سطح تي به تاريخ جا غلط قصا ۽ ڪهاڻيون پڙهائي شاگردن اندر هڪ غيرفطري رياست پاڪستان سان محبت ۽ عقيدت جا درس ڏنا پيا وڃن جنهن جي ڀيٽ اگر عالمي تاريخ سان ڪبي ته پتو پوندو ته هن ملڪ اندر رائج الوقت تاريخ جي ڪتابن جي دنيا وٽ ڪا به حيثيت باقي ناهي رهي. اهڙي صورتحال تاريخ سميت سمورن تعليمي شعبن سان آهي جيڪي يا ته ڪوڙ تي ٻڌل آهن يا جديد معيار تي پورا ئي نٿا لهن. پاڪستاني رياست سنڌ جي شاگردن سان 'سرد جنگ' وارو رويو روان رکيو آهي جنهن ۾ هڪ ته سندن جا حق ڏينهن رات ڦٻايا وڃن ٿا ۽ اهڙن حقن جي ڳاله ڪندڙ شاگردن کي پڻ قتل ڪيو وڃي ٿو گڏوگڏ ان سڄي ڪاروهنورا مان شاگردن کي درڪنار رکڻ لاءِ منفي پروپيگنڊا کي هٿيار بڻائي شاگردن کي ذهني انتشارن يا خوف هراس جي حربن سان خاموش رهڻ تي پڻ مجبور ڪيو وڃي ٿو. جيئن شاگردن کي گهڻي عرصي تائين خوابِ غفلت ۾ رکي سنڌ جي تعليمي بجيٽ، شاگردن جي حقن، سنڌ جي تيل، گئس، ڪوئلي، معدني وسيلن، درياهه ۽ سمنڊ سميت انيڪ خزانن کي پنجاب جي خوشحالي لاءِ قطب آڻي سنڌ مٿان 1947ع کان مسلط قومي غلامي کي گهڻي عرصي تائين مستحڪم ڪري سگھجي..

### سنڌ جا باهمت شاگردو!

اڄ سنڌ جي سموري قديم تاريخ پنهنجي اميدن جون اکيون اسان (شاگردن) منجهه لڳائي ويٺل آهي. توهانجي آڏو سنڌ جوشعور هزارين ضربون برداشت ڪرڻ باوجود به پنهنجي ڦَٽيل وجود سان اڳتي وڌي رهيو آهي. رت ۾ لت پت لاشا، هٿن ۾ هٿڪڙيون ۽ اکين تي پٽيون ٻڌل شاگرد اڳواڻ، سموريون سختيون برداشت ڪرڻ باوجود به شاگردن جي حقن جا واڪا ڪري اوهان سنڌ جي شاگردن طرف اميد ڀري اکين سان واجهائي رهيا آهن. هي سڀ ڪجهه سنڌ جي شاگردن اندر قومي آزاديءَ جي جاڳرتا ۽ جديد طرزِ معيار جي رينجرز کان پاڪ تعليم فراهم ڪرائڻ لاءِ برداشت ڪيو پيو وڃي.

**اڇو سنڌ جا شاگردو! پنهنجي حقن ۽ قومي آزادي لاءِ ڪردار کي سڃاڻيون.**

**اڇو ! گڏ ٿي شاگرد حقن لاءِ جاکوڙيندڙ سنڌ جي شاگرد اڳواڻ حفيظ پيرزادو جي غيرقانوني گرفتاري ۽ دهشتگرديءَ جي ڪيسن خلاف سگهاور آواز بلند ڪيون.**

**اڇو سنڌ جا شاگردو ! ٻڌي ڪري هڪ طاقت ۾ تبديل ٿيون**

* * *

# سنڌ جي شاگرد سياست جو اڀياس

جبار جهتيال



شاگرد سياست سڌريل سماجن جو ڪاروهنوار آهي. انگريزن جي اچڻ يعنيءَ برصغير تي قابض ٿيڻ کان اڳ هتي جديد سياسي اصطلاحن ۾ سياسي ڪاروهنوار جو ڪو بہ عملي وجود ڪو نہ هو. بادشاهي دور ۾ وزارتن ۽ منصب دارين لان قبيلائي مهندارن جي رساڪشي ئي جڻ تہ سياست جي ڪُل ڪائنات هئي جيڪا سياست جمهوري بجاءِ فوجي طاقت جو آڪاڙو هئي. ايستائين جو جمهوريت، آمريت، سيڪيولرزم، بينڪيت ۽ خود سياست جا لفظ يا اصطلاح بہ انگريزن ذريعي پهتل ورچيل علم جي شاخن ۽ سماجيات جي علم ذريعي ئي اسان تائين پهتا. تہ انگريزن پنهنجي قبضي کي انگهائڻ ۽ برصغير جي دولت کي گهٽي عرصي ۾ گهٽي کان گهٽو پنهنجي سامراجي حڪومت کي تقويت ڏيڻ لاءِ ڪتب آڻڻ خاطر هتي بہ پنهنجي ملڪي ڪاروهنوار جي طرز تي ادارا جوڙيا ۽ افرادي قوت جي واڌاري لاءِ مقامي ماڻهن کي جديد علمن ۽ حڪومتي ڪاروهنوار ۾ مقرر حد تائين شامل ڪرڻ لاءِ جديد تعليم ۽ مغربي علمن تائين مقامي ماڻهن جي رسائيءَ لاءِ گهُربل تعداد ۾ تعليمي ادارا جوڙيا. جن ۾ سرسيد احمد خان ذريعي علي ڳڙهہ يونيورسٽي جو قيام، پنجاب ۾ ڪاليج ۽ اسڪول ۽ سنڌ ۾ حسن علي آفندي معرفت سنڌ مدرستہ الاسلام جو قيام اهم ۽ تاريخي اڳڀرايون آهن.

انهن تعليمي ادارن جي ذريعي ڏني ويندڙ تعليم انگريزي حڪومتي مشينري ۾ جاگيردار ۽ سرمائيدار ڪلاس جي شرڪت، انگريزن جي عملي برتري ۽ مغرب جي تهذيبي برتريءَ جو عام ايشيائي دماغ تي رعب ڄمائڻ لاءِ مقصود هئي.

ان ڪانسواءِ ملڪي ڪاروهنوار ۽ جمهوريت، اقتدار ۾ شراڪت لاءِ صوبن، پارليامينٽ، ليجسليٽو (قانون ساز)، اسيمبلين جو قيام، انهن قانوني ادارن تائين رسائي لاءِ سياسي تنظيمن جو قيام انگريز جي حڪومتي دور جي ئي عنايت آهن. ان کان اڳ بادشاهت کي خدائي دين، ڏل کي ديني فرض سمجهي ادا ڪندڙ عوام سياست، سماج ۽ رياست کي آفاقي تصورن مان ڪٽيندا هئا ۽ سندن اُن سان رشتو صرف جنگ جي ٻارڻ طور بادشاهن طرفان استعمال ٿيڻ ۽ ڏل ڀري پنهنجو ديني فرض پورو ڪرڻ کان وڌيڪ نہ هئي. مغربي علمن طرفان ڏنل سماجي سرشتي جي سمجهاڻين، رياست جي جوڙجڪ، ادارتي ڪاروهنوار ۽ سماجي ڍانچي ۾ سياست جي اهميت کان واقفيت هتان جي عوام ۾ سياسي شعور جي بيداري ۽ تنظيم سازيءَ وسيلي جمهوري اقتدار ۾ شرڪت ۽ سماجي نظرين جي سمجهہ ڪانپوءِ گهُربل سماجي ۽ سياسي تبديلين لاءِ راهہ هموار ڪئي، جنهن ڪري هتي جي عوام مذهبي، سياسي، سماجي، هاري، قومي ۽ شاگرد حقن لاءِ مغربي طرز تي تنظيم سازي ڪرڻ شروع ڪئي ۽ ايئن گهڻ پاسائين سياسي ۽ انقلابي تحريڪن جنم ورتو جن مغرب جي ڏنل علم کي ئي سندن خلاف ڍال طور استعمال ڪيو، ايئن برصغير ۾ قومي ۽ انقلابي شاگرد سياست جا ڪردار پيدا ٿيا. برصغير جا چوٽيءَ جا اڳواڻ ۽ دانشور جهڙوڪ پنڊت جواهر لعل نهرو، سڀاش چندر بوس، علامہ مشرقي، مولانا محمد علي جوهر، شوڪت علي جوهر، ڊاڪٽر محمد اقبال، حسين شهيد سهروردي، موهن داس ڪرم چند گانڌي، ڀڳت سنگهہ، هيمون ڪالاڻي، محمد علي جناح، ايم اين راءِ، جي ايم مهڪري، بئرسٽر غلام محمد ڀرڳڙي، حيدر بخش جتوئي، ارباب نور محمد پليجو علامہ آءِ.آءِ قاضي، هشو ڪيول راماڻي، شيخ عبدالمجيد سنڌي کان ويندي سائين جي.ايم سيد تائين اُن دور جي پيداوار آهن. ان ئي دور دوران سنڌ ۾ شاگرد سياست جا بنياد پوندي نظر اچن ٿا. 'هندوستان خالي ڪريو تحريڪ' يا 'پاڪستان جي قيام جي تحريڪن' ۾ شاگرد سياست ابتدائي طور پنهنجو ڪردار ادا ڪيو. ان ئي دور ۾ سائين جي.ايم سيد سنڌ ۾ جديد تعليم ۽ سياست جي ڳانڍاپي کي سمجهندي پنهنجي تعليمي وزارت واري دور 1938ع ۾ سنڌ يونيورسٽي جي قيام لاءِ ڪميشن جوڙي ۽ سنڌ ۾ زوري تعليم جو قانون پاس ڪري سوين نوان اسڪول بہ کولرايا. جنهن ڪميشن جي رپوٽ آڌار 1947ع ۾ ڪراچيءَ ۾ سنڌ يونيورسٽي جو قيام عمل ۾ آيو ۽ سُٽت ئي پوءِ ڪراچيءَ کي سنڌ کان الڳ ڪري وفاقي گاديءَ جو هنڌ قرار ڏيڻ سان ڪراچي ۾ موجود سنڌ يونيورسٽي کي ڪراچي مان نيڪالي ڏئي ماڊل اسڪول حيدرآباد جي عمارت ۾ منتقل ڪيو ويو ۽ ڪراچيءَ ۾ موجود سنڌ يونيورسٽي جي عمارت ۾ ڪراچي يونيورسٽي نالي هڪ نئين يونيورسٽي جو قيام عمل ۾ آندو ويو. سائين جي.ايم سيد کي سنڌ کان ڪراچي جي علحدگي خلاف احتجاج ڪرڻ سبب 1948ع جي شروع ۾

جيل پيڙو ڪيو ويو ۽ کهڙو جي سنڌ حڪومت کي ڊسمس ڪيو ويو ۽ سرحد ۾ خان صاحب جي حڪومت ڪيرائي پنهنجون پسنديده حڪومتون قائم ڪرڻ، اُردو کي قومي ٻولي قرار ڏئي تعليمي نصاب کي اردو ۾ ترتيب ڏيڻ خلاف بنگال(اوڀر پاڪستان)، سرحد، بلوچستان ۽ سنڌ ۾ قومي سياست جي هڪ نئين لهر جي شروعات ٿي. بنگال ۾ شاگردن طرفان ٻوليءَ واري معاملي تي ڪيل احتجاجن مٿان حڪومتي مشينري جي تشدد سبب ٻوليءَ وارن فسادن جنم ورتو جنهن جا اوله پاڪستان (سنڌ، بلوچستان ۽ سرحد) جي شاگردن تي گهرا اثر پيا. ايئن نئين نهيل پاڪستان ۾ قومپرست شاگرد سياست جا بنياد پيا. جيل ڪان آزاديءَ ۽ لياقت علي خان مارجڻ ڪانپوءِ خواجا نظام الدين جي حڪومتي دور ۾ سائين جي.ايم سيد هڪ ڀيرو ٻيهر 6 مهينن لاءِ وزارتِ تعليم تي مقرر ٿيو ته پاڻ ڄامشوري ۾ سنڌ يونيورسٽي، مهراڻ انجينئرنگ ۽ لياقت ميڊيڪل ڪاليج، سنڌي ادبي بورڊ، سنڌ ٽيڪسٽ بُڪ بورڊ جي قيام جي منظوري ڏنائين. سندس وسيع سياسي تجزيي ۽ ڏور رس نظر علامه آءِ.آءِ قاضي جي رهبري ۾ اهو ڏسي ورتو هو ته سنڌ جي قومي خود اختياري ۽ شعوري تبديلي صرف ۽ صرف تعليم ۽ شعوري شاگرد جي سياسي عمل سان ئي سلهاڙيل آهي. 1956ع ۾ سنڌ، بلوچستان ۽ سرحد جي صوبائي، جاگرافيائي حيثيت ختم ڪري ڪين اوله پاڪستان عرف ون يونٽ جو نالو ڏئي بنگال خلاف پنجاب طرفان ڪيل صف آرائيءَ جي مخالفت سبب جڏهن سائين جي.ايم سيد کي 1958ع ڪان 1965ع تائين جيل جون سختيون سهڻيون پيون ته سنڌ يونيورسٽي ۽ سنڌ جي اسڪولن، ڪاليجن ۾ سندس لڳايل شاگرد سياست جو ٻوٽو پروان چڙهي چڪو هو ۽ سنڌ ۾ قومپرست - ڪميونسٽ شاگردن جي گڏيل تنظيم 'نيشنل اسٽوڊنٽس فيڊريشن' جڙي چڪي هئي، جيڪا 'سنڌي ٻولي - قومي ٻولي تحريڪ' ۽ 'ون-يونٽ ٽوڙيو تحريڪ' جو سرگرم حصو هئي. 4 مارچ 1967ع تي سنڌ يونيورسٽي مان 'ون-يونٽ' خلاف هزارين شاگردن حيدرآباد طرف پيرين پنڌ مارچ ڪيو ۽ اُن تي حيدرآباد پوليس تشدد ۾ 217 شاگردن جي گرفتاري **4 مارچ** کي سنڌي قومي شاگرد سياست جو تاريخي ڏينهن بڻائي ڇڏيو. اڳتي هلي 1969ع ۾ نيشنل اسٽوڊنٽس فيڊريشن ذوالفقار علي ڀٽي جي اثر هيٺ ٻن ڌار تنظيمن ۾ ٽٽي وئي. هڪ ماروئڙا اسٽوڊنٽس فيڊريشن (جيڪا اڳتي هلي پيپلز اسٽوڊنٽس فيڊريشن يعني سپاف بڻجي) ۽ ٻي جيئي سنڌ اسٽوڊنٽس فيڊريشن - اقبال ترين اُن جو جهنڊو تشڪيل ڏنو جيڪو اڄ سنڌ جي سچي قومي تحريڪ جو نشان آهي. جيئي سنڌ اسٽوڊنٽس فيڊريشن (جساف) 1970ع وارين چونڊن ۾ سائين جي.ايم سيد جي چونڊ مهم هلائي ۽ سڀ کان پهرين سنڌ جي آزاديءَ جو نعرو پڻ هنيو. بنگال جي ٽٽڻ ڪانپوءِ جڏهن سائين جي.ايم سيد سنڌ جي آزاديءَ جو نعرو هنيو ته ڪيس پراڻا سياسي رفيق ڇڏي ويا جنهن سبب سائين جي.ايم سيد 31 مارچ 1973ع تي سنڌ يونيورسٽي ۾ جساف جي شاگردن کي خطاب ڪندي پهريون ڀيرو 'سنڌوديش' جي آزاديءَ جو پروگرام منظرِ عام تي آندو ۽ شاگردن مٿان ئي سنڌ جي آزاديءَ جو بار رکيو.

جيئن اڳ ذڪر ڪري آياسين ته سائين جي.ايم سيد سنڌ جي قومي تشڪيل ۽ سنڌ جي نوجوانن ۾ سياسي، ادبي، ثقافتي، علمي ۽ تخليقي صلاحيتن کي اجاگر ڪرڻ لاءِ تعليمي ۽ ادبي، ثقافتي ادارن جا بنياد رکيا ۽ پنهنجن ڪتابن، تقريرن يا ليڪچرن ذريعي سنڌ جي آزاديءَ ۽ اقوامِ عالم جي اتحاد، امن ۽ ترقي لاءِ فڪر ڏئي چڪو هو پر پنهنجي 70 ساله ڄمار جي تجزيي، مطالعي ۽ مشاهدي آڌار هڪ نئون نظرياتي شڪل ۾ سائنسي سياسي تنظيم جي قيام جي ذميواري هُن پهرين ڀيري ئي شاگردن تي رکي ۽ ان انقلابي تنظيم جو تخيل وٽس هڪ گهڻ-رخي محاذ وانگر هو جنهن جا ڪارڪن، سنڌ ۾ آزاديءَ جي پرچار، قومپرست،ادبي ۽ ثقافتي سنگتن ۽ سرگرمين جا بنياد، سنڌ جي عالمي ڪيس تيار ڪرڻ، سائنس،ٽيڪنالاجي سميت جديد علمن جي واقفيت ۽ مهارت حاصل ڪرڻ، سنڌ ۾ بناخوف ۽ لالچ جي سياسي ڪارڪن تيار ڪري مضبوط سياسي تحريڪ ۽ آزاديءَ جي جدوجهد لاءِ ماحول تيار ڪرڻ جو ڪم ڪن - اهڙي نموني سائين جي.ايم سيد وٽ جساف جو تخيل جڻ ته سنڌ جي خوشحال، روشن ۽ آزاد مستقبل جي اڏيندڙ تنظيم جو هو. ذوالفقار علي ڀٽي جي دور ۾ سنڌ کي هڪ ڀيرو ٻيهر پنجاب جي آئيني قانوني ڄار ۾ ڦاسائيندي 1973ع واري آئين جهڙو سنڌ دشمن آئين جوڙيو ويو. ان خلاف 'جساف' سڄي سنڌ ۾ ڀرپور احتجاج ڪيو ۽ ان ئي دور ۾ سنڌي ۽ اردو ٻولي جي معاملي تان سنڌ ۾ 'ٻولي وارا فساد' ٿيا، جنهن ۾ ڪيترا ئي سنڌي شاگرد ۽ عام سنڌي شهيد ٿيا. اُن ئي سال جي آخر ۾ سنڌ يونيورسٽي جي ڪانووڪيشن دوران 73ع جي آئين جي خالق وڪيل حفيظ پيرزادي کي جساف ڪارڪنن چماٽ وهائي ڪيڏي جنهن ڪري ڪيترائي شاگرد اڳواڻ جيلن ۾ واڙيا ويا. ڀُٽي، شيخ اياز کي سنڌ يونيورسٽي جو وائيس چانسلر مقرر ڪري سنڌ يونيورسٽي ۾ جساف تي آپريشن ڪرايو ۽ اُن ڪانپوءِ 'اسٽوڊنٽس يونين' بحال ڪري مُلڪي تاريخ ۾ پهريون ڀيرو اُن جون چونڊون ڪرايون ته جيئن سندس حمايت يافته شاگرد تنظيم سپاف کي يونيورسٽين ۾ حصو پتو ڏئي مضبوط ڪجي پر تمام سختين باوجود جساف سنڌ يونيورسٽي اندر چونڊون کٽي ورتيون جنهن سبب اسٽوڊنٽ يونين تي هڪ ڀيرو پابندي مڙهي وئي. 1979ع ۾ ضيائي مارشل لا اچڻ سان

جساف جي جدوجهد اڃان بہ تيز ٿي ۽ تحريڪ ۾ جيئي سنڌ محاذ ۽ جساف سائين جي.ايم سيد جي سنڌ جي آزاديءَ واري فڪر کي جهر جهنگ تائين ڦهلايو ۽ ضيائي مارشل لا خلاف مزاحمت ڪئي. ان ئي دور ۾ رياستي ايجنسين سنڌ جي آزاديءَ جي تحريڪ کي ڪمزور ڪرڻ لاءِ سنڌ ۾ وڏيرن ذريعي 'ڌاڙيل ڪلچر' پيدا ڪيو. شاگرد سياست ۾ ڌوهاري ماڻهو پرتي ڪرايا ويا ۽ انهن جي آڙ ۾ 'ٽوڙهي ڦاٽڪ' تي جساف جي شاگردن جي بسن مٿان حملو ڪري 17 آڪٽوبر 1984ع تي ڇه ( 6) شاگردن کي شهيد ڪيو ويو ۽ ڪيترائي زخمي حالت ۾ جيل پيڙا ڪيا ويا. جنهن جي ردعمل ۾ جساف اڃان بہ اڳري ٿي ۽ رياستي سازش تحت سنڌ ۾ لساني فسادن ڪر ڪنيو ۽ جساف کي ردعمل جي سياست ۾ منجهائي ڪانئس تخليقي ۽ تعميري پروگرام کسيو ويو. سائين جي.ايم سيد جي بار بار تنبيهن ۽ اخلاق، ڪردار جي ليڪچرن باوجود جساف کي انفرادي ڪردار پيدا ڪرڻ ڪانسواءِ کي بہ اجتماعي سائنسي، تنظيمي ادارن جوڙي نہ سگهي. شخصيت پرستي، ياري باشي، ڌوهاري ڪلچر ۽ ذاتي يا گروهي مفادن جي ور چڙهيل جساف جي سياست شخصيت پرستي، لابنگ، ڪاٽن ڪلچر ۽ هٿيار ڪلچر جو اڏو بڻجي وئي ۽ سائين جي.ايم سيد جي تخيل ۽ خواب واري جساف جنهن کي پيغامِ سنڌ ۽ سنڌ جي آزادي لاءِ 'رول ماڊل ڪيڊر بلڊنگ اداري' جو ڪردار ادا ڪرڻو هو اُها مثبت شاگرد سياست، تعليمي ادارن اندر بهتر تعليمي ماحول ۽ سنجيده قومي ڪارڪن پيدا ڪرڻ ۾ ناڪام ٿي، اُن جي ابتڙ منفي شاگرد سياست، دابي دڙڪي، جهيڙن جهٽن، بداخلاقين ۽ سوديبازين تي لهي آئي. پر ان سڄي ماحول ۾ چند آگرين تي ڳڻڻ جيترن ڪردارن تنظيم کي سڌارڻ ۽ سنوارڻ، نظرياتي تربيت ۽ عمل اختيار ڪرڻ جي بہ ڪوشش ڪئي. 1995ع ۾ سائين جي.ايم سيد جي وفات ۽ جسقم جي قيام کان اُن جي مختلف ڌڙن ۾ ٽٽڻ تائين جساف بہ مختلف اڳواڻن جي شخصي اثر هيٺ مختلف ڌڙن ۾ ورهائجي وئي ۽ ائين ان جو ڪمزور انفرااسٽرڪچر ويتر ڪمزور ٿيندو ويو. تان جو شاگرد سياست جي داخلي تضادن ۽ ڪرپشن سبب عام شاگرد ۽ شاگرد تنظيمن ۾ وڇوٽي نہ پرجي سگهڻ جهڙي خال جي صورت اختيار ڪري وئي.

اهڙي ئي مايوس ڪندڙ صورتحال ۾ سنڌ جي اعليٰ اخلاقي ڳڻ ۽ ڊسيپلين رکندڙ انقلابي تنظيم 'جسمم' ۽ سندس انقلابي چيئرمين شفيع محمد برفت شاگرد سياست جي پوتر پَني تان تاريخ جي دز لاهڻ لاءِ 'جساف(جسمم)' جا بنياد وڌا ۽ جسمم جو اڏول ۽ عالم سيڪريٽري جنرل شهيد محترم مظفر ڀٽو 'جساف(جسمم) جي قيام' جي عملي تڪميل جو نگران مقرر ٿيو. ويجهي ماضي ۾ اُسري آيل شاگرد سياست جي سنجيده ۽ بي داغ قيادت جساف(جسمم) چيئرمين حفيظ پيرزادو، شاهنواز ڀٽو، شهيد افضل پنهور جي اڳواٽيءَ ۾ قومپرست شاگرد سياست ۾ نئون روح ڦوڪيو. ماضي جي 30 سالہ شاگرد سياست ۾ گهڙي آيل مرضن کي پنهنجي سنجيدگي، مستقل مزاجيءَ، دور انديشيءَ ۽ قرباني سان دُور ڪيو. شاگرد سياست ۽ شاگردن جي وچ ۾ ڳانڍاپو پيدا ڪيو. سيد جي تخيل، ويزن ۽ خواب واري جساف جي نئين سر تعمير ڪئي ۽ اُن ۾ نوان ۽ نج انقلابي توڙي تعليمي، ادبي، ثقافتي لاڙا متعارف ڪرايا. شاگرد سياست هڪ ڀيرو ٻيهر شاگردن جي تعليمي بهتري ۽ فلاح ڏانهن موٽ ڪاڏي. نہ صرف عام سنڌي شاگردن کي قومي تشخص ۽ مسئلن ڏانهن متوجه ڪيو بلڪہ منجهن سنڌي سماج ۾ انقلابي ڪردار ادا ڪرڻ، مجموعي سياسي مسئلن کي جدلياتي طريقي ڪار سان پرکڻ جي حس پيدا ڪئي، سنڌ جي شاگردن ۾ سنڌي قوميت، تشخص ۽ آزاديءَ جي حاصلات جي جدوجهد لاءِ اتساهہ پيدا ڪيو ۽ پنهنجي عملي سنجيدگيءَ ۽ سچائيءَ جي ساک ڏيڻ لاءِ رد انقلابي ڌرين ۽ رياستي فورسز سان مهاڏو اٽڪائي قربانيون ڏنيون جنهن سبب شاگرد سياست کان بيزار ۽ مايوس ٿي ويل سماجي حلقن، شاگردن، استادن، اديبن، دانشورن ۽ پڙهيل لکيل طبقي ۾ مثبت شاگرد سياست جي موجودگي ۽ اهميت جو احساس پيدا ڪيو. ايئن جساف(جسمم) جي سنجيده جدوجهد سنڌي سماج ۾ موجود شاگرد سياست طرف منفي روين، رياستي پروپگينڊا (پرچار) ۽ فرسوده سياسي روايتن جا سپ چيلنج پورا ڪندي ٽن، چئن سالن جي قليل عرصي ۾ سنڌي شاگردن جي نمائنده ۽ سنڌي سماج جي پسنديده شاگرد تنظيم طور اُڀري آئي. ان سڀ ڪجهہ لاءِ جساف(جسمم) کي ڇا ڇا نہ ڏک ڏسڻا پيا ۽ ڇا ڇا نہ ڪشالا ڪٽڻا پيا؟ جساف جي نئين سر تعمير بہ سيد جي ئي چونڊيل انقلابي سرزمين سنڌ يونيورسٽي مان پيا ۽ اُن ئي ميدان تي هيءَ 'تنڌ' فرسوده سماجي روايتي سياست، ڪامورا شاهي، ڪرپشن، رياستي جبر جي 'تلوارن' سان وڙهي ۽ فتحياب ٿيندي آئي آهي. جساف (جسمم) ڪتابي ميلن، هوليءَ ۽ ڏياريءَ جي پروگرامن، آزاديءَ جي پرچار سائنسي تنظيم سازي، تعليمي ميدان ۾ ڇتاپيتيءَ، قلم ڪتاب ورهائڻ، مفت اسٽڊي سينٽر ۽ لائبريريون کولڻ، شاگردن کي انٽرنيٽ تائين رسائي ڏيارڻ لاءِ پاٽمرادو تنظيمي پليٽ فارم تان انٽرنيٽ ڏيڻ ۽ شاگردن جي مجموعي قانوني حقن لاءِ جدوجهد ڪرڻ سان گڏ اُنهن حقن جي حاصلات لاءِ قانوني چارا جوئي ڪندي رياستي عدالتن جا بہ در ڪڙڪايا ۽ ان ڪان بہ وڏي ڳالهہ تہ شاگرد حقن ۽ جدوجهد سان سنجيدگي، سچائيءَ، تعليم سان محبت ۽ قوم سان عشق رکندڙ اهڙا تہ انقلابي ڪردار پيدا ڪيا جن جو تصور اسان صرف ويهين صدي جي رُوسي

ناولن، شيخ اياز ۽ حليم باغي جي شاعريءَ يا انڊيا جي انقلابي هيروز تي ٺهيل مووين ۾ ئي ٻڌو ۽ ڏٺو هو. جساف(جسمم) سنڌي شاگرد سياست کي رول ماڊل ڪردار ڏنا ۽ سنڌي شاگردن کي هڪ خوبصورت ڊسيپلنري تنظيم ۾ پوئيو.

اهو ئي سبب آهي جو رياست طرفان شاگرد سياست کي چوٽ ۽ شاگردن طرف لچڪدار پاليسي ناهيندڙ ڳجهن هٿ ۽ سنڌن مالڪ جساف(جسمم) جو سياسي پروگرام ۽ تنظيمي بيهڪ ڏسي ڇرڪي ويا ۽ سنڌن ئي خيال مطابق اُنهن وٺ وات ڳاڙهن نوجوانن کي دابي دڙڪي ۽ تشدد ذريعي سنڌن سياسي تحريڪ ۽ تنظيمي انداز کي هائيجيڪ ڪرڻ لاءِ فهد ڪلهوڙي، اسد ڪلهوڙي، ڪاشف عباسي ۽ علي مدد ٻُرفت کي ڪنيو ويو ۽ اسد عباسي ۽ بابر سنڌيلي کي شهيد ڪري ڪين تشدد تي اُڪسائڻ. رد عمل جي سياسي حڪمتِ عملي اختيار ڪرڻ ۽ روايتي شاگرد سياست ڏي موٽائڻ جي ڪوشش ڪئي وئي پر جساف(جسمم) جي قيادت جي دور انديشي، انقلابي حڪمتِ عملي ۽ جي.ايم سيد جي فڪري پوئلڳيءَ منجهن سهپ ۽ مستقل مزاجيءَ جا عجيب جوهر پيدا ڪري ڇڏيا. جڏهن رياستي ادارن پنهنجن حربن کي ناڪام ٿيندو ڏٺو ۽ جساف(جسمم) جي مقبوليت شاگرد سياست کي نئين عروج ڏي وٺي وڃڻ لڳي تہ رياست بہ پنهنجون حڪمتِ عمليون تبديل ڪندي Direct Action Planاپنايو ۽ شاگردن جي حقن لاءِ هاءِ ڪورٽ حيدرآباد برانچ ۾ سنڌ يونيورسٽي انتظاميا ۽ لاڳاپيل ڪامورن خلاف 22 نقاطي پٽيشن داخل ڪرڻ تي تنهن وقت جي جساف(جسمم) سنڌ يونيورسٽي صدر افضل پنهور کي حيدرآباد مان عدالت جي پيشي تان واپس موٽندي فوجي چانوٽي لڳ پاڪستاني خفيہ ايجنسين آءِ.ايس.آءِ ۽ ايم.آءِ جا اهلڪار کنيي ويا ۽ سندس کي هڪ سال گمشدگي ۾ جسماني ۽ نفسياتي عذاب ڏنا ويندا رهيا، طرح طرح جا خوف ۽ لالچون ڏئي ڪيس جهڪائي شاگرد حقن جي حقيقي جدوجهد تان هٿ ڪڍڻ ۽ اڳي جي دور وانگي ذاتي مفادن، جهيڙن جهٽن ۽ هٿيار ڪلچر واري سياست لاءِ آماده ڪرڻ جو ڪوشش ڪيون ويون پر فڪرِ سيد، جسمم چيئرمين محترم شفيع محمد ٻُرفت ۽ جساف(جسمم) چيئرمين حفيظ پيرزادو جي تربيت ڪيس موت قبولڻ ۽ حقيقي انقلابي شاگرد سياست جي نقطہ نظر تي قائم رکڻ ۾ ثابت قدم رکيو. ايئن شهيد افضل پنهور پاڪستاني رياست جي ناپاڪ ارادن کي تارچر سيلن ۾ ئي شڪست ڏئي ڇڏي، ڪيس جهڪائڻ لاءِ رياست سندس ڦٽات شهيد آصف پنهور ( جيڪو پڻ شاگرد سياست جو متحرڪ ڪردار هئو) کي پڻ 2012ع ۾ ڪنيي گُم ڪيو ويو پر فڪرِ سيد جي بنهي سپاهين تارچر سيل ۾ آڻ نہ مڃي ۽ ڪين مرٽينگ حالت ۾ ڦٽو ڪيو ويو.سندن قرباني ۽ مستقل مزاجي جساف(جسمم) جي جدوجهد کي اجان وڌيڪ تقويت بخشي ۽ سنڌ جي يونيورسٽين ۽ تعليمي ادارن ۾ جساف(جسمم) شاگردن جي بااخلاق نمائنده جماعت تي اُڀري، رياست هڪ قدم اجان اڳتي وڌي سنڌ جي تعليمي ادارن ۾ جساف(جسمم) تي سخت پابندي مڙهي، تعليمي ادان کي رينجرز ۽ فوج جي ٽريننگ ڪيمپن ۾ تبديل ڪيو ۽ ان سڄي سازش خلاف سياسي مزاحمت ڪرڻ جي ڏوهہ ۾ رياستي ايجنسين افضل پنهور، آصف پنهور ۽ شڪيل ڪوهارو کي ڪٽي گم ڪري مٿن سخت تشدد ڪري شهيد ڪيو ويو. جساف(جسمم) سميت سڀني شاگرد ڌرين تي تعليمي ادارن ۾ بندش هٽي هر قسم جي شاگرد حقن جي اُٿندڙ آواز کي نڙيءَ ۾ گهٽڻ جي ڪوشش ڪئي پر جساف(جسمم) جي سائنسي تنظيم سازي ان دٻاءُ باوجود تعليمي ادارن ۾ پنهنجو وجود برقرار رکڻ ۾ ڪامياب وئي ۽ سندس تنظيم اجا بہ وڌيڪ پکڙي سنڌ جي ڪاليجن ۽ اسڪولن تائين پهتي. رياستي ادارن پنهنجي بدترين ناڪامي جي مدِنظر شهيد آصف پنهور، شهيد سرويچ پيرزادو، شهيد واجد لانگاه، شهيد فهيم پتو ۽ شهيد وحيد لاشاريءَ جي پهرين ورسيءَ جي جلسي تي حملو ڪري جساف(جسمم) جي بهادر چيئرمين حفيظ پيرزادي تي سخت تشدد ڪري ڪيس ڪنيي گم ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي پر سنڌي قوم جي وقتائتي تاريخي رد عمل سبب رياستي ايجنسيون ڪيس ڪنيي گم ڪرڻ بعد شهيد ڪرڻ ۾ ناڪام ويون، جنهن بعد مٿس دهشتگردي جا ويهارو کن ڪوڙا ڪيس مڙهي مٿس تشدد ڪندي پنهنجي سياسي نقطہ نظر ۽ فڪرِ جي.ايم سيد تان هٽائڻ جون ڪوششون ڪيون ويون پر هُن شهيد هيمون ڪالاڻي، شهيد هوشو شيدي، شهيد ڀڳت سنگه ۽ شهيد مظفر ڀٽو جي روايت پاڙيندي پاڪستان جي عدالتن ۾ سنڌ جي آزاديءَ جا نعرا بلند ڪيا، ۽ اڄ بہ رياستي بندي خانن اندر عذاب برداش ڪري رهيو آهي. هن پنهنجي بهادري سان قومي ڪارڪنن ۽ شاگردن ۾ نئون اتساه پيدا ڪيو آهي ۽ پنهنجي جدوجهد کي اجان وسيع بڻائڻ جو عزم ئي منتقل ڪيو اٿس.

مطلب تہ جساف(جسمم) پنهنجي ڪردار، عمل ۽ قربانيءَ سان سيد جي تخيل واري شاگرد تنظيم هجڻ جو ثبوت ڏنو آهي ۽ سنڌ جي آزاديءَ، خوشحاليءَ ۽ روشن مستقبل سان گڏ سائين جي.ايم سيد جي اتحادِ انساني، امنِ عالم، ترقيءَ بني آدم واري فڪر کي پائي تڪميل تائين پهچائڻ جو ذمو کنيو آهي. وطن سان عشق جو اهو واعدو ۽ وچن هر قرباني ڏئي بہ نڀائيندي، اڄو تہ جساف(جسمم) جو حصو بڻجي سنڌ جي نئين تعمير ڪيون. هڪ آزاد، خوشحال ۽ روشن مستقبل جي تعمير........

* * *




# انقلاب - تعليم ۽ جساف جسمم

## منصور سنڌي

اقوام عالم ۾ جيڪي قومون تاريخ جي مختلف دؤرن ۾ ڪاميابي جي نمايان منزل تي رسيون آهن تن ۾ ٻين ڪافي عنصرن يا شعبن سان گڏ امن و امان جو قيام، بهترين معاشي نظام، بنيادي حقن جو تحفظ ۽ تعليم جو معياري نظام اهم پئي رهيا آهن.

جئين ته تمام شعبن جي ڪارڪردگي (منفي يا مثبت) جي ذميوار رياست يا حڪومتِ وقت هجي ٿي پوءِ صالح قيادتون (حڪومتون) صالحيٽي جو مظاهرو ڪندي ديرپا ۽ مستقل Policies طريقيڪار واضع ڪرڻ سان گڏانهن تي سنجيدگيءَ سان عمل ڪري قومن کي تخليقي ۽ تعميري صلاحيتن سان سنواريو ۽ سينگاريو ويندو آهي، پوءِ پنهنجن پنهنجن شعبن ۾ مهارت حاصل ڪيل فرد قوم جي تقدير کي تدبير، محنت ۽ جدوجهد سان بدلائڻ ۾ پنهنجو عملي ڪردار ادا ڪندا آهن، نه صرف پنهنجي قوم لاءِ پر اقوام عالم لاءِ پنهنجي ايجادن ۽ تخليقن ذريعي آسائشون ۽ آسانيون پيدا ڪندا آهن. پر پوءِ به اهو سڀ ڪجهه تڏهن ممڪن بڻجي سگهندو آهي جڏهن حڪومتون وري به انهن تخليقي صلاحيتون رکندڙ ماڻهن کي ڀرپور سهولتون فراهم ڪري ڪين جديد ڪان جديد طرز جا ادارا قائم ڪري ڏيڻ ۽ موافق ۽ موضون (System) کي حتي الامڪان ممڪن بڻائيندا آهن.

ٿوري دير لاءِ اسان اگر منصفانه جائزو وٺنداسون ته اهي ملڪ ۽ قومون جيڪي ترقي ۽ تعمير جي معراج تي پهتل آهن، اتي مٿيان چار (4) شعبا پنهنجي پنهنجي جوهر ۾ ضرور مضبوط نظر ايندا، نه صرف ايترو پر پوءِ به انهن سميت ٻين سيني ادارن ۽ شعبن کان وڌيڪ ڌيان، سيڙپ ۽ رٿابندي تعليم جي شعبي لاءِ هوندي آهي. ڇو ته ڪين خبر هوندي آهي ته تعليم ۽ تعليمي ادارا ئي قوم جي بهتر صحت جي ضمانت فراهم ڪندا آهن. اعليٰ سماجي معيارن جي قيام لاءِ به تعليم ۽ تعليمي ادارا ئي مرڪز ۽ محور هوندا آهن. ملڪي، قومي تعمير و تخليق لاءِ به تعليم ۽ تعليمي ادارا (اسڪول - ڪاليج – يونيورسٽيون) ئي اهم هجن ٿا. اعليٰ سماجي قدرن جي بحالي کان ويندي اخلاقيات تائين تعليم ئي حرف آخر آهي، صحتمند معاشي ۽ معاشرتي نظام معياري تعليم ۽ صحتمند تعليمي ادارن سان ئي استحڪام وٺي سگهندو آهي. اهي ملڪ ۽ قومون جيڪي پنهنجي مستقبل جي معمارن (شاگردن) لاءِ اهڙو سنجيده ۽ معياري عملي رويو رکندا آهن ته انهن ملڪن ۽ قومن جي نمايان ترقي و تعمير يقيني ۽ اٽتر بڻجي ويندي آهي.

ان سموري پس منظر ۽ تناظر ۾ اسان اگر سنڌ جي تعليم، تعليمي ماحول ۽ تعليمي ادارن جو جائزو وٺون ته عيان ٿيڻ لڳندو ته اسان سنڌي ماضيءَ جي مقابلي ترقيءَ بجاءِ تنزل ۽ تباهيءَ طرف وڌون پيا.

جتي پرائمريءَ جي نصاب کان ويندي يونيورسٽيءَ تائين جو نصاب مدي خارج ۽ ناڪاره يعني جديد تعليمي تقاضائن موجب ئي نه هجي، جتي نه سائنس جي سبجيڪٽس سان لاڳاپيل سامان هجي، نه گهربل تجربيگاهون هجن، نه راند روند جون سهولتون هجن، نه جديد ڊجيٽل ۽ ڪمپيوٽرائزڊ لائبريريون هجن، نه شاگردن لاءِ سندن پسند جي شعبي ۾ داخلا وٺڻ ممڪن هجي، نه ڪيس مناسب ۽ معياري رهائش ڏني ويندي هجي. جتي نه ڪيس معياري ۽ صحت بخش کاڌو ملندو هجي، جتي شاگرد کي ڪاپي ڪلچر، بدامني، نا انصافيون، قبيلائي تڪرار، بدحالي، سفارش ۽ رشوت تي ڀرتي ڪيل استاد، بجليءَ جي اڻهوند، وڏيرا شاهي،

هٽرادو ٻوڏون، معاشي تنگي ۽ ڳرين فين جا تحفا ڏنا ويا هجن . جتي پوليس، رينجرز ۽ فوج معصوم شاگردن ۽ شاگرديائڻين سان سخت ۽ ناروا سلوڪ روا رکندي هجي ۽ غليظ انداز سان تلاشيون وٺي شاگردن جي احساسات ۽ جذبات کي مجروح ڪيو ويندو هجي.

اهڙي سخت ماحول ۾ شاگرد جو ذهن ڪئين ٿو ترو تازا صحتمند رهي سگهي، ڇو تہ بهتر ۽ معياري تعليم لاءِ ڪلاس روم کان ويندي، تعليمي اداري، علائقي ۽ ملڪي ماحول جو صحتمند ۽ سازگار هجڻ لازمي هجي ٿو ان لاءِ ياد رکيو وڃي تہ تعليم جي معاملي ۾ مٿين سموري صورتحال اسان کي صرف ۽ صرف پوري پاڪستان اندر سنڌ ۽ بلوچستان ۾ نظر ايندي نہ ڪي پنجاب ۽ ٻين خطن ۾، ان جو سبب صرف اهو آهي تہ تعليم ئي قومن جي سجاڳي ترقي ۽ انقلاب جو سبب ۽ محرڪ بڻبي آهي. علم ئي قوم کي پنهنجي حقن جو احساس ڏياري حفاظت لاءِ آماده ڪندو آهي. شاگرد ئي سڀ کان وڌيڪ انقلاب لاءِ قوم جو متحرڪ ۽ طاقتور حصو هوندو آهي. بهتر ڪامياب استاد ئي قوم جي رهبري ۽ رهنمائي ڪندو آهي.

تعليمي ادارا ئي قومي معاشي، معاشرتي ۽ ڪلچرلي قلعا ۽ مورچا هوندا آهن. ۽ صحتمند تعليمي نظام ئي قوم جا عظيم سياسي ليڊر، ڊاڪٽر، انجنيئر، اقتصاديات جا ماهر ڏاها ۽ ٻين شعبن جا ڄاڻون پيدا ڪندو آهي ۽ اهو سڀ ڪجهہ تڏهن ممڪن ٿيندو آهي جڏهن تعليمي نظام اعليٰ معيار جو هجي. هاڻي شرط اهو آهي تہ سنڌ جو دشمن پنجاب سامراج يا پاڪستان رياست آخر ائين ڇو چاهيندي تہ سنڌ جي تعليم جو نظام بهتر هجي. جتان ڊاڪٽر، انجنيئر ۽ ٻين شعبن جا ماهر پيدا ٿين. اهو سامراج ڪئين چاهيندو تہ ڇانوڻين ۾ تبديل ڪيل تعليمي ادارن مان رينجرز، فورسز کي هٽائي آزاد ۽ خود مختيار تعليمي ادارن جي حيثيت ۾ بحال رکجي، جو دشمن کي خدشو رهندو آهي تہ تعليمي اداري مان شاگرد عملي سياست ۾ حصو وٺي بهتر سياستدان ۽ قوم جا ليڊر بڻيا آهن. هن ظالم رياست ان ڪري ئي سنڌ ۾ ڪاپي ڪلچر، سفارش ۽ جملي بد انتظامين ۽ بد عنوانين کي رائج رکيو آهي تہ جيئن سنڌ جي تعليم کي ۽ تعليمي ادارن ۽ انهن جي نظام کي تباهہ ۽ برباد رکيو وڃي. سنڌ جي اندر سامراج هميشہ اهڙي سامراجي روش صرف ان لاءِ ئي روا رکي آهي تہ جيئن سنڌي قوم شعور ۽ ڏاهپ کان ڏور، وانجهيل ۽ محروم رهي ۽ کين پنهنجي حقن جو احساس ئي نہ رهي. جهالت سبب سنڌي قوم مستقل طور تي، قبيلائي تڪرارن، بد امني، سماجي معاملن ۽ ٻين سنگين مسئلن ۽ مونجهارن ۾ گهيريل رهي ۽ سنڌ دشمن سنڌ جي وسيلن کي ڦريندو ۽ لٽيندو رهي. تاريخ جي هر دؤر ۾ سامراج هميشہ محڪوم ۽ مظلوم بڻايل قومن لاءِ اهڙوئي طريقو اختيار ڪندو آهي جو ٻين جملي حقن سان گڏ تعليم جو بنيادي حق بہ ڦرڻ ۽ لٽڻ جي ڪوشش ڪندو آهي سنڌ ۾ بہ پنجاب سامراج يا پاڪستان رياست سنڌين سان بلڪل ائين ئي ڪري رهيا آهن. اهڙي صورتحال ۾ سنڌ جي تاريخ ساز شخصيت سائين جي ايم سيد سنڌي قوم کي پنجاب يا پاڪستان سامراج جي ظلمن ۽ وسيلن جي ڦرلٽ جو احساس ڏياريندي قوم کي انقلاب ۽ آزاديءَ جو درس ڏنو ۽ اهڙي جدوجهد جي پاداش ۾ زندگيءَ جون 32 بهترين بهارون جيل جي اذيتن ۾ گذاريون. 60 کان مٿي ڪتاب لکي سنڌي قوم کي شعور ۽ آگاهي بخشي. جهڙيءَ طرح سائين جي ايم سيد مذهب، سماجيات، باهمي تعلقات، زراعت ۽ سنڌ جي ڪلچر، سياست ۽ ٻين زندگيءَ سان لاڳاپيل شعبن ۽ موضوعن تي طبع آزمائي ڪري انهن کي بهتر بڻائڻ لاءِ عملي طور اپاءَ ورتا ۽ ڪوششون ڪيون، اهڙي طرح سنڌ جي تعليم لاءِ پڻ سنڌ يونيورسٽي جي قيام کان ويندي سنڌي ادبي بورڊ جي قائم ڪرڻ جا يقيني جتن ڪيا. سنڌ جي شاگردن کي ئي سائين جي ايم سيد سنڌ جي آزادي ۽ خود مختيار ڏسڻ واري خواب جي تعبير سمجهندو رهيو ۽ ان جي تعبير جي ساڀيان لاءِ ئي جيئي سنڌ اسٽوڊنٽس فيڊريشن JSSF جو بنياد پيو...... اها شاگرد تنظيم اڄڪلهہ ٽي هلي جسمم چيئرمين شفيع محمد برفت جي نظر هيٺ جساف چيئرمين حفيظ پيرزادو جي اڳواڻيءَ ۾ جڏهن Reorganize ٿئي ٿي، تڏهن رهبر سنڌ سائين جي ايم سيد جي تخيل جو عملي روپ نظر اچڻ لڳي. جنهن ۾ نہ نمائش Glamour جي ڪا گنجائش هئي، نہ اجايون هلڙبازيون، نہ شاگردن کي جساف جسمم ۾ رهندي قلم ڪسي هٿيار ڏنا ويا، نہ انهن کي بائيڪاٽ ڪلچر جو حصو بڻجڻ ڏنو ويو. پر حفيظ پيرزادو جي چيئرمينيءَ ۾ اها جساف پنهنجي جوهر ۾ انتهائي سنجيده، سنڌ جي تعليمي نظام جي محافظ ۽ پوري دنيا جي شاگرد تنظيمن ۾ اعليٰ معيار جي مضبوط تنظيم نظر ايندي. جنهن جو هر رڪن سياسي، نظرياتي، تعليمي، اخلاقي، تنظيمي اعتبار کان ڀرپور ذميواري نڀائيندڙ ۽ باڪردار نظر ايندو. ڇو تہ جساف جسمم جو هر هڪ ڪارڪن اها ڳالهہ وسوق سان سمجهي ٿو تہ تعليم ئي قومي انقلاب، آزادي ۽ ترقي و تعمير لاءِ لازم هجي ٿي ۽ جساف جسمم جو هر ڪارڪن ۽ اڳواڻ اهو عهد رکي ٿو تہ رياستي سامراجي ظلمن جي باوجود اسان کي ڪاميابيءَ سان تعليم بہ حاصل ڪرڻي آهي، محنت ۽ جدوجهد سان تعليم ۽ تعليمي نظام جو محافظ بہ بڻجڻو آهي. ڀوءِ ڇاهي جساف جسمم چيئرمين حفيظ پيرزادو وانگر جيل ڪاٽڻا پون يا الله وڏايو مهر جيان ٽارچر سهڻا پون يا شهيد افضل پنهور، شهيد آصف پنهور ، شهيد شڪيل کوهارو، شهيد اسد عباسي، شهيد بابر سنديلو ،شهيد عامر کهاوڙ وانگر جانيون ئي ڇونہ قربان ڪرڻيون پون.

* * *

# اهي ڪتاب تہ ساڙي ڇڏجو....

**ڊاڪٽر پرويز هود ڀائي**
**مترجم. س. س. ج**

اهي ڪتاب تہ ساڙي ڇڏجو...ڊاڪٽر پرويز هود ڀائي...مترجم.س.س.ج نہ! آئون پنهنجا لفظ واپس وٺان ٿو. ڪتاب ڪڏهن بہ نہ ساڙڻ گهرجن. ساڙڻ بجاءِ انهن ڪتابن جي ڪاغذن کي ڪنهن چڱي ڪم ۾ استعمال ڪريو پاڇي يا مڇي ويڙهيو يا ڪنهن اهڙي طريقي سان ضايع ڪري ڇڏيو جيئن ماحولياتي گدلاڻ ۾ واڌارو نہ ٿئي. پر براءِ مهرباني اسان جي شاگردن کي سنڌ ٽيڪسٽ بڪ بورڊ (جيڪو سنڌ جي تعليم واري وزارت جو هڪ ڪاتو آهي) پاران ڇاپيل سائنس جي نصابي ڪتابن کان پري رکو. نہ تہ اسانجي شاگردن جو هڪ پيو نسل فزڪس، ڪيمسٽري، بائيولوجي ۽ رياضي جهڙن مضمونن کان اٽڪاڻ رهندو ۽ ان نصاب جي بدولت انسان ذات جي عظيم ڪارنامن کي بي فائدي ۽ خشڪ سمجهي ان مان بيزار رهندو. هن وقت منهنجي سامهون سنڌ ٽيڪسٽ بڪ بورڊ جي ڪتابن جو ڍڳ رکيل آهي. اهي سڀ ڪتاب چوٿين کان ڏهين درجي جي شاگردن (جن جي عمر عام طور 10 کان 16 سال مس ٿيندي) لاءِ ڇاپيا ويا آهن ۽ اڄڪلهہ سنڌ جي اسڪولن ۾ ڪين پڙهايا بہ پيا وڃن. ان ڪانسواءِ مون وٽ چوٿين ۽ پنجين درجي جي شاگردن لاءِ تيار ڪيل جنرل سائنس جي ڪتابن جا اٽڪيپيل نسخا بہ موجود آهن جيڪي ايندڙ سال ڇاپيا ويندا. جيئن جيئن آئون اهي ڪتاب پيو پڙهان ٿيئن ٿيئن منهنجي رت جو دورو وڌندو ٿو وڃي ۽ آئون احتياطن پاڻي بہ پيئندو ٿو وڃان. ٿورو سنڌ جي چوٿين ڪلاس جي شاگرد تي ٿيندڙ ظلم جو اندازو لڳايو جن جي مادري زبان انگريزي ناهي، پر، انهن کي انگريزي ۾ لکيل ڪتابن ۾ ‘ulcer’، ‘obesity’، ‘characteristics’، ‘interpret’، ‘deficiency’، ‘osteoporosis’، ’decomposers’، ‘ecoregion’، ‘trough’، ‘translucent’، ‘lukewarm’ ۽ ‘constriction’ جهڙا ڏکيا لفظ پڙهڻا پون ٿا ۽ ستم مٿان ستم تہ اِهو آهي انهن لفظن جي معنيٰ بہ انهن کي نہ ٿي ٻڌائي وڃي. پنجين درجي جي شاگردن کي ‘monocotyledonous’ ۽ ‘dicotyledonous’ جهڙن ٿلهن متارن لفظن سان ڏيڄاريو ٿو وڃي. انهن غير معياري ڪتابن ۾ سمجهہ ۾



نہ ايندڙ شڪلن ڪانسواءِ لفظن جي هجهي جي غلطين ۾ اکرن جي نندڍ وڏائي جون هزارين غلطيون موجود آهن. ٻولي جي غلطين کان وڌيڪ اهم مسئلو انهن ڪتابن ۾ موجود مواد جون غلطيون آهن. فزڪس ۾ پي. ايچ. ڊي. ڪرڻ جي باوجود بہ آئون اهڙن سوالن جي لاءِ تيار ڪونہ هئس تہ 'مادو هڪ حالت (نهرو، پاٽياٽ ۽ گيس) مان ٻئي حالت ۾ ڪيئن تبديل ٿيندو آهي'، 'ڪنهن بہ جسم تي جيتري وڌيڪ طاقت استعمال ڪئي وڃي، اهو جسم اوترو ئي مفاصلو طئي ڪندو. ان اصول جي وضاحت ڪريو.' . بجلي جي سرڪٽ جي باري ۾ هيءُ جملو ئي ڪٽي ڏسو: 'بجلي جو سرڪٽ اهڙي شئي آهي جيڪو بجلي کي توانائي جي ٻين شڪلين مثال طور گرمي، روشني ۽ ٻين شڪلين ۾ تبديل ڪري ٿو.' ايئن محسوس ٿئي ٿو تہ جڻ ليڪڪ وٽ سائنس جو علم ئي ناهي ۽ گڏوگڏ عقل جي بہ کوٽ اٿس. اردو ۾ لکيل سائنس جي ڪتاب جو حال بہ ڪجه وڌيڪ پلو ناهي جنهن مان اِهو ظاهر ٿئي ٿو تہ انهن ڪتابن جي ليکڪن جو اصل مسئلو زبان جي گهٽ ڄاڻ نہ بلڪ سائنس جي سمجه جي کوٽ اٿن. انهن ليکڪن وانگر گهٽي قدر استادن وٽ بہ سائنس جي سوچ سمجه ڪانهي جيتوڻيڪ اهي پنهجي شاگردن کي سائنس جو هر مضمون فقط رٽي ئي ياد ڪرائن ٿا.

انهن ڪتابن ۾ رياضي (هڪ خوبصورت مضمون جيڪو انسان جي منطقي سوچ ۽ دليل بازي جي قابليت کي روشن ڪري ٿو) جون مشقون فقط بي معنيٰ قدم بڻجي رهجي وڃن ٿيون جيڪي ذهنن کي مرده ڪري ڇڏين ٿيون ۽ اهڙا شاگرد پيدا ڪن ٿيون جن ۾ عقلي انداز سان سوچڻ سمجهڻ جو سوال ئي پيدا ڪونہ ٿو ٿئي. مون نائين ۽ ڏهين درجي جي رياضي جي ڪتابن ۾ اِن ڳالهہ جي سمجهاڻي کي ڏاڍو تلاش ڪيو تہ ٻارن کي logarithms يا matrices جي باري ۾ ڇو پڙهايو وڃي ٿو پر ڪٿي بہ اُن سوال جو جواب ڪونہ مليو. جيڪڏهن اسان جا 15 سالن جا ٻار ڪوريا جي نَوَ سالن جي ٻارن کان گهٽ رياضي ڄاڻين ٿا تہ اسان کي سمجهي وڃڻ گهرجي تہ ان جو سبب ڇا آهي. اردو ۾ لکيل نائين ۽ ڏهين ڪلاس جي بائيولاجي جو ڪتاب بہ تمام غير معياري آهي. ان ۾ زندگي جي ارتقا جي باري ۾ انگريزي ۾ هڪ چارٽ لکيو ويو آهي جيڪو شايد ڪنهن ٻئي ڪتاب مان بغير ڪو حوالو ڏيڻ جي چورايو ويو آهي. پوري ڪتاب جي مواد ۾ ان چارٽ ۾ ڄاڻايل شين جو ڪوبہ ذڪر ناهي. ان ڳالهہ تي بہ ڪو بحث ناهي ڪيل تہ زندگي ڪيئن شروع ٿي سواءِ اِهو چوڻ جي تہ مذهبي نقطہِ نظر متعلق زندگي جي شروعات پاڻي سان ٿي. ڪيترن ئي ٻوٽن ۽ جانورن جا نالا ڏنا ويا آهن ۽ انهن جي تفصيل ٻڌايو ويو آهي پر اِهو ناهي ٻڌايو ويو تہ حياتيات جي سائنس ۾ اهڙي معلومات ڪيئن گڏ ڪئي ويندي آهي ۽ ان مان ڪهڙا نتيجا ڪڍيا ويندا آهن. نائين ۽ ڏهين درجي جي لاءِ لکيل فزڪس جو ڪتاب شايد باقي سڀني ڪتابن کان بازي کٽي ويو. ان ڪتاب جي ليکڪن جي دعوا آهي تہ هن ڪتاب ۾ طبعيات متعلق ايتري معلومات شامل آهي جو شاگرد کي ڪنهن ٻئي ڪتاب جي ضرورت ئي ڪانہ رهندي. ڪجه ئي صفحن کان پوءِ اِها دعوا ڪئي وئي آهي تہ هيءَ ڪائنات ڪجه لک سال پهرئين هڪ لفظ ادا ڪرڻ سان وجود ۾ آئي. ڪائنات جي اصل عمر جو اندازو 13 ارب سال کان بہ وڌيڪ آهي ۽ ائين هي ڪتاب ڪائنات جي عمر جو اندازو اصلي عمر کان لکين دفعا گهٽ ٻڌائي ٿي. پڙهندڙن کي منهنجي درخواست آهي تہ اوهان خود سوچو تہ سنڌ ٽيڪسٽ بڪ بورڊ جي هر ڪتاب جا گهٽ ۾ گهٽ ڇهہ ليڪ ڇو آهن؟ (ڪتابن جي ليکڪن جو تعداد وڏ ۾ وڏ نَوَ کان ٻارنهن تائين آهي) ان جو سبب شايد اِهو آهي تہ هن لُٽَ مار جي ڪاروبار ۾ تمام گهڻا ماڻهون حصيدار ٿيڻ چاهين ٿا. ڪتابن جي معيار جي ڪنهن کي پرواهہ آهي؟ بهرحال، ڪتابن جو مواد غير اهم آهي تہ ان ۾ ڪنهن کي ڪابہ حيرت نہ ٿيڻ کپي. مثال طور بائيولاجي جي هڪ

ڪتاب ۾ وڌيڪ جيوگھرڙن واري جانورن جو پهرئين ذڪر آهي ۽ ان کان بعد واري هڪ سبق ۾ هڪڙي جيوگھرڙي واري جانورن جو تعارف ڪرايو ويو آهي. اچو تہ انهن ڪتابن جي معاشي پاسي تہ نظر وجهون ٿا. سنڌ جي آبادي تقريبن ٽي ڪروڙ آهي ان ڪري چوٿين درجي جي هر ڪتاب جون گهٽ ۾ گهٽ ٽي کان چار لک ڪاپيون ڪرو ٿينديون هونديون. انهن کي چوٿين درجي ۾ پڙهايا ويندڙ مضمونن جي تعداد سان ضرب ڪريو ۽ پوءِ هر ڪتاب جي 150 روپين جي لڳ ڀڳ قيمت ڏسون تہ اوهان کي اندازو ٿي ويندو تہ هيءَ اربن کربن جو ڪاروبار آهي. انهن ڪتابن جا ڇاپيندڙ ورهائيندڙ ليکڪ ۽ مينيجر سڀ اجرت (monopoly)جي ڪمزورين کان بخوبي واقف آهن. اسان جهڙي غيرشفاف نظام ۾ ان اُجرت مان فائدو کير کٽي ٿو ان جو فيصلو اسان اوهان تي ڇڏيون ٿا. وقت اچي ويو آهي تہ سنڌ ٽيڪسٽ بُڪُ بورڊ ۽ اهڙي قسم جي ٻين ادارن کي ٽوري ڇڏڻ گهرجي. هن وقت تائين ڏنل مثالن مان صاف ظاهر آهي تہ سائنس جا معياري ڪتاب مهيا ڪرڻ لاءِ سنڌ ٽيڪسٽ بُڪُ بورڊ وٽ نہ ڪا ذهني قابليت آهي ۽ نہ ئي وري تنظيمي ذهانتداري. جيتوڻيڪ حڪومتي ادارن ۾ پي آئي اي ۽ پاڪستان اسٽيل ملز بدانتظامي جي ڪري بدنام آهن پر اهي بہ سنڌ ٽيڪسٽ بڪ بورڊ جي کان ڪجھ وڌيڪ معياري ۽ بهتر مال فراهم ڪن ٿا. اسان جي پروفيسرن جي لکيل سائنس جي ٻين ڪتابن سان تمام گهڻا مسئلا آهن. انهن ۾ ڏوهہ ڪاليج جي پروفيسرن جو بہ ناهي چو جو حقيقت هيءَ آهي تہ انهن پروفيسرن جي پنهنجي تعليم بہ غير معياري ٿي رهي آهي. انهن مان گهڻا تہ پنهنجي مضمونن کي خود بہ سمجهي نہ ٿا سگهن ۽ ’اي ليول‘ ۽ ’او ليول‘ جي درسي ڪتابن جون گهڻيون مشقون تہ حل ٿي ڪري نہ ٿا سگهن. انهن ئي نااهل ماڻهن کي نئين نسل جي تعليم جي ذميداري ڏني وئي آهي. ان مسئلي جو هڪ حل هيءُ بہ آهي تہ مقامي ليکڪن تي تجربو ڪرڻ جي بجاءِ اسان ٻاهرئين ملڪن جي معياري ڪتابن جا حق ۽ واسطہ خريد ڪري وٺون ۽ انهن جو ترجمو ضرورت مطابق تبديل ڪري انهن کي سستي قيمت تي ڇپايون. اِها دليل مضحڪ خير معلوم محسوس ٿئي ٿي تہ سائنسي ۽ رياضي جا ڪتاب سنڌي معاشري جا نمائنده هجڻ گهرجن. پاڻيءَ جو فارمولو پاڪستان ۾ بہ $H_2O$آهي ۽ دنيا ۾ بہ هر جڳھ تي، بہ ۽ بہ چار ٿي ٿيندا آهن. سنڌ جا ڪاليج ۽ يونيورسٽيون پهرئين ئي غير ملڪي ليکڪن جا ڪتاب بي ايس سي (B.Sc)، ايم ايس سي((M.Sc، ايم فِل (M.Phil)۽ پي ايڇ ڊي (Ph.D) لاءِ استعمال ڪن ٿا. انهي ئي اصول کي اسان جي اسڪولن تي لاڳو ڇو ڪونہ ٿو ڪري سگهجي ۽ اسان پنهنجي اسڪولن جي سائنس جي سليبس کي ٻين ملڪن جي معيار جي برابر ڇونہ ٿا بڻائي سگهون؟ اسان کي گهرجي تہ اسين پنهنجي ٻارن کي معياري ڪتاب سستي اگھ تي فراهم ڪريون ۽ ايئن صرف ان وقت ئي ممڪن آهي جڏهن تمام گهڻن ڇپيندڙن کي اجازت هجي تہ اُهي ٻارن لاءِ معياري درسي ڪتاب ڇاپين ۽ وڪرو ڪن. فقط مقامي ليکڪن جي ڪتابن کي وڪرو ٿيڻ جي اجازت ڏيڻ ٻارن کي معياري ڪتابن کان پري رکڻ جي برابر آهي. اِهي ليکڪ ۽ انهن جا ويجها ساٿي قومي يا صوبائي حمايت جو سوال اٿارين ٿا پر اصل مسئلو آهي تمام گهڻي منافعي جو. انهن مفادپرستن اصلاح جو دروازو ڪاميابيءَ جي دروازي سان گڏ بند ڪري ڇڏيو آهي ۽ بدقسمتي سان اِهو ڪاروبار ايئن ئي هلندو رهندو. سنڌ جا اُهي چند بدنصيب ٻار جيڪي ’اي ليول‘ ۽ ’او ليول‘ اسڪولن ۾ تعليم حاصل ڪن ٿا ۽ غير ملڪي ليکڪن جا ڪتاب پڙهن ٿا ۽ بهتر تعليم حاصل ڪن ٿا. باقي ٻارن جي حالتِ محروميءَ تي اسان صرف ڳوڙها ئي ڳاڙي سگهون ٿا.

(هيءُ مضمون روزانہ ڊان اخبار ۾
12 ڊسمبر 2015 تي ڇپيو)

# فن، آرٽ ۽ قومي ثقافت

غلام محمد گرامي



ادب، شاعريءَ ۽ مصوريءَ کي فن ۽ آرٽ سمجهيو وڃي ٿو ۽ 'فن انساني زندگيءَ لاءِ روشن، تابناڪ ۽ صحتمند معيار ۽ اقدار پيدا ڪري ٿو. دماغ جي اوجر، ذهن جي تعمير، فڪر جي تشڪيل، نفسيات جي اصلاح جو تعلق ادب، شاعري ۽ مصوري سان آهي. موسيقي، ادب جو نغمه ريز پهلو آهي، جو جذبات ۾ حدت ۽ حرارت ٿو پيدا ڪري. پر جي ادب ۽ فن، مصوري ۽ موسيقي، سڀ آهن بي روح ۽ بي مقصد ته پوءِ انساني سماج ۾ جا ثقافت ۽ تمدن پيدا ٿئي ٿي، اها معاشري ۽ اجتماعي نظام کي کوکلو ۽ بي روح بنايو ڇڏي. اسان 'فن' جي هر شاخ کي تحسين جي نظر سان ڏسون ٿا. ادب زندگيءَ جو ترجمان آهي، شعر زندگيءَ جي تنقيد، موسيقي روح جي غذا، مصوري ذوق جماليات کي سنواريندڙ ۽ حسن و جمال آهي روح حيات! پر اهي سڀ جيڪڏهن بي مقصد ۽ شوقيه آهن ته پوءِ نه ڪو قومي ضمير ۾ زندگي پيدا ٿيندي ۽ نه ڪو اها قوم زندگيءَ جي جدوجهد ۾ ڪو فخر جي لائق ڪم ڪري سگهندي. اها قوم 'طائوس ۽ رباب' کان وڏي ڪري، نه ڪو هٿ ۾ تلوار کڻي سگهندي ۽ نه ڪو بندوق! جهاد ۽ دفاع جو ته سوال ئي نٿو اٿي سگهي! معمولي کان معمولي حملي کان بچاءُ ته پري رهيو، پر 'خنجر قاتل' جي زد ۾ 'گردن خم' ڪري، 'پئجي رهڻ' کي "انداز صبر و رضا" ئي سمجهندا رهندا. _تاريخ اهڙن عجيب و غريب واقعن کان خالي نه آهي. بغداد جي زوال تي مرثيه لکندي، سعدي لکيو آهي ته 'اي محمد (صلي الله عليه وسلم) زمين تي قيامت برپا ٿي وئي. ۽ آسمان معتصم باالله جي زوال تي خون جا ڳوڙها هوند نه ڳاڙي ته به ٿهي_!'

معلوم آٿو بغداد تي هلاڪو جي حملي جو ڪارڻ ڪهڙو هو؟ ۽ قوم جو اخلاقي معيار ڪهڙي حد تي پهتو هو. صاف لفظن ۾ عرض ڪجي ته ان دور جي بي عمل عالمن ۽ بي نظر فقيهن جي اختلافن ۽ هڪٻئي تي ڪفر جي فتوائن ۽ موسيقي ۽ رقص جي رنگين محفلن' عوام کي اهڙو ته بيحال، سست ۽ بيڪار ڪري ڇڏيو هو جو هلاڪو جو لشڪر جڏهن بغداد ۾ پهتو تڏهن لشڪر جي لڪن سپاهين ۽ شهري ماڻهن نه ڪو سندن مقابلو ڪيو ۽ نه ته سندن حملي جو جواب حملي سان ڏنو اول اول انهن عالمن ۽ فقيهن ئي هلاڪو جو استقبال ڪيو ۽ ميراثين ۽ ڏڪڙبازن، سندن دهلن ۽ شرنائين سان استقبال ڪيو پر حيرت جو امر اهو آهي ته جڏهن ڪا تاتاري زال، ڪنهن متمول ۽ مهذب گهر ۾ گهڙي ٿي وئي، تڏهن پوري گهر جي ڀاتين کي قتل ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي ٿي! نه رڳو ايترو پر تاريخن ۾ آهي: جڏهين ڪنهن تاتاري عورت جي مڏي ڇري، کهڻ کان عاجز ٿي ثابت ٿي، تڏهن سيني ڀاتين کي سنئون سمهاري، ائين چئي ٿي وئي، ته سڏا سمهيا پيا هجو اصل چرجو نه! مان چاڻ ٿي تکي ڪاتي کڻي اچان! پوءِ اهي ڀاتي تيستائين سمهيا ٿي رهيا، جيستائين سندن 'قاتل' تيز ڇري کڻي اچي ڪين ڪنو نه ٿي! خبر اٿو انهن گهرن مان ڪهڙو سامان ٿي نڪتو؟ ٻڌو! انهن

گهَرَن ۾ اطلس ۽ ڪيمخواب جا پر دا هئا. موسيقيءَ جا سازو سامان هئا ۽ سون ۽ چانديءَ جا برتن هئا. ڇا تاريخ جي ان اهم واقعي مان هن دور جا مهذب، ڪو سبق سکندا. جي بي روح شاعريءَ ۽ رقص وسرود جي رنگين محفلن کي ”قومي ثقافت“ سمجهن ٿا، ۽ سر بفلڪ عمارتن جي تعمير، ۽ رقص ۽ رنگ جي ادارن کي ”قومي تعمير“ جو بنياد قرار ڏين ٿا.

ائوڌ جي تاريخ جو هڪ ورق: اسان جي ”قومي ثقافت“ جي معمارن، يقين آهي ته ”ائوڌ جي تاريخ“ ته ضرور پڙهي هوندي_ ائوڌ جي زوال جا آخري ڏينهن ڪيئن ٿي گذريا! ۽ اسان جي ’ثقافت ۽ تهذيب‘ ملڪ کي ڪٿي پهچايو هو. اهو هڪ خونچڪان ۽ الم انگيز داستان آهي_ چند مثال رسالي چٽان (لاهور) تان پيش ڪجن ٿا. اوهان به ٿورو ٻڌو: ”ائوڌ جي تاجدارن ۽ مذهبي پيشوائن، گڏجي، جا ثقافت پيدا ڪئي هئي اها هڪ نجوميءَ جي ڌيءَ ۽ ”غازي الدين حيدر“ جي راڻيءَ جي پيدا ڪيل هئي. پر سندن ڪهڙو حال هو؟ اهو اکيون کولي ڏسو. ’راڻيءَ‘ اول امام مهديءَ جو رنگين نمونيءَ ۾ ڏينهن ملهايو. ۽ پوءِ شريف نياڻين مان يارهن نينگريون يارنهن امامن جي نالي ڪيون. انهن جا نالا رکيائين ”اَڇوتڻيون“! هر اڇوتِ لاءِ ٿي ٻانهيون رکيائين. فقط حضرت علي عليه السلام لاءِ ڪا اڇوتِ نه مقرر ڪيائين. ڇا لاءِ ته ائين ڪرڻ سان حضرت خاتون جنت جي شان اقدس ۾ گستاخيءَ جو امڪان هو. (باقي يارهن لاءِ نه!!)_ هڪ ڏينهن خدا جو اهڙو ٿيو جو هڪ اڇوتِ نينگر رئڻ پٽڻ لڳي. راڻي ڪيس گهرايو ۽ احوال پڇيو. ٻڌايائين ته رات خواب لڌو اٿم. ان ۾ ڏٺم ته امام عالي مقام تشريف فرما آهي، پاڻ رنج ٿي مون کي ’طلاق‘ ڏنائون_ ان تي رئان پٽيان ٿي! منهنجو ته دين به ويو ۽ آخرت به وئي!“ ان تي راڻيءَ پالڪي گهرائي، ۽ ڪيس اجازت ڏني! ٻيو ٻڌو! تاريخ ۾ آهي: ”غازي الدين حيدر، پنهنجي راڻيءَ کان ڊڄندو هو ۽ فرمائيندو هو ته راڻيءَ جي هٿ ۾ جنات آهن. جن کان منهنجي حڪومت کي خطرو آهي“ غازي الدين حيدر جي وفات کان پوءِ بادشاهه ”نصيرالدين حيدر“ پڳ ڌڻي ٿيو ان جي ثقافت ملاحظه فرمايو! ”بادشاهه ملامت پنهنجي پاڻ تي ’حامله عورت‘ جي ڪيفت طاري ڪندو هو ۽ ويم به فرمائيندو هو. ان وقت هوبهو ويم وارا ’سور‘ به ٿيندا هئس. ۽ زالن وانگر روئندو به هو. ۽ پاسا به ورائيندو هو. دايون ۽ ٻانهيون اچي پاسو وٺنديون هيون. آخر ڪار دائيءَ جي دوا درمل ۽ فني ڪمال سان ويم خير سان ٿي گذرندو هو_ هڪ سينگاريل گُڏي، بادشاهه جي ڪَڇَ ۾ رکندا هئا. مبارڪ مبارڪ جا خوشنما آواز ٿي ويندا هئا. سهرا ۽ لوليون هڪ طرف ته قصيدا ۽ مجرا ٻئي طرف! ٻاهر دهلن ۽ شرناين جا دَس شروع، دايون ۽ پايون خوش خورم. لنگر جاري، هر ڪو ماڻهو پوڙ پلاءَ پيو کائي،_ ڇهن ڏينهن تائين بادشاهه ’ويم_ گهر‘ ۾ رهندو هو. ڪيس ويائي زال واريون دوائون ۽ خوارڪون ملنديون هيون. ’مٺي پاڻيءَ‘ جي رات زنانه لباس پهري، گڏيءَ کي ڪَڇَ ۾ کڻي، منڊ ڪائيندو نڪرو هو ٻاهر. ان وقت خير خيرات جام ڪيون وينديون هيون، فتح علي خان ۽ مبارڪ علي خان، قوالي ڳائيندا هئا. ميراسڻيون ناچ ڪنديون هيون، رنڊيون ڳائينديون هيون. ان رنگ هلندي، بادشاهه درتي ايندو هو ۽ سينگاريل هاٿيءَ تي چڙهندو هو. پويان گهوڙي سوار، اڳيان ’پوش پوش‘ جي پڪار، پاسن سان فوجي عملدار بازارن جي ڪنارن سان هزارين ۽ لکين ماڻهو قطار درقطار، اچي گڏ ٿيندا هئا. شور ۽ شر ۾ ڪو آواز به ڪن تي ڪين پهچندو هو. رعايا، دعائون ڪندي هئي! بادشاهه هٿ کڻي سلاميون وٺندو هو!_ “ _ناظرين! هيءَ اها ’ثقافت‘ هئي، جنهن ’ائوڌ‘ کي تباهه ڪيو! جنهن جا ’جراثيم‘ اسان جي قومي تهذيب ۾ لاشعوري طور سرايت ڪري رهيا آهن. واجد علي شاهه ان سلسلي جو مکيه ڪردار آهي. ان جي رنگين ثقافت لاءِ ڇا ٿو چئي سگهجي_ تاريخ ۾ آهي: ”واجد علي شاهه، کي جڏهن نظربند ڪيون، ڪلڪتي ڏي ٿي وٺيون ويا. تڏهن سندس پيٽ خلاف معمول ’طنبور‘

وانگر نکتل هو. ان کي هڪ گورو سارجنٽ، پنهنجي ننيڙي لڪڻ سان، وڄائي رهيو هو. ۽ واجد علي شاهه خاموش نموني ۾ گُنگا ٻوڙها ڳاڙي رهيو هو! _هي آهن، اسان جي تاريخ جون رنگين گهڙيون. يا ڳوڙيون چغليون! آخر ۾ محمد شاهه رنگيلي جي به ٻڌو: محمد شاهه، نادرشاهه جي دهليءَ ۾ اچڻ تي پينگهي ۾ لڏي رهيو هو. جڏهن کيس ٻڌايو ويو ته لکين ماڻهو خون تي چڪا آهن، ۽ نادرشاهه اوهان جي محلات جي درتي آيو آهي، چاڻ اندر آيو_ پاڻ ڇپائين. راند پوري ڪرڻ ڏيو ائين ڪندي نادرشاهه اندر گهڙي آيو سڄو محلات خالي ٿي ويو ۽ اگهاڙي تلوار سان اچي نادرشاهه مٿان بينس_ ڇپائينس، محمد شاهه تون پڇي چو نه وئين! وراڻيائين، ٻانهيون ۽ ٻانها الائي ڪاڏي ويا. 'جُتِي' پرسان ڪانه هئي، تنهنڪري وينو رهيس! ان کان متاثر ٿي چيو ويو آهي: شامت اعمال ما صورت نادر گرفت! (منهنجي افعالن مونکي نادر جي هٿان گرفتار ڪرايو) اسان جي تاريخ ۽ تهذيب جي چند تلخ واقعات مان اهو صاف ظاهر ٿئي ٿو ته جا قوم، عزت نفس، بلند حوصلي، جوانمردي، جدوجهد ۽ جهاد جهڙن عظيم ۽ انسانيت نواز جوهرن کان خالي رهجي وڃي ٿي، اها قوم، عيش پسند ادب، 'ذوق جمال جي غلط تصورات' ذهني عياشي پيدا ڪندڙ ادب ۽ فن، طبيعت ۾ مزاج ۾ سردي ۽ مردگي پيدا ڪندڙ شعر و شاعريءَ ۽ آفيم واري نشي جهڙي پر خمار ۽ پر ڪيف وجد ۾ آڻيندڙ راڳ ۽ رنگ ۾ مبتلا ٿي وڃي ٿي! زوال پذير قوم جا اهي ئي آثار ٿين ٿا. جنهن قوم جا صالح عناصر، جڏهن 'لغويات' ۽ 'خرافات'، بي مقصد ۽ غير افادي ادب، ۽ آرٽ ۾ مبتلا ٿين ٿا، تڏهن ان قوم مان جهداللبقاء ۽ تنازع اللبقاء جيءَ جدوجهد ختم ٿي وڃي ٿي. انهن جي محفلن ۽ ڪچهرين تي ظاهري طور ته نمائش ۽ وقتي جوش و خروش ڇانيل رهي ٿو پر حقيقي طور انهن جون دليون سرد ٿي وڃن ٿيون. اها قوم ڪڏهن به پيش قدمي ڪرڻ جي لائق نٿي رهي. اسان جي اديبن ۽ فنڪارن تي فرض آهي ته هو پنهنجي 'فن ۽ آرٽ' ۾ زندگي ۽ روشني پيدا ڪن، سرد دلين ۾ 'حدت ۽ حرارت' پيدا ڪن، مرده دلين ۾ زندگيءَ جو صحتمند خون گرم رکن، ۽ پنهنجي 'فن' ۾ حقيقت پسندانه روح پيدا ڪن. رڳو 'ادب برائي ادب'ڪا حقيقت نٿو رکي، جيستائين 'ادب' جو زندگيءَ جي تقاضائن سان ڪو براه راست تعلق نٿو رهي، تيستائين، اهو 'ادب' ذهني عياشيءَ لاءِ ته سودمند ٿئي ٿو پر زندگي بخش ۽ صالح، نٿو سڏي سگهجي. اقبال خوب چيو آهي: آ تجهه کو بتائون مين تقدير اسم ڪيا هي، شمشير و سنان اول، طائوس و رباب آخر. هنن چند تاريخي حوالن مان واضح ٿئي ٿو ته مذهب ۽ فن ۽ ادب، جڏهن پنهنجي افادي حيثيت کان ڪرن ٿا، تڏهن، ان قسم جا توهمات، طلسمي خيالات پيدا ٿين ٿا. ۽ اهڙي دؤر جي صاحب اقتدار قوت جي رعايا ۽ ان معاشري جو علمي ۽ فني سرمايو اهڙن لغو ۽ بي حقيقت ڳالهين جو نذر ٿي وڃن ٿا. مسلم تاريخ به اهڙن واقعن کان خالي نه آهي، ۽ مذهب جي تاريخ ته اهڙن ديو مالائي خرافات سان ڀري پئي آهي. جاگيردارن ۽ سرمائيداري دور جي خباڻتن ۾ جتي، خود مذهب پنهنجي حقيقت پسندانه ۽ تعميري ميلانات کان هٽي ٿو وڃي، اُتي ان دور جو علم ۽ فن به محض 'جذبات' جي تسدين لاءِ وقف ٿي وڃي ٿو. اهڙين تاريخي حقيقتن کي مطالع ڪرڻ کان پوءِ، اهل فڪر طبقي تي فرض ٿو عائد ٿئي ته هو پنهنجي دور جي باشعور طبقن جي ذهني ۽ فڪري، اخلاقي ۽ سماجي زندگيءَ کي سنوارين ۽ انهن جي ذهن ۽ فن کي خرافات کان بچائين. اديبن جو 'توجهه ۽ فن' يقين آهي ته اسان جي زنگ آلود معاشري جي ذهن لاءِ تابندگي ۽ زندگي پيدا ڪري سگهي ٿو. جڏهن:

بجهه چڪا هي چراغ دير و حرم دل
جلائو ڪ روشني ڪم هي

تماهي مهراڻ،
نمبر 3 سال 1962 تان
ڪنيل

# سنڌي ناريءَ جو قومي ڪردار

## مائي بختاور جونيئر

”آئون تنهنجي لڳايل الزامن مان ڪنهن کي به نه ٿي مڃان ۽ نه ڪنهن جي ترديد ڪنديس، سواءِ ان جي ته ها آئون فاطمه محمد برناوي آهيان. پنهنجي وطن جي آزادي لئه وڙهندڙن جي عظيم جماعت ”الفتح“ جي سرگرم ڪارڪن آهيان ۽ ان تي مونکي فخر آهي.“ (فاطمه محمد برناوي)

جيڪڏهن ڪنهن سماج جو خاڪو (گراف) ڪڍجي ته ان جو اهو گراف اڻ برابر نڪرندو ۽ ان ۾ مردن جي ۽ عورتن جي لائين ناهموار ٿيندي. ان جو بنيادي سبب اهو آهي ته سماج ۾ جيڪا پورهئي جي ورڇ آهي اها هڪ خاندان ۾ عورت ۽ مرد جي وچ ۾ اڻبرابري جي بنياد تي ڪئي وئي آهي. جنهن ۾ مرد حاڪم جڏهن ته عورت ٻي درجي جي نظرئي تي ٻڌل آهي. سنڌي سماج عورت ۽ ٻارن کي غلامي جي دائري ۾ جڪڙن ٿا ۽ ان جو سڀ کان وڏو مثال اهو ملندو ته عورت جي گهر ۾ ٻيهڪ گهريلو ٻانهي جو آهي. ۽ اها سماج جي ڪارڪردگين جهڙوڪ معاشي ۽ سياسي نظام کان صفا ڪٽيل نظر ايندي آهي

لينن چوي ٿو ته جيڪڏهن ڪنهن به سماج جي طرقي ۽ تنزلي جو جائزو وٺڻ چاهيو ته اتي عورت جي حالت ۽ ان جو معاشرتي ۽ سياسي ڪردار اظهاريندو. هر سماج جا ڪجهه ذاتي ۽ سماجي تعلقات هوندا آهن جيڪي ان ماڻهو جي ذات کي جهنجهوڙيندا آهن ۽ ان کي ان سماج جو ڪارآمد حصو بڻائيندا آهن.

سائمن ڊي بوويئر پنهنجي ڪتاب سيڪنڊ سيڪس ۾ لکي ٿي ته ”هڪ ڇوڪري کي اها آزادي نه ٿي ڏني وڃي ته هوءَ پنهنجي چوڌاري موجود دنيا کي دريافت (ڊسڪور) ڪري، هوءَ جيڪي ڪهاڻيون ٻڌي ٿي ۽ جيڪي ڪتاب پڙهي ٿي اهي هن کي مرد جو سپريئر هئڻ جو احساس ٿا ڏيارين. عورت کي ان ڳالهه تي مجبور ته ڪيو ويجي ته هوءَ سماج ۾ عورت ۽ مرد جي جوڙيل وصف کي تسليم ڪري ۽ ان کي پنهنجي عورت هئڻ ج..و ڊيسٽينيشن (قدرت طرفان ايئن ئي جوڙيل) سمجهي بغير ڪنهن سوال جي سماج جو حصو بڻجي. سائمن پنهنجي ڳالهه کي ٿورن لفظن ۾ ٻڌائي ٿي ته، One is not born woman, but becomes one

سماج ۾ عورت کي عورت هئڻ جو تصور ملي ٿو جنهن ۾ هوءَ پنهنجو پاڻ کي سماج ۾ ڪيس ڏنل ڪردارن کي پنهنجو نصيب سمجهي ٿي. عورت کي ننڍي هوندي کان سکيا ڏني ويندي آهي ته هوءَ خوبصورت آهي ۽ گهريلو ڪم ڪار جهڙوڪ رڌ پچاءُ ۽ ٻارن جي سار سنڀال لئه ذميوار آهي. عورت کي سائنس کان پري رکي ڪيس معاشري، ثقافتي ۽ ذهني پسماندگي ۾ رکي اهو يقين ڏياريو ويندو آهي ته معاشرتي ترقي ۾ سندس ڪو به ڪردار ناهي.




انڊيا جي مشهور ناريوادي (فيمينسٽ) ڪاميلا ڀاسن لکي ٿي ته ٻه لفظن کي ڀيهر واضع ڪرڻ جي ضرورت آهي جنهن مان هڪ آهي قدرتي جنس يعني مرد ۽ عورت جو جسماني يا حياتياتي فرق جنهن کي سيڪس چيو ويجي ٿو ۽ ٻيو آهي جينڊر يعني مرد ۽ عورت ۾ سماجي ۽ ثقافتي لحاظ کان فرق.سماج ۾ طاقت جي ناهموار ورهاست جينڊر جي بنياد تي ڪئي ويجي ٿي، جنهن ۾ مرد کي طاقتور قرار ڏئي تمام فخريهاصطلاح ان جي لئه ئي رزرو ڪيا وڃن ٿا. جڏهن ته عورت کي ڪمزور، خوبصورت، بي عقل ۽ لاچار جهڙا دليل ڏئي سماجي ترقي، معاشي ترقي ۽ حڪمراني کان پري رکيو ويجي ٿو. توڙي جو عورت سماج جي ترقي جو اهم ٿنڀو آهي جنهن کان سواءِ ڪوئي سماج ترقي نه ٿو ڪري سگهي.

عورت کي هميشه سياست ۽ حڪمراني کان پري رکڻ جي لاءِ سوين حيلا بهانا ۽ جواز گهڙيا ويا آهن. ڇو جو سياست ۾ شريڪ ڪرڻ جو جو مطلب اهو هو ته اقتدار ۾ شريڪ ڪئي وڃي ۽ اقتدار ۾ اچڻ جو مطلب ڪيس طاقت ۽ قوت جي وسلين تي قابض ڪيو وڃي. ان لئه مرد پنهنجي متاڻهين درجي کي قائم رکڻ لئه عورت کي سياست کان پري رکڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. ان مقصد جي حصول لئه سماج عورت کي ذهني ۽ جسماني ڪمزوري جو دليل ڏئي سياست کان پري ڪري ڇڏيو. توڙي جو تاريخ ۾ اهڙا ڪوڙ ساترا مثال ملن ٿا جنهن ۾ عورت ملڪي سربراه رهي آهي، جنگين ۾ حصو ورتو آهي ۽ اندروني ۽ پرڏيهي ملڪن جا مسئلا به حل ڪيا اهن. جنهن جو مثال رضيه سلطانه جو آهي جيڪا اڪيلي سلطنت ۽ مغل دور جي حڪمران رهي

چڪي آهي. اهڙي طرح سنڌي سماج جي عورت تمام رسمن ۽ روايتن ۾ جڪڙيل هجڻ جي باوجود جڏهن به وطن کي سندس ضرورت پئي ته مختلف روپ وٺي سنڌ ڌرتي جي حفاظت ڪئي. پوءِ ڪڏهن بختاور ته ڪڏهن زينت، بصران ۽ ڪمال خاتون جو روپ وٺي ڌرتي جي حفاظت ڪئي آهي.

جيڪڏهن تاريخ جو جائزو ورتو وڃي ته خبر پوندي ته سنڌي سماج جي عورت سياست ۾ اهم ڪردار ادا ڪري چڪي آهي جنهن جو مثال دودي جي ڌيءَ ”ڪويل“ آهي جنهن پنهنجي منگيندي ننگر کي موڙ ٻڌي وطن جي جنگ ۾ شهيد ٿيڻ لئه موڪليو ۽ جڏهن هو شهيد ٿي ويو ته سندس ڳاٽ فخر کان اونچو ٿي ويو. ان ئي دور ۾ ”ٻاگهي“ پنهنجو قومي ڪردار ادا ڪيو جڏهن سندس ڀاءُ چنيسر غدار بڻجي تخت جي حصول لئه دهلي مان ڌاريا چاڙهي آيو ته ٻاگهي وطني غيرت جي جذبي هيٺ ننڍي ڀاءُ دودي ۽ ڀائيٽين کي وطن تان گهورجڻ لئه جنگ جي ميدان ۾ موڪليو.

انگريز سامراج جي دور ۾ سنڌ جي اڳواڻ پير صبغت الله شاهه پاڳاري آزادي جي تحريڪ يعني حر تحريڪ شروع ڪئي ان تحريڪ ۾ مردن سان گڏ عورتن به حصو ورتو جنهن ۾ مائي فاطمه خاصخيلڻ، زينت، مريم، ڪمال خاتون نظاماڻي، بيگو رنڊڻ ۽ ٻين سوين عورتن بهادراڻا ڪردار ادا ڪري پنهنجو قومي فرض پورو ڪيو. ويجهڙ ۾ بلوچعورتن طرفان پنهنجي قوم سان ٿيندڙ ظلم خلاف منظم ٿي آواز اٿارڻ بلوچن جهڙي روايتي سماج ۾ اڄ جي سنڌي ناريءَ لاءِ هڪ مثال آهي. فرزانا مجيد بلوچ ۽ سندس ساٿي عورتن جو ڪوئيٽاکراچي کان اسلام آباد تائين پنڌ پنهنجي بلوچ ڀائرن جي زخمن تي ڄڻ ته ڦها رکڻ برابر هئو يا وري داعش ۽ قومي غلامي خلاف وڙهندڙ کرد عورتن جو ڪردار به اسان کي نه وسارڻ گهرجي جن داعش ۽ ترڪي جي فورسز سان چوٽون کائي ڪردستان جا ڪيترائي شهر ۽ علائقا ڌارئين سامراج کي شڪست ڏئي فتح ڪيا آهن. يا هن وقت سنڌ جي قومي آزاديءَ جي تحريڪ ۾ شهيد مظفر ڀٽو جي ونی صائمه ڀٽو شهيد افضل پنهور جي امڙ نصيبان پنهور، شهيد منير خان چولياڻي جي نياڻي سنڌو منير خان، شهيد آصف پنهور جي ڀيڻ ادي شائله پنهور به اسان جي سماج جا اتساهيندڙ ڪردار آهن جن پنهنجي قوم سان ٿيندڙ ظلم خلاف پنهنجي پٽن ، ڀيڻرن ۽ ڀائرن جون قربانيون به ڏنيون ته سنڌ جي آزاديءَ لاءِ جدوجهد جو اڄ به حصو آهن.

سماج ۾ عورت جي هڪ تصوراتي تصوير جوڙي ان کي سماجي، ثقافتي ۽ مذهبي رڪاوٽن ۾ جڪڙي دفن ڪيو ويو آهي، سماج ۾ عورت کي ڪمزور، لاچار ۽ نا اميد ۽ هينيون درجو ڏنو ويو آهي. عورت پنهنجي ان تصوراتي خاڪي کي پنهنجو مقدر سمجهي بغير ڪنهن سوال جي سماج جو حصو بڻجي ٿي. توڙي جو تاريخ ۾ بهادر عورتن جا مثال آهن جن سماج جي دقيانوس روايتن کان انڪار ڪري پنهنجي حق جي لئه آواز اٿاريو. اهڙيون عورتن ۾ مائي بختاور شهيد جو نالو سرفهرست آهي جنهن ان دور جي جاگيرداراڻه سماج جي روايتن کان انڪار ڪري هاري تحريڪ ۾ پنهنجي حقن لئه آواز اٿاريو. ان دور جي جاگيردار سوچ رکندڙن سندس آواز دٻائڻ لئه ڪيس قتل ڪري اهو سوچيو ته بس اهو آواز هميشه جي لئه ختم ٿي ويو پر هو ناڪام ويا هنن بس هڪ جسم کي ختم ڪيو پر اهو بغاوت وارو آواز اڄ به زنده آهي، اڄ به سنڌ جي اندر اهڙا مثال موجود آهن جيڪي انهن فرسوده رسمن ۽ رواجن کان انڪاري آهن.

جڏهن به وطن کي عورت جي ضرورت پئي ته عورت پنهنجو قومي فرض سمجهي لبيڪ چوڻ واري نعري سان اڳتي وڌي. يروشلم جي اسرائيلي فوجي عدالت ۾ آزادي جي متوالي مجاهدڻ فاطمه برناوي کي جڏهن عدالت ۾ پيش ڪيو ويو ۽ هن کان سوال پڇڻ جو سلسلو شروع ٿيو ته هن به مثال دليري جو ثبوت ڏنو ۽ يهودي غاصبن کي اهڙا ڏند ڪٽا جواب ڏنا جو ڪين ڏندي آڱريون اچي ويون. هن چيو

”آئون تنهنجن لڳايل الزامن مان ڪنهن کي به نه ٿي مڃان ۽ نه ڪنهن جي ترديد ڪنديس. سواءِ ان جي ته ها آئون فاطمه برناوي آهيان. پنهنجي وطن جي آزادي جي لئه وڙهندڙن جي عظيم جماعت الفتح جي سرگرم ڪارڪن آهيان ۽ ان تي مونکي فخر آهي. توهان جي هنن الزامن جي حيثيت ئي ڪهڙي آهي؟ ظالم بگهڙو! اسان پنهنجي وطن جي آزادي ماڻڻ لئه هي سڀ ڪجهه ته ڇا پر ان کان به وڌيڪ ڪجهه ڪري سگهون ٿا. هڪ سنيما حال ته ڇا اسان انهن شهرن کي به ساڙي تباهه ڪرڻ گهرون ٿا جتي وحشي درندا رهن ٿا. جتي غاصب رهن ٿا. جتي اهڙا پر امن شهري امن ۽ آرام جي زندگي بسر ڪري رهيا آهن جن تي موت جي ماڻار ڇانئجي چڪي آهي، جن جي دلين مان وطن جي محبت نڪري چڪي آهي ۽ جيڪي غدار بڻجي چڪا آهن. توهان!! توهان جو عوام توهان جون فوجون سڀ باطل جو مڪروه عڪس آهيو پر توهان کي خبر هئڻ گهرجي ته حق هميشه باطل تي سوڀ پاتي آهي. اسان آزاد فلسطيني پنهنجو پاڻ کي به جنگ ۾ اڇلي ڇڏينداسين توهان جي ڏاڍ جي راڪاسن جي آڏو جبل بڻجي بيهنداسين ۽ پنهنجي پياري وطن کي توهان جي ناپاڪ پيرن کان نجات ڏيارينداسين.

(فاطمه برناوي)

ڪنهن به سماج ۾ تبديلي تيسيتائين نه ايندي جيسيتائين اتي جي عورت کي سماجي جوڙ جڪ ۾ برابر جو شريڪ نه سمجهيو ويندو. مرد ۽ عورت جو تصور هٺ ٺوڪين سماجي اصولن تي تخليق ڪيو ويو آهي جنهن جو عورت جي ڪمزور هئڻ يا مرد جي طاقتور هئڻ سان ڪو واسطو ناهي. عورت چاهي ته مرد کان وڌيڪ طاقتور ٿي سگهي ٿي جنهن جو مثال رانديگر عورتون آهن. جيسيتائين عورت پنهنجو آواز نه اٿاريندي تيسيتائين سماج هن جا گهربل حق هن کي نه ڏيندو. سائمن ڊي بووئر چوي ٿي ته ”جي عورت بغاوت ڪري، ڪم ڪرڻ کان جواب ڏي ۽ مرد کي ڪم ڪرڻ تي راضي ڪري ته اهو سماج ۾ انقلابي تبديلي آڻي ڇڏيندو. جيڪڏهن سماج جو 52 سيڪڙو فرد يعني عورت سماجي ترقي ۽ سياست ۾ حصو وٺندي ته سماج ۾ تبديلي ۽ ترقي لازم ايندي.“

* * *

# پڙهيو ، پڙهيجاءُ ، سبق انهيءَ سُور جو

## پروفيسر لائق پرهياڙ

علم تنهنجو جي قوم جي ڪم
اچي پورهئو تنهنجو پوءِ سجايو آهي
علم آهي ته قوم جي اک آ
قوم ناهي ته علم اجايو آهي.

علم، احساسن مان جنم وٺي ٿو. اسان پنهنجي ماحول ۽ سماج مان پنهنجي تجربي ۽ مشاهدي آڌار ڪڍيل نتيجن کي علم چوندا آهيون. علم جي ان وصف يا سمجهاڻي موجب هر اهو بظاهر اڻپڙهيل به عالم ٿي سگهي ٿو جيڪو پنهنجي ماحول ۽ سماج مان پنهنجي درست تجربي ۽ مشاهدي آهر صحيح نتيجا ٿو ڪڍي، جيئن شاهه عبداللطيف ڀٽائي عليه رحمت فرمايو آهي ته

سي اڻپڙهيا، پڙهيا ٿيا، جن پڙهايو پاڻُ

پر ان باوجود به جيڪڏهن تجربي ۽ مشاهدي سان گڏوگڏ مطالعو به آهي ته درست نتيجا ڪڍڻ اڃان به وڌيڪ سولو ٿي ٿو پوي. اڄ دنيا ۾ اڄ اها مڃيل سائنسي حقيقت آهي ته عمل يا تجربي کانسواءِ علم جي حقيقي ڄاڻ حاصل نه ٿي ڪري سگهجي، نه ئي درست نتيجا ڪڍي سگهجن ٿا ۽ جڏهن درست نتيجا ئي نه نڪري سگهيا ته ان علم مان انسانذات جي لاءِ ڪا به فائديمند اپيرائي يا ايجاد به نٿي ڪري سگهجي، ڪي به فڪر جنم نه ٿا وٺي سگهن ۽ نه ئي ان علم ذريعي سماج ۾ ڪا موثر تبديلي يا بهتري ئي آڻي ٿي سگهجي.

پر سائنس جي علمي ارتقا جي تاريخ پڙهبي ته معلوم ٿيندو ته هر هڪ نئين ڳالهه ، فلسفي يا نظرئي، ان سماج ۾ اڳي ئي موجود رواج هيٺ آيل نظرين، عقيدن ۽ تصورن کي گهٽي پاڳي رد ڪندي انسانذات جي بهتر آئيندي لاءِ هڪ نئين ۽ انقلابي سوچ ۽ فڪر جي



ابتدا پئي ڪئي آهي ۽ ان ئي سوچ ۽ فڪر جي ارتقا هن وقت موجود سائنسي ترقيءَ ۽ مهذب سماج اڏڻ ۾ ڪردار پئي ادا ڪيو آهي. پنهنجي وقت ۾ هر عالم ، مفڪر، فلسفي يا سائنسدان کي نئون نظريو يا فڪر ڏيڻ ۽ رواجي سماجي تصور کي رد ڪرڻ جي قيمت به ادا ڪرڻي پئي آهي. پروميٿيس، سقراط، حضرت عيسيٰ، ڊيمي ڪرائيٽس، حضرت محمد، فرانسز بيڪن، ڪوپرنيڪس، گئليلو برونو، سباسٽين ڪاسٽيلو روسو والٽيئر، ڊارون، مارڪس ۽ ٻين اڻ ڳڻين مفڪرن کي پنهنجي علم ۽ مشاهدي آڌار نوان نظريا ڏيڻ ۽ انسانذات جي اجتمائي بهتريءَ لاءِ جاکوڙڻ ڪري وڏيون سختيون، عذاب، جلاوطني ۽ موت جون سزائون پوڳڻيون پيون پر پنهنجي نقطءِ نظر تي سندن ثابت قدمي ۽ بي خوفيءَ سان پنهنجي خيالن جي پرچار سبب انساني سماجن ۾ انقلاب برپا ٿيا ۽ سندن ئي ڪوشش عيوض اڄ انسانذات سائنسي ترقيءَ جي معراج تائين رسي آهي ۽ مهذب ۽ پرامن معاشرا وجود ۾ آيا آهن.

ڳالهه جو مطلب ته علم ۽ سماجي ذميداري لاڳاپيل شيون آهن ۽ اهل علم ۽ معلم (استاد) ڪنهن به سماج جا ذميوار فرد هُوندا آهن. مطالعي ، مشاهدي ۽ تجربي آڌار حاصل ٿيل علم ، سماج ۾ سندن ذميوارين جو تعين ڪندو آهي. سماج ۾ موجود فرسوده ۽ منفي روايتن خلاف علمي توڙي عملي جدوجهد ۽ سماج جي نئين سِر بهتر اڏاوت به سندن ئي ذميداري آهي.

اهڙي ئي نموني، اهڙي ئي ذميواري اڄ اسان جي پڙهيل لکيل طبقي تي به عائد ٿئي ٿي جيڪي عالمي ڪاروباري چٽاپيٽي جي دور ۾ تعليم جي ان عام رواجي طريقي ۽ استعمال تي ڪاربند آهن جيڪو کين وڌ ۾ وڌ معاشي نفعو پهچائي ۽ سندن خواهشن جي پورائي جي مقصد تي پورو لهي پر کين سماجي ذميداري ۽ علم سان لاڳاپيل ذميداريءَ جو ڪو ورلي ئي احساس هجي ٿو. هر دور جون پنهنجون ترجيحون هونديون آهن ۽ معاشي نفعو ۽ سماجي اسٽيٽس کي ترجيح ڏيڻ به هن دور جون رواجي تقاضائون آهن جيڪي هنن پنهنجي ئي سماج کان ورثي ۾ ورتيون آهن. ويهين صدي علم ، فڪر، سائنس، فلسفي ۽ انقلابن جي صدي هئي ته ماڻهن جون ترجيحون به تاريخ، جاگرافي، فلاسافي، ادب ۽ ثقافت هونديون هيون پر اڄ جو نوجوان بزنس ايڊمنسٽريشن، آءِ ٽِي ۽ ڪامرس کي ترجيح ٿو ڏئي ڇاڪاڻ ته اهي ئي سبجيڪٽ اڄ جي دور جي معاشي

نفعي ۽ سماجي اسٽيٽس جي حاصلات جي تقاضا آهن. علم سماجي ذميدارين جو تعين ٺوڪري ۽ بدليل ترجيحن سماج ۾ ماڻهن جي نفسيات ۾ روين کي بہ بدليل نموني شڪل ڏني آهي. پر قومن جي ترقيءَ ۽ آزاديءَ لاءِ اڄ جي سنڌي کي پنهنجين ترجيحن کي ذاتي نفعي بجاءِ اجتماعي قومي مفاد سان سلهاڙجڻو پوندو تہ جيئن سندن محفوظ ۽ خوشحال مستقبل جي ضمانت سندن ترجيحن جي صحيح چونڊ سان ٿي ممڪن ۽ لاڳاپيل آهي.

اڄ جي سنڌي نوجوان کي معاشي نفعي جا شارٽ ڪٽس اختيار ڪرڻ بجاءِ سياسي اقتصاديات جا سبق پڙهڻا پوندا ۽ ان لاءِ ان کي پهرين پنهنجي قومي ، سماجي حالتن ۽ ان کانپوءِ عالمي سياسي اقتصادي حالتن ۽ انهن جي سندن معاشري تي اثر ۽ مستقبل جي بهتر، آزاد، خوشحال، انصاف ۽ پائيداري تي ٻڌل سنڌي سماج جي اڏاوت لاءِ سماجي انقلاب جي ضرورت طور پنهنجي ترجيحن ۽ ذميوارين کي نئين سر ترتيب ڏيڻو پوندو، نہ تہ شارٽ ڪٽس جي ذريعي حاصل ڪيل معاشي نفعو ۽ سماجي اسٽيٽس ڪيس سڄي قوم ۽ سماج سميت نهوڙي ناس ڪندو ۽ سندس مال سندس ڪنهن بہ ڪم نہ ايندو، نہ ئي سندس ايندڙ نسلن کي ڇاڪاڻ تہ جڏهن قومون زوال پذير ٿينديون آهن ۽ ڏاريءَ غلاميءَ هيٺ اچي وينديون آهن تہ سندن فرد ۽ نسل ريڊ انڊين ۽ فلسطينين وانگي دربدر ٿيندا آهن ۽ سماجي مان مرتبو ۽ معاشي نفعو ڪين ڪنهن بہ ڪم ناهي ايندو ۽ هو تاريخ ۾ اڇوت بڻجي جيئندا آهن. رڪ جي ڍيرن تي سمهندڙ ڌرتي ڌڪاڻن وانگي، ان ڪري اسان کي سمجهڻو پوندو تہ سياست کان ڪناراڪشي اسان جي ڪنهن بہ ڪم نہ ايندي سواءِ تباهيءَ ۽ تنزل جي!

اڄ سنڌي سماج هر پاسي کان حملي هيٺ آهي، سندس مسجد ، مندر، خانقاهون توڙي امام بارگاهون، ڪيٽ توڙي بيٽ، بندر توڙي وسيلا، ڪاروبار توڙي قومي روايات ۽ ڪلچر، تعليم توڙي معاشي، سياسي، ثقافتي، جاگرافيائي، آبادياتي، ٻوليائي، صنفي، نفسياتي، تهذيبي، قومي آزادي ۽ مستقبل ، هر روز وڌندڙ ۽ زهر اوڳاڇيندڙ خطرن ، آفتن ۽ بلائن جي گهيري ۾ آهن. اهي بلائون اسان کي ٻئي ڪنهن بہ نہ بچيون آهن پر صرف اسان جي سُستيءَ ، ڪاهليءَ ۽ نا سمجهيءَ عيوض اسان پاڻ خريد ڪري پنهنجي ڳچيءَ ۾ وڌيون آهن. اسان جي اڪثريت ڏاري پروپيگنڊا ۽ سامراج جي ڇيڙيل نفسياتي حربن کي ڪُل قومي حالت سمجهي مذهب ، اسلام ۽ پاڪستان جي نالي ۾ اڄ بہ ڌارين وٽ يرغمال آهي ۽ سنڌ جي مجموعي سماجي حالت بدلائڻ بجاءِ صوم صلاتن، حجن زڪواتن، ميلاد جي جلوس ۾ ڊانسن ۽ سياست کان ڪنارا ڪشي اختيار ڪرڻ ۾ ئي ڀورو آهي ۽ پنهنجي تاريخ ۽ تهذيب ۽ قومي تشخص کان ڪوهين ڏور بيٺل آهي.

سنڌ جي تعليمي ادارن جي ئي ڪٽي حالت ڏسجي تہ هڪ طرف پرائمري کان هائير سيڪنڊري تائين تعليم جو هٽ وٺي ٻيڙو ٻوڙيو ويو آهي تہ ٻئي طرف يونيورسٽين کي فوجي ڇانوڻين ۾ تبديل ڪري منجهن اسرندڙ شعور ۽ سنڌين جي سياسي سمجهہ ۽ عمل جي واڌ ويجهہ کي روڪڻ لاءِ شاگرد سياست تي پابندي هڻي ادارن ۾ فرقيواريت ۽ مذهبي انتهاپسندي جو ٻج ڇٽيو پيو وڃي. ان سڄي صورتحال ۾ سنڌ ۾ سياسي ادبي مدافعتي نظام جي خالق استادن (ليڪچررن ۽ پروفيسرن، اديبن ۽ دانشورن) کي غيرسياسي ۽ غيرجانبدار هجڻ جون پٽيون پڙهائي، نوجوانن ۾ سياسي سوچ جي واڌ ويجهہ جي سامهون جڙ تہ بند ٻڌا ويا آهن.

ياد رکو تہ دشمن توهان کي غلام رکڻ لاءِ هڪ ئي اهم هٿيار استعمال ڪري ٿو، توهان کي غير سياسي رکڻ ۽ پوءِ ميڊيا ۽ پنهنجي حمايتي سياسي ڌرين جي ذريعي پنهنجي سياسي ايجنڊائن لاءِ توهان کي استعمال ڪرڻ. ڪو وقت هئو تہ علامہ آءِ آءِ قاضي ۽ ظفر حسن جهڙا ڏاها استاد سڄي قوم کي سياسي سبق ڏيندا هئا ۽ اڄ جو استاد شاگردن کي درست سياسي سوچ ۽ سمجهہ ڏيڻ بجاءِ سياست کان ڪراهت ۽ نفرت اختيار ڪري پنهنجي سماجي ذميواريءَ کان لنوائي وڃي ٿو ۽ پنهنجي شاگردن ۾ بہ غيرجانبداري جو زهر ڀري ٿو. شاگرد سياست جي منفي اثرن جي پيدا ٿيڻ ۽ ان جو پنهنجي درست لائين تان هٽي وڃڻ جو مکيہ سبب صرف شاگردن جي ناسمجهي ڪامهي پر استاد طبقي ۽ سماج ۾ شاگردن جي والدين طرفان سندس سرپرستي کان دستبرداري پڻ آهي. مان سمجهان ٿو تہ جيڪڏهن استاد ۽ والدين پنهنجي شاگردن ۽ ٻارن جي درست تربيت ڪن ۽ ڪين درست انداز ۾ سوچڻ سمجهڻ ۽ عمل ڪرڻ جي سکيا ڏين ها تہ اڄ شاگرد سياست تي لڳندڙ سيني الزامن مان ڪو ورلي ئي ان تي صحيح معلوم ٿئي ها پر بدلجندڙ سماجي روين ۽ دوري ترجيحات جا طيءِ ڪندڙ استاد ۽ والدين ئي رهيا آهن ۽ انهن ئي ڪين معاشي نفعي ۽ سماجي مرتبي کي اعليٰ انساني آدرشن ۽ اصولن تي ترجيح ڏيڻ جو سبق ڏنو آهي ۽ منجهن وڌندڙ قومي شعور ۽ سماجي سمجهہ جي آڏو بند ٻڌا آهن.

سنڌ جي استادن کي خاص طور تي سنڌي سماج جي خطرن ۾ گهيرجڻ ۽ قومي تنزل جي ذميواري جو احساس پاڻ تي ڪٽڻو پوندو ۽ نوجوانن کي تبديل ٿيل دوري ترجيحن جي ڏيڻ مان ڪڍي سنئين دڳ لائي ڪين اعليٰ قومي ۽ انساني قدرن توڙي سياست ۾ سندن سرگرميءَ جي اهميت کي اجاگر ڪري ڪين درست انقلابي لائين ڏئي سنڌي سماج جي مرندڙ قومي روايات، ڪلچر، تهذيب ۽ تاريخ کي ٻيهر جيئارڻو پوندو. هڪ استاد هئڻ جي ناتي اسانکي پنهنجي ڌرتيءَ تي پوندڙ هر پنجابي بوٽ جي ڇاپي کي روڪڻ جو فڪري سامان پيدا ڪرڻو پوندو جيئن علامہ آءِ آءِ قاضي سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ ايوبي مارشل لا جي پنجابي فوجي مداخلت کي برداشت ڪرڻ کان انڪار ڪيو ۽ سنڌ يونيورسٽيءَ جي

تاحيات وائيس چانسلرشپ تا احتجاج طور استعيفيٰ ڏئي پنهنجي معاشي ۽ سماجي مرتبي کي ٺڪرائي حق ۽ سچ جي واٽ وٺڻي پوندي. اهو تہ دور هئو جو علامہ قاضي صاحب هڪ فوجي بوٽ کي پنهنجي آفيس تائين پهچڻ نہ ڏنو پر اڄ سنڌ جي ننڍڙڪي تي ويل حقيقي شاگرد انقلابين جي چچريل لاشن ۽ هر استاد جي آفيس ٻاهران موجود فوجي بُوٽن باوجود اڄ جي استاد جو قومي ڪردار ڪٿي آهي؟!

اسان جي سماج ۾ سيني مسئلن جي پيدائش جو ڪارڻ سياست آهي تہ انهن جو حل بہ انقلابي سياست جو حصو يا محرڪ بڻجڻ ئي آهي نہ تہ يوناني ڏاهي افلاطون چواڻي "بدمعاش ماڻهو تيستائين اسان تي حڪمراني ڪندا رهندا ، جيستائين سُٺا ماڻهُو سياست کان پري رهندا"

ان ڪري اسان جي آزاد، خوشحال ۽ روشن قومي مستقبل جي ذميداري اسان جي استادن تي ئي آهي تہ اهي ڪيئن سماج ۾ پنهنجي قومي انقلابي ڪردار کي سڃاڻي پنهنجي شاگردن جي تربيت ڪا ڪن ۽ رياستي عتاب سان مدِ مقابل مثبت شاگرد سياست کي هٿي ڏيارائين. اسان جي استادن کي قومي انقلابي سياست ۽ تعليمي ادارن ۾ شاگردن ۽ استادن سان ٿيندڙ رياستي ادارن ۽ انتظاميائن طرفان ٿيندڙ تذليل تي ويچارڻو پوندو نہ صرف ايترو پر سنڌي شاگردن جي علمي اوسر لاءِ ڪين پڙهايو ويندڙ نصاب ۽ جديد سائنسي نصاب جي ترويج جي ذميواري بہ کڻڻي پوندي. هنن کي ڏسڻو پوندو تہ محمد بن قاسم، محمود غزنوي ۽ اورنگزيب عالمگير اسانجا هيرو آهن يا راجا ڏاهر، دودو سومرو، دولهہ دريا خان، هوشو شيدي ۽ سورهيہ بادشاهہ. مٿن اها بہ ذميداري آهي تہ سنڌي سماج ۾ وڌندڙ مذهبي انتهاپسندي ۽ رياستي پروپئگنڊا کان نوجوانن کي ڪيئن بچائجي! ڪيئن جديد ۽ سائنسي علم جي بنياد تي بنياد پرستي ۽ عالمي منڊي جي عالمي گهرجن جي پورائي تائين اسان جي نوجوانن جي رسائي ڪرائي سگهجي تہ جيئن سنڌي نوجوان علمي نيز سياسي ميدان ۾ وسيع نظري سان پير ڄمائي ۽ پنهنجي قومي ذميواريءَ کي محسوس ڪندي سنڌ جي سماجي انقلاب لاءِ راهون هموار ڪري، مقصد تہ سنڌ جي شاگردن ، استادن ، والدين، اديبن، دانشورن ۽ اهلِ علم ماڻهن کي ئي پنهنجي علم معرفت مٿن آيل ذميدارين جو شعور حاصل ڪري پنهنجو پنهنجو قومي ڪردار طيءِ ڪرڻو پوندو ۽ سماجي ترجيحن کي تبديل ڪندي ، ڏکيائي ۽ قربانيءَ جي واٽ وٺندي صرف ۽ صرف سنڌ ۽ سنڌين لاءِ نئين سماج جي اڏاوت کي مقصد بڻائي ، وطن جي آزاديءَ لاءِ ڪوششون وٺڻيون پونديون ۽ سنڌ جي بقا جو سامان پيدا ڪرڻو پوندو تڏهن ئي وڃي سنڌ جي دردن جو درمان ٿيندو.

**پيڙي پيڙي ٻڌ ، سورائتي سنڌرو ڪيچ اڳاهون پنڌ ، متان لڪن سان لڳي مرين. (شاهہ)**

# if جيڪڏهن...

## رُديارڊ ڪپلنگ (انگلينڊ)

رڊيارڊ ڪپلنگ جي مشهور نظم ”اِف“ جو ترجمو [ جنهن ۾ هڪ پيءُ طرفان پُٽ کي نصيحت ڪيل ]آهي.

جيڪڏهن ،
ان وقت جڏهن،
تنهنجي چوڌاري سڀ ماڻهو پنهنجا حواس وڃائي ويهي رهن ۽
سڀ سڄو ڏوهه توتي مڙهين،
تون پنهنجا هوش حواس سلامت رکين،
جيڪڏهن ان وقت
جڏهن سڀ ماڻهو توتي ڀروسو نه ڪن،
تڏهن تون پنهنجو پاڻ تي ڀروسو قائم رکين،
۽ سندن شڪ شبهن لاءِ، ڪين ڏوهه نه ڏِين،
جيڪڏهن تون انتظار ڪري سگهين،
۽ انتظار ڪندي ٿڪجي نه پوين،
جيڪڏهن ماڻهن جو تنهنجي باري ۾ ڪيل ڪوڙيون ڳالهيون ٻُڌي ٻُڌي،
تون پاڻ به ڪوڙن هٿڻ ۾ نه پئجي وڃين؛
جيڪڏهن نفرت نه ڪرڻ لڳين،
۽ ان چڱيءَ سوچ سبب پاڻ کي اجايو نيڪ نه سمجهڻ لڳين،
اهڙيون ڳالهيون نه ڪرڻ لڳين،
جن مان ڏاهپ جو ڪوڙو ڏيکاءُ نظر اچي؛
جيڪڏهن تون خواب لهي سگهين
۽ خوابن کي پاڻ تي سوار نه ڪري ڇڏين،
جيڪڏهن تون سوچي سگهين
۽ رڳو سوچيندي ئي رهڻ کي پنهنجو مقصد نه بنائي ڇڏين،
جيڪڏهن تون سوڀ توڙي شڪست سان ملين
۽ ٻنهي ڀهروپين سان هڪجهڙي هلت هلين؛
جيڪڏهن تون اها ڳالهه برداشت ڪري سگهين
ته تون جيڪو سچ ڳالهايو آهي،
تنهن کي بدمعاش ماڻهو توڙي مروڙي
ان مان احمقن کي برغلائڻ لاءِ ڪوڙڪِي بنائي ڇڏين؛
جيڪڏهن
تنهنجي ڏسندي ڏسندي،
اهي سموريون شيون ۽ ڳالهيون
جن کي ٺاهڻ ۽ بنائڻ لاءِ تون پنهنجي سموري
زندگي ڏني آهي،
سي سڀ ڀڄي ڀور ڀور ٿي پون،
۽ تون هيٺ جهڪي پنهنجي گنل ۽ گٺيل اوزارن سان،
انهن کي وري اڏي وجهين،
جيڪڏهن،
تو زندگيءَ جي راند ۾ هيسيتائين جيڪي به ڪجهه کٽيو آهي،
ان سموري کٽئي کي گڏي سڏي،

ان هڪڙي ئي داءَ تي لڳائي ڇڏين،
۽ هارائي وجهين،
۽ وري الف کان وٺي نئين سر راند شروع ڪرين،
۽ ڪنهن سان پنهنجي ان نقصان بابت ٻڙڪ به ٻاهر نه ڪڍين؛
جيڪڏهن
تون پنهنجي دل کي، پنهنجي اعصابن کي ۽ پنهنجي بدن جي مشڪن کي مجبور ڪرين،
ته اهي جڏهن صفا ختم ٿي ويا هجن،
۽ جڏهن تو ۾ سواءِ مضبوط اِرادي جي،
جيڪو توکي ڀيو چوي ته ”متان هٿ ڪڍين“
تو وٽ ٻي رتيءَ جيتري به ڦهچ نه رهي هجي،
تڏهن جيڪڏهن تنهنجو چيو ميجي،
تنهنجي دل، تنهنجا اعصاب ۽ تنهنجون مشڪون،
جنهن شيءِ کي مضبوطيءَ سان جهلڻو آهي،
تنهن مان هٿ نه ڪڍن، ان سان چهٽا پيا هجن،
جيڪڏهن،
تون جڏهن ماڻهن جي ميڙاڪن سان ڳالهائين
تڏهن پنهنجيون شرافتون برقرار رکين،
جيڪڏهن
تون بادشاهه سان هٿ هٿ ۾ ڏئي گهمين
۽ مسڪينن سان ياري قائم رکي سگهين.
جيڪڏهن توکي نه دشمن ، نه پيار ڪندڙ دوست ڪو دلي صدمو ڏيئي سگهن؛
جيڪڏهن هڪڙي بخش نه ڪندڙ منٽ ۾ ڊوڙ پائي،
تون ان ۾ سٺ سيڪنڊن جي ملهه جيترو فاصلو طيءِ ڪري ان منٽ کي سٺ سيڪڙو سڄايو ڪري سگهين؛

# JSSF(JSMM)

## Appreciates Bright Stars of Sindh.




FARHAD ALI SHAH s/o Aijaz Ali shah hold third position in Inter-Broad English essay Writing competitive 2015 conducted by Science Foundation @ Islamabad.

Farhad Shah is student of Govt. Boys Higher Secondary School, Sindh University Society Jamshoro. His father is Peon at LUMHS Jamshoro. We congratulate **Sindhi Bright Student Farhad Shah.**



Habab Idrees **secured third place at the world's largest pre-college science fair,** Intel International Science and Engineering Fair (Isef).

He is Resident of Karachi Korangi, We appreciate our **Urdu Speaking Marvellous Sindhi-Student Habab Idrees.**




RAJNESH ANIL BHATTIA s/o Professor Aneel Bhatia got Gold Medal in "International School Math Challenge" Conducted in Bangkok.

Rajnesh Bhattia is Student of Pak-Turk Int. School, Jamshoro. We Appreciate and Congratulate Our **Extra-ordinary Student of Sindh Rajnesh Bhattia.**



Shadab Rasool Buriro s/o Ghulam Rasool Buriro got Silver medal in Global Environmental Issue-US Olympiad organized by State University New York @ Oswego and The Terra Science & Education Foundation.

Shadab Rasool 10th grade student in Pak-Turk International School, Khairpur. We Congratule our **Intelligent Sindhi Youngster Shadab Rasool**